10-172

# ياد خليل

عظمت مآب شيخ الشيوخ و مخدوم المخاديم فخر المشائخ نقشبند
قيوم الزمان حضرت خواجه محمد ابراهيم جان خليل سرهندي
مجددي فاروقي نقشبندي رحمته الله عليه جن جي مبارڪ زندگي جو
احوال ۽ سندن اقوال



راقم مصنف ۽ ناشر

ثناءُ الله ثنا سرهندي

Marfat.com

10-172

# یاد خلیل

عظمت مآب شيخ الشيوخ و مخدوم المخاديم فخر المشائخ نقشبند
قيوم الزمان حضرت خواجہ محمد ابراهيم جان خليل سرهندي
مجددي فاروقي نقشبندي رحمتہ الله عليہ جن جي مبارڪ زندگي جو
احوال ۽ سندن اقوال



راقم مصنف ۽ ناشر

ثناءُ الله ثنا سرهندي

Marfat.com

# ياد خليل

ظمت مآب شيخ الشيوخ و مخدوم المخاديم فخر المشائخ نقشبند
يوم الزمان حضرت خواجه محمد ابراهيم جان خليل سرهندي
جددي فاروقي نقشبندي رحمته الله عليه جن جي مبارڪ زندگي جو
احوال ۽ سندن اقوال

راقم مصنف ۽ ناشر

**ثناءُ الله ثنا سرهندي**

Marfat.com

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

84440

كتاب جو نالو : يادِ خليل

مصنف : ثناءالله ثنا سرهندي

ناشر : ثناءالله ثنا سرهندي

كمپوزنگ : پارس كمپوزنگ سينٽر حيدر چوڪ گاڏي کاتو حيدرآباد

لي آئوٽ : رسول بخش سولنگي

ڇپيندڙ : اين كي پرنٽنگ پريس گاڏي کاتو حيدرآباد

قيمت : 60 روپيا

سن اشاعت : سيپٽمبر 2003ع

**ياد خليل ملڻ جا هنڌ**

1. شعبہ نشر و اشاعت انجمن غلامان مصطفيٰ صہ گلزار خليل وايا سامارو
2. ابو سرور غلام رسول خاصخيلي خليلي،
طالب المولىٰ كالوني ٽنڊو سومرو روڊ ٽنڊو الهيار.
3. حاجي محمد موسيٰ حاجي جميل ميمڻ،
غفار ميڊيكل اسٽور مراد ميمڻ ڳوٺ ملير كراچي نمبر 52.
4. مولوي نظر محمد درس،
خطيب مسجد عائشہ صديقہ رضيہ وهرو روڊ عمركوٽ.

Marfat.com

# انتساب

امام العصر- بهشت برين ماڻ
وقت توکي جيڪو زندگي جو لاڀ
مليو انهي جي ئي نالي .........

Marfat.com

# فهرست


| نمبر | نالو تحرير بالترتيب | صفحو |
|---|---|---|
| 1 | حمد | 5 |
| 2 | نعت | 6 |
| 3 | تقريظ- حضرت آغا محمد | 7 |
| 4 | ايوب جان | |
| 5 | ٻه اکر- پنهنجي پاران (مصنف) | 10 |
| 6 | سلسلہ نسبت- حضرت قبلہ خليل رح | 13 |
| 7 | سلسلہ طريقت- حضرت قبلہ خليل رح | 15 |
| 8 | خانداني پسمنظر | 17 |
| 9 | تذکره سراج الاوليا حضرت شاهه عبدالرحمان رح | 22 |
| 10 | تذکره حضرت خواجه شاهه محمد حسين جان رح | 28 |
| 11 | تذکره حضرت خواجه محمد اسماعيل جان روشن رح | 32 |
| 12 | ولادت با سعادت حضرت قبلہ خليل رح | 37 |
| 13 | علم و فضل | 38 |
| 14 | عبادت و رياضت | 41 |
| 15 | شريعت | 44 |
| 16 | معرفت و طريقت | 47 |
| 17 | علميات | 52 |
| 18 | طب و حکمت | 55 |
| 19 | ادب | 58 |

| نمبر | نالو تحرير بالترتيب | صفحو |
|---|---|---|
| 20 | تصنيفات | 64 |
| 21 | تبليغ دين متين | 65 |
| 22 | طالبان طريقت | 69 |
| 23 | پاڙيسرين سان حسن سلوڪ | 80 |
| 24 | ڏاڙيلن ڏانهن خط | 83 |
| 25 | ظالم زميندار ڏانهن خط | 85 |
| 26 | بزرگان دين سان محبت ۽ عقيدت | 86 |
| 27 | انجمن غلامانِ مصطفيٰ جو قيام | 91 |
| 28 | رسالي .. الاصلاح.. جو اجراء | 93 |
| 29 | جڏهن پوي ٿي ياد | 95 |
| 30 | پلئہ پايو سچ | 102 |
| 31 | مانجهاندي جو ماڳ | 106 |
| 32 | حج جو آخري سفر | 110 |
| 33 | زندگي مبارڪ جا آخري ڏينهن | 111 |
| 34 | وفات حسرت آيات | 116 |
| 35 | اولاد | 121 |
| 36 | مرثيو (ثنا) | 121 |
| 37 | مرثيو: (مولوي نواب الدين راهمون) | 122 |
| | تاثرات ..مونسان ٿو جاڙون ڪري | 123 |
| 38 | تعزيتي تاثرات ٻُڪ مان اقتباس | 130 |
| 39 | تعزيتي تاثرات ٻُڪ مان ٻيو چوند اقتباس | 132 |


Marfat.com

حمد

# شان ڪبريائي

هي ڪائنات ساري ڪيئن اي خدا بڻايئي
قدرت جو شان ڇا هو هت ان مان ڇا بڻايئي
جت هو عدم اتي اڄ آبايون عجائب
جت ڪين هو اتي هي ڪوڙين قصا بڻايئي
ڪنهن شئي منجهان نهي تي ڪا شئي جي ڪو تو ناهي
ڇا هو ازل ۾ جنهن مان ارض و سما بڻايئي
ماٺو ٿيو مٽ مٽي مان پر مٽ مٽي جي ڇا مان
جن هڏ جڙيا هوا مان ڇا مان هوا بڻايئي
ٿيون حڪمتون هزارين پر آئون انهي ۾ حيران
سنسار سارو صاحب ڪنهن شئي سوا بڻايئي
ڇنڇي ڪٿي ته مادو اصل آهي منڪرن جيئن
پر آئون چوان ٿو مادو ڇا مان پيلا بڻايئي
هن نسيت مان عدم مان هن ڪين مان اي قادر
جيڪا به شئي بڻايئي سا بي بها بڻايئي
حيران ٿي، خليلا ... هر هر چوان ٿو هن پر
هي ڪائنات ساري ڪيئن اي خدا بڻايئي

حضرت قبله خليل رحمة الله عليه

Marfat.com

نعت

# شان شاهہ امم

نہ مت منهنجي آقا جو اقليم ۾
نہ ڪنهن ٻي جهان ۾ نہ تقويم ۾
بيان شان ڪريو تقدس سان انجو
زبان ڌوئي ڪوثر ۽ تسنيم ۾
ازل تا ابد تنهن جي عظمت اڳيان
فلڪ سر جهڪائي ٿو تعظيم ۾
منور مطهر آ روضو رسول
زمين کي مليو عرش تقسيم ۾
فرشتا نبي صف بصف جت سلامي
بيهن سبز گنبذ جي تڪريم ۾
مزمل مدثر ۽ ياسين طٰہٰ
مدح مير طاسين حاميم ۾
ڏني جت گواهي شجر ۽ حجر ٿي
رسالت جي تصديق تسيلم ۾
حڪم سان وريو ٿي لٿل آفتاب
اشاري سان مهتاب دونيم ۾
ثنا. شل حياتي هجون ساري طالب
محمد جي تدريس تعليم ۾
ثنا.

Marfat.com

# تقريظ

از

**حضرت آغا محمد ايوب جان سرهندي مدظله سجاده نشين خانقاه عاليه مجدديه ابراهيميه گلزار خليل.**

اعوذبالله مِنَ الشيطانِ الرَجيم بسم الله الرحمان الرحيم

از خون دل نوشتم نزديک يار نامه
اني رائيت دهرا من هجرک القيامه

ترجمو: دل جي رت سان محبوب ڏانهن خط لکيم. تنهنجي فراق جي زماني کي قيامت سمجهيم.

دارم من از فراقت در ديده صد علامت
لست دموع عيني هذا لنا العلامه

ترجمو: تنهنجي فراق جون اکين ۾ سو نشانيون اٿم. فقط هي لڙک نشانيون نه آهن.

اصل ۾ هن ڪتاب، 'ياد خليل' جو هڪ هڪ لفظ دل نشين ۽ رقت آميز انهي ڪري آهي جو مصنف کي جيئن جيئن اندر مان اُڌمان اٿندا ويا قلم بند ڪندو ويو. سو به هڪ مهجور ۽ مغموم پُٽ جنهن سان گڏ گهاريل گهڙين کي ڪتابي شڪل ڏئي پنهنجي روح جي تسڪين جو سامان ڪيو ۽ حافظ شيرازي جي زبان ۾،

Marfat.com

مضت فرص الوصال وما شعرنا،
بگو حافظ غزلهائے فراق

ترجمو: وصل جون گهڙيون گذري ويون ۽ اسان کي پتو ئي کونہ پيو، اي حافظ هاڻي فراق جا غزل ڳائي.

مريدن ۽ عقيدتمندن کي سندن نوراني شخصيت جي مختلف پهلوئن جي آگاهي پڻ ڏني.

انشاءالله تعالي ايندڙ وقت جا مصنف قبلہ والد صاحب رحمة الله عليہ جن جي زندگي جا حالات ۽ دين متين لاءِ سندن روشن کيل شمع بابت لکندا رهندا پر هڪ نيڪ سعادتمند پٽ جنهن سڄي چمار ساڻن گڏ گهاري کين ڏنو ٻڌو ۽ سمجهيو ۽ پرايو تنهن ديانت ۽ امانت سان پنهنجا مشاهدات ۽ جذبات قلمبند کيا آهن جو هڪ هڪ لفظ صحيح واضح ۽ دل نشين ۽ رقت آميز هجڻ سان گڏ مصنف جي خلوص محبت ۽ عقيدت جو مظهر آهي ۽ پڻ مستقبل جي مصنف لاءِ راهہ جو تعين بہ.

دعا آهي تہ الله پاڪ جماعت ۽ اولاد کي صبر جميل عطا کري ۽ سندن نقش قدم تي هلڻ جي توفيق بخشي. آمين

برادر مکرم آغا محمد عرف ثناءُ الله جان بفضله سنو مضمون نگار ۽ بهترين نعت گو شاعر پڻ آهي. چو نہ سندس تحرير ۾ رواني ۽ ميناج محسوس ٿيئي جو هي کتاب انهي هستيءَ بابت لکيو ويو آهي. جنهن کي ولايت تہ نہ نديڻ ۾ ئي

Marfat.com

مالڪ مهربان عطا فرمائي. پوءِ جيئن جيئن وقت گذرندو ويو سندن درجات جي بلندي ٿيندي رهي. علوم ۾ اينترا جو ڳڻڻ ڪان وڌيڪ. تقويٰ ۽ طريقت ۾ قطب ۽ غوث جون منزلون ماڻيندا قيوميت جي اعليٰ مقام تي فائز ٿيا. ڪين بلاشبه مفلحون ۽ فائزون جي جماعت جو سرواڻ چئي سگهجي ٿو. سندن فيوض و برڪات قيامت تائين گلزار خليل جي خانقاه کي آباد ۽ شاد ڪندا رهندا.

ديدم ڪه شعر دلڪش حافظ بمدح شاه
هربيت ازان سفينه به از صد رساله بود

## احاديثِ رسول ﷺ

جيڪو ماڻهو هر روز پاهتر دفعا پنهنجي موت کي ياد ڪري اوهو قيامت جي ڏينهن شهيدن جي درجي ۾ شمار ڪيو ويندو.

●

قبر ۾ مومن ۽ صالح بندي کي هر صبح ۽ هر شام بهشت جون جايون ۽ باغ باغيچا ڏيکاريا وڃن ٿا ۽ ڪيس ٻڌايو وڃي ٿو ته تنهنجي ايندڙ زندگيءَ ۾ هي سڀ نعمتون توسان گڏ هونديون. اهڙي طرح بدڪار ۽ فاسق فاجر ماڻهو کي قبر ۾ هر صبح ۽ هر شام جهنم جون ڪاهيون ۽ انهن ۾ موجود عذاب ڏيکاريا وڃن ٿا ۽ ڪيس ٻڌايو وڃي ٿو ته تنهنجي ايندڙ زندگي ۾ هي باهه جا آڙاهه ۽ هي نانگ بلائون پڻون تنهنجو انتظار پيا ڪن.

Marfat.com

# پيش لفظ

ياد خليل نه ته ڪو افسانوي داستان آهي ۽ نه ڪا شخصي آتم ڪهاڻي. هي ايمان افروز تذڪرو ولايت ۽ روحانيت جي هڪڙي عهد جي انهي عهد ساز هستي جو آهي جنهن جي هر هڪ نگاهه فيض هزارين زندگي جي آتم ڪهاڻين جا رخ بدلائي ڇڏيا رشد و هدايت تبليغ تلقين جا قنديل ٻرندا رهيا ۽ پٽڪيل ڪاروان منزلون ماڻيندا رهيا سندن صورت ۽ سيرت اهڙو آئينو هئي جنهن ۾ ڏسڻ واري انسان پنهنجو اصل مقام ڏنو اوهو چاتو سڃاتو پرکيو ۽ پروڙيو سندن بابرڪت ذات تاڪ تڙڪي جي چرين ۾ ٿامون ٻٽيل ذرتي تي ٿڌي ڇانو هئي اوها ڇانو سربسر جن به خوش نصيبن ڪي سري اوهي يقيناً يوم حشر ۾ عرش الهي جو سايو به ماڻيندا. هڪڙي پٽ جي حيثيت ۾ زندگي جو انيتاليهن سالن کان وڌيڪ عرصو مون سندن سائي ۾ قريب کان قريب تررهي سندن همه جهتي ۽ جامع صفاتي ذات جو شب و روز مشاهدو ڪيو ۽ بعد از وفات دستياب چاڻ موجب ڪامل يقين هو ته سندن شخصيت جي حوالي سان هر رخ هر پهلو ۽ هر زاويي سان احاطو ڪري مڪمل مفصل احوال لکڻ ۾ ڪا به دقت نه ٿيندي. پر پوءِ مهنن جي محنت ۽ مشقت سان ڪئين مضمون ڪئين تذڪرا لکڻ کان پوءِ به مون کي ائين محسوس ٿيو ته اجا قدم اتي ئي آهن جتان سفر شروع ٿيو هو سوچ ۽ چاڻ جون ديوارون تنگ و تاريڪ نظر آيون. بلاشبه حضرت قبله جن جي ذات اهڙو اجهاڳ سمند هئي جنهن جي

Marfat.com

بي سري تي اج شايد ذوالقرنين به نه پهچي سگهي ها جيڪڏهن مذڪوره ممدوحه ذات کي ڪنهن وسيع و عريض ۽ بلند و بالا عمارت سان تشبيهه ڏجي ته پوءِ رڳو ڪن هنڌان انهي جون دريون ڪوليون ويون آهن. شامل مضمونن مان هر هڪ مضمون ۾ جاٽايل ڳالهيون وڏ ڪان وڏ اختصار سان لکيون ويون آهن جيڪڏهن اوهي مڪمل تفصيل سان لکجن ها ته پوءِ هي سڄو ڪتاب هڪڙيئي مضمون ۾ پورو ٿي وڃي ها. هن رسالي جو آخري ورق لکڻ ڪان پوءِ جاٽايل مواد تي سرسري نظر وڌي وئي ته رهجي ويل سوبن ڳالهيون واقعا يادگيريون حڪايتون ۽ مشاهدا ڇڻ ته ذهني اج جي شدت ۾ ڦتڪڻ لڳا. ساڳئي وقت ٿڪل ٽٽل اعصاب کي نئين جاڳيل عزم ۽ حوصلي اطميناڻ ڏياريو ته جيڪر حسب حال ذهني سگهه ساٿ ڏنو ته 'ياد خليل' جو ٻيو حصو به لکي منظر عام تي آندو ويندو. انشاءالله تعالي حضرت قبله جن جي سيرت و ڪردار تي اجان تمام گهڻو لکڻ جي ضرورت آهي هيستائين 'ياد خليل'، 'مڪتوبات خليلي' ۽ 'الاصلاح خليل نمبر' ۾ جيترو مواد شايع ٿيو آهي انهي ڪان يقيناً پنجوڻون مواد اجا لکجڻ ۽ ڇپجڻ جو منتظر آهي. انهي سلسلي ۾ آئون دوستن ۽ واسطيدار اهل قلم حضرات کي گذارش ڪندس ته اهي به اڳتي اچن ۽ خليلي سيرت و ڪردار تي لکڻ جو حق ادا ڪن. الحمدلله خليلي جماعت ۽ متعلقين ۾ اهڙا بهترين دماغ موجود آهن جيڪي پنهنجي پيشوا ۽ روحاني رهبر بابت وڏ ڪان وڏ ۽ سير حاصل تحريري ۽ تحقيقي تقاضائون پوريون ڪرڻ جي مڪمل صلاحيت رکن ٿا اهي لکڻ

Marfat.com

وارا اسان جو بيحد قيمتي سرمايو آهن رب پاڪ کين سلامت ۽ سندن قلم کي اجان بہ وڌيڪ سگهارو بنائي. آمين. هي تذڪرو توڙي بيا وقت بوقت ساميئڙن جا سخن هيئنئڙي ۾ هرندا رهندا حرف و سخن جا باهمي ربط ٽٽندا ۽ جڙندا رهندا پر هڪ حقيقت پنهنجي جاءِ تي اٽل رهندي تہ اوير جي افق تان جيڪو سج اڀريو اهو پوري آب و تاب سان چارئي ڏسون روشن ڪري اولهہ جي لڪن ۾ غروب ٿي ويو. ڪائنات جي انگ تي اونداهي رات جي ڪاري چادر ويڙهجي وئي.

جيسين صبح صادق نمودار ٿيئي تيسين اچو تہ رات جا ڪي پل جاڳي 'ياد خليل' جا ورق اٿلايون جنهن جي هجر ۾ اندر آتو آهي انهي جي روح پرور ساروٽين سان ساهہ کي سڪون بخشيون. اميد تہ هي ٿورڙو اوجاڳو ايندڙ گهڙين ۾ اکين کي اڻ ميو آرام ڏيندو.

آخر ۾ آئون پنهنجي پاءُ ۽ حضرت قبلہ جن جي ميراث فقيري جي روحاني وارث قبلہ آقا محمد ايوب جان مدظله جو ٿورائتو آهيان جنهن هن ڪتاب جو مهاڳ لکي پيش ڪيل مفلوظات ۽ معروضات کي بارگاهہ خليلي ۾ مستجاب ٿيڻ جي سند ڏني ۽ مفيد رايا ڏنا ن تمهيدي ڪلمات جي پڄاڻي آئون هنن دعائيہ جملن سان ڪندس تہ شال ڪيچ وٽن ڏانهن ڪاهڻ وارين معذورين سانگين ۽ سرزمين جو هي سات لڪ لنگهي پنهون چام جا پنڌ ۽ پيرا پسندو رهي ۽ دشت و بيابان جي ڏيري ڏيل تي وادي فاران جا ويس اوڍيندو رهي.

آرياڻي اتور جي سرواڻي ۾

هتي ۽ هُتي

ثنا

Marfat.com

# سلسلہ نسب حضرت قبلہ خلیل رحمۃ اللہ علیہ

١- حضرت قبلہ خواجہ محمد ابراهیم جان خلیل رح
٢- بن حضرت خواجہ شاہ محمد اسماعیل جان روشن رح
٣- بن حضرت خواجہ شاہ محمد حسین جان رح
۴- بن حضرت شاہ عبدالرحمان جان رح (سراج الاولیاءِ)
۵- بن حضرت شاہ عبدالقیوم جان رح (قیوم زمان)
٦- بن حضرت شاہ محمد فضل الله رح
٧- بن حضرت شاہ غلام نبي رح (میر صاحب)
٨- بن حضرت شاہ غلام حسن رح
٩- بن حضرت شاہ غلام محمد عرف حضرت جي صاحب رح
١٠- بن حضرت شاہ غلام محمد معصوم ثاني رح
١١- بن حضرت شاہ محمد اسماعیل رح
١٢- بن حضرت شاہ صبغت الله رح
١٣- بن عروۃ الوثقیٰ حضرت امام معصوم رح
١۴- بن امام رباني مجدد الف ثاني حضرت شیخ احمد سرهندي رح فاروقي
١۵- بن حضرت خواجہ مخدوم عبدالاحد رح
١٦- بن حضرت خواجہ شیخ زین العابدین رح
١٧- بن حضرت خواجہ شیخ عبدالحئي رح
١٨- بن حضرت خواجہ شیخ محمد رح
١٩- بن حضرت خواجہ شیخ حبیب الله رح

Marfat.com

۲۰- بن قطب الاقطاب حضرت امام رفیع الدین رح
۲۱- بن حضرت خواجہ شیخ نصیرالدین رح
۲۲- بن حضرت خواجہ شیخ محمد سلیمان رح
۲۳- بن حضرت خواجہ شیخ محمد یوسف ثانی رح
۲۴- بن حضرت خواجہ شیخ محمد اسحاق رح
۲۵- بن حضرت خواجہ شیخ عبداللہ رح
۲۶- بن حضرت خواجہ شیخ محمد شعیب رح
۲۷- بن حضرت خواجہ شیخ احمد رح
۲۸- بن حضرت خواجہ شیخ محمد یوسف اول رح
۲۹- بن حضرت سلطان شہاب الدین عرف فرخ شاہ کابلی رح
۳۰- بن حضرت خواجہ عبداللہ نصیرالدین رح
۳۱- بن حضرت خواجہ محمود صاحب رح
۳۲- بن حضرت خواجہ سلیمان صاحب اول رح
۳۳- بن حضرت خواجہ مسعود صاحب رح
۳۴- بن حضرت خواجہ عبداللہ واعظ الاصغر رح
۳۵- بن حضرت خواجہ عبداللہ واعظ الاکبر رح
۳۶- بن حضرت خواجہ ابوالفتح صاحب رح
۳۷- بن حضرت خواجہ اسحاق صاحب رح
۳۸- بن حضرت خواجہ ابراھیم صاحب رح
۳۹- بن حضرت خواجہ ناصر صاحب رح
۴۰- بن حضرت سیدنا عبداللہ رضی اللہ تعالیٰ عنہ
۴۱- بن حضرت فاروق اعظم سیدنا عمر بن الخطاب رضی اللہ تعالیٰ عنہ

Marfat.com

# سلسلہ طریقت حضرت قبلہ خلیل رحمۃ اللہ علیہ

۱- قيوم الزمان حضرت خواجہ محمد ابراهيم جان خليل سرهندي مجددي نقشبندي رحمة الله عليه
۲- حضرت خواجہ سيد فيض محمد شاہ قنذاري رحمة الله عليه
۳- حضرت خواجہ شاہ رحمدل صاحب قنذاري رحمة الله عليه
۴- حضرت خواجہ شاہ محمد عالم صاحب قنذاري رحمة الله عليه
۵- حضرت خواجہ شاہ شيرمحمد صاحب قنذاري رحمة الله عليه
۶- حضرت خواجہ شاہ نورمحمد صاحب قنذاري رحمة الله عليه
۷- حضرت خواجہ ميان شاہ عبدالحكيم صاحب قنذاري رحمة الله عليه
۸- حضرت عروة الوثقىٰ امام محمد معصوم رحمة الله عليه
۹- حضرت امام رباني مجدد الف ثاني سيدنا شيخ احمد فاروقي سرهندي رحمة الله عليه
۱۰- حضرت خواجہ باقي بالله صاحب رحمة الله عليه
۱۱- حضرت خواجہ امكنگي صاحب رحمة الله عليه
۱۲- حضرت خواجہ محمد درويش صاحب رحمة الله عليه
۱۳- حضرت خواجہ محمد زاهد صاحب رحمة الله عليه
۱۴- حضرت خواجہ شاہ عبيدالله احرار صاحب رحمة الله عليه
۱۵- حضرت خواجہ شاہ محمد يعقوب چرخي رحمة الله عليه
۱۶- حضرت خواجہ شاہ علاؤالدين عطار رحمة الله عليه
۱۷- حضرت خواجہ محمد شاہ نقشبند بخاري رحمة الله عليه

Marfat.com

۱۸- حضرت خواجہ سید امیر کلال رحمۃ اللہ علیہ
۱۹- حضرت خواجہ شاہ محمد بابا سماسی رحمۃ اللہ علیہ
۲۰- حضرت خواجہ شاہ عزیزان علی رامیتنی رحمۃ اللہ علیہ
۲۱- حضرت خواجہ شاہ محمود انجیر فغنوی رحمۃ اللہ علیہ
۲۲- حضرت خواجہ محمد عارف ریوگری رحمۃ اللہ علیہ
۲۳- حضرت خواجہ عبدالخالق غجدوانی رحمۃ اللہ علیہ
۲۴- حضرت خواجہ محمد یوسف ہمدانی رحمۃ اللہ علیہ
۲۵- حضرت خواجہ شیخ ابوعلی فارمدی رحمۃ اللہ علیہ
۲۶- حضرت خواجہ سلطان المشائخ ابوالحسن خرقانی رحمۃ اللہ علیہ
۲۷- حضرت خواجہ سلطان العارفین بایزید بسطامی رحمۃ اللہ علیہ
۲۸- حضرت سیدنا امام جعفر صادق رضی اللہ تعالیٰ عنہ
۲۹- حضرت قاسم بن محمد بن سیدنا ابوبکر صدیق رضی اللہ تعالیٰ عنہ
۳۰- حضرت سیدنا سلمان فارسی رضی اللہ تعالیٰ عنہ
۳۱- حضرت خلیفۃ الرسول سیدنا ابوبکر صدیق رضی اللہ تعالیٰ عنہ
۳۲- حضور سیدالانبیاءِ والمرسلین رحمۃ للعالمین محمد مصطفیٰ احمد مجتبیٰ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم

Marfat.com

# خانداني پسمنظر

سيدنا فاروق اعظم عمر بن الخطاب رضي الله تعاليٰ عنه جي اولاد مان حضرت مجدد الف ثاني رحمة الله عليه تائين فاروقي ۽ حضرت مجدد پاڪ رح کان پوءِ مجددي سرهندي سڏجندڙ هن خاندان جو گهڻو تعداد عرب جي سرزمين کان هجرت ڪري افغانستان ۾ اچي آباد ٿيو. هن سلسلي مان ٽن بزرگن حضرت شيخ شهاب الدين المعروف فرخ شاهه ڪابلي رح حضرت شيخ محمد يوسف رح ۽ حضرت شيخ احمد رح هڪ ٻئي پنيان افغانستان تي حڪومت ڪئي. انهن ٽنهي بزرگن مان اول الذڪر حضرت شيخ شهاب الدين فرخ شاهه ڪابلي رح گهڻي شهرت ماڻي، جنهن نه رڳو مملڪت جي هر شعبي ۾ اسلامي نظام عدل قائم ڪيو. سمورا قاعدا ۽ قانون قرآن و سنت جي روشنيءَ ۾ وضع ڪيا، پر ڪفر ۽ شرڪ جي خلاف ڀرپور جنگيون وڙهيون. هندستان جا ڪجھ علائقا فتح ڪري افغانستان جي اسلامي حڪومت ۾ شامل ڪيا. سومنات مندر سميت هندو راجائن جي وڏن طاقت جي مرڪزن تي محمود غزنوي کان اڳ حضرت فرخ شاهه ڪابلي رح چڙهايون ڪيون. اسلام جي تبليغ لاءِ عالمن ۽ صوفي بزرگن جا جٿا غيراسلامي پرڳڻن ۾ موڪليا. آخري عمر ۾ پاڻ حڪومت جو انتظام سندن فرزند حضرت شيخ محمد يوسف رح جي حوالي ڪري گوشه نشيني اختيار ڪيائون. حضرت شيخ محمد يوسف رح به ساڳي طرح ايام پيري ۾ حڪومت سندن فرزند. حضرت شيخ احمد رح جي

Marfat.com

سپرد ڪئي، جنهن رڳو چند سالن بعد پنهنجي هڪ معتمد خاص کي پنهنجي جاءِ تي حاڪم مقرر ڪري، پنهنجي لاءِ معرفت الاهي جي بادشاهي جو انتخاب ڪيو. اهڙي طرح هن خاندان خسروي جاهه و جلال کي ترڪ ڏئي، فقيري جو اصل ميراث ٻيهر هٿ ڪيو. ڪجهه پيڙهيون اڳتي هلي، هن سلسلي جي هڪ بزرگ حضرت امام رفيع الدين رح پنهنجي مرشد حضرت سيد جلال الدين بخاري رح جي رفاقت ۾ هندستان جي پنجاب پرڳڻي ۾ آيو ۽ مرشد جي هدايت موجب پاڻ ۽ سندن پاءُ حضرت شيخ فتح الله رح اتي مستقل سڪونت اختيار ڪئي. سندن اعليٰ صلاحيتن کان متاثر ٿي، وقت جي بادشاهه ٻنهي ڀائرن کي وڏا عهدا ڏنا. ڪجهه مهينن بعد بادشاهه جي طرفان دهلي ۽ امرتسر جي وچ ۾ سهرند نالي هڪ گهاٽي جهنگ ۾ هڪ قلعو تعمير ڪرڻ جو ڪين حڪم مليو. انهيءَ قلعي جي اڏاوت کان پوءِ ٿورن ئي سالن ۾ اندر سهرند وارو ٻيلو جتي شينهن رهندا هئا، اوهو شهر بنجي ويو ۽ سهرند مان بدلجي سرهند شريف جي نالي سان مشهور ٿيو.

حضرت امام رفيع الدين رح جي پنجين پشت ۾ محبوب سبحاني، غوث صمداني، امام رباني، مجدد الف ثاني حضرت شيخ احمد فاروقي سرهندي رحمة الله عليه جن پيدا ٿيا. سندن روحاني طاقت اڪبري مغل سلطنت سان ٽڪر کاڌو. بادشاهه جي ملحد وزيرن ۽ مشيرن جي نئين ايجاد ڪيل نظريي دين الهي يا آئين الهي کي ڊاهي برصغير جي مسلمانن کي حق جي راهه ڏيکاري. انهيءَ طويل جدوجهد ۾

Marfat.com

کين اکبري ۽ جهانگيري غيض و غضب نہ جهڪائي سگهيو نہ هٽائي سگهيو. نصرت ايزدي ساڻن گڏ هئي. سندن مذهبي تبليغي روحاني ۽ اصلاحي ڪارنامن تي هيل تائين سوين ڪتاب لکيا ويا آهن. تصوف ۾ پاڻ نقشبندي سلسلي جا داعي هئا. ۽ هن روحاني سلسلي کي برصغير کان علاوه عرب کان اوپر ۽ اتر ايشيا کان وٺندي ڪوهہ قاف جي پرڳڻن تائين پهچايائون. پاڻ ٢٨ صفر سن ١٠٣٤هہ ۾ سرهند شريف ۾ وفات ڪيائون. حضرت مجدد الف ثاني رح جي وفات کان پوءِ سندن اولاد مان هڪ ٻئي پٺيان چار سجاده نشين سرهند شريف ۾ ئي رهيا ۽ اتي ئي مدفون آهن. پوئين عرصي ۾ جڏهن سکن جون مسلمانن سان لڙايون شروع ٿيون تہ سندن خلاف خانقاهہ مجدديہ سرهند شريف مان بہ علم جهاد بلند ٿيو. هن خانقاهہ جي هزارين مريدن طويل عرصو ساڻن جنگ جوٽي. انهيءَ وقت مرڪز ۾ زوال پذير مغل سلطنت ٽڪرا ٽڪرا ٿي چڪي هئي. مسلمانن لاءِ موثر قيادت ڪابہ نہ رهي. ڪين چئني طرفن کان سک، مرهٽا، راجپوت ۽ انگريز وڪوڙي ويا. سرهند شريف رياست مشرقي پنجاب ۾ واقع هو، اتي جي مقامي آبادي جي وڏي اڪثريت سکن جي هئي. مسلمانن جا گهر آباديون املاڪ ۽ رستا انهن جي گهيري ۾ هئا. ڪٿان بہ ڪنهن رسد جو ذريعو باقي نہ رهيو. اهڙي صورتحال ۾ حضرت مجدد پاڪ رح جو پنجون سجاده نشين حضرت شاهہ غلام محمد عرف حضرت جي صاحب رح پنهنجي آباؤ اجداد جو وسايل هي شهر ڇڏي، خاندان سميت افغانستان ۾ هجرت ڪري آيو، جيڪو ڪجهہ عرصي بعد پشاور جي سفر دوران

Marfat.com

علالت سبب وفات ڪري ويو. سندن مزار پرانوار پشاور شهر جي پوري وچ ۾ آهي. سندن وڏو فرزند ۽ سجاده نشين حضرت شاهه غلام حسن رح به اتي سندن پهلو ۾ آسوده خاڪ آهي. حضرت شاهه غلام حسن رح جي اولاد مان هڪ ٻئي پنيان ٽي بزرگ حضرت شاهه غلام نبي رح، حضرت شاهه فضل الله رح ۽ حضرت شاهه عبدالقيوم رح افغانستان جي قنڌار صوبي جي علائقي ارغستان ۾ مدفون آهن. چوٿين پيڙهي ۾ سراج الاولياءِ قطب ارشاد حضرت شاهه عبدالرحمان رحمت الله عليه پيدا ٿيو، جيڪو حضرت قبله خليل رح جن جو پڙڏاڏو هو. پاڻ افغانستان مان هجرت ڪري سنڌ ۾ آيو ۽ حيدرآباد کان سورهن ميل ڏکڻ اولهه طرف گنجي ٽڪر جي جابلو گهاٽي ۾ سندن مزار پرانوار مقبرو شريف جي نالي سان مرجع خلائق آهي. مجددي خاندان جي سرهند شريف مان روانگي بعد سکن جي فوج جو هڪ وڏو جٿو درگاهه حضرت مجدد الف ثاني رح کي شهيد ڪرڻ لاءِ درگاهه جي صحن ۾ داخل ٿيو. انهن مان هڪڙو ٽولو حضرت مجدد پاڪ جي روضي کي مسمار ڪرڻ لاءِ مٿي گنبذ تي چڙهي ويو. انهيءَ واقعي جي تذڪري ۾ حضرت قبله رح جن هڪ دلچسپ ۽ حيرت انگيز ڳالهه ٻڌائي، ۽ اوها هي ته جهڙي طرح رب العالمين ڪعبت الله شريف تي حملو ڪري ايندڙ ابرهه بادشاهه جي هاٿين تي سوار فوج جي خاتمي لاءِ ابابيل پکي موڪليا، جن جي چهنب ۾ ننڍڙيون پٿريون گولي وانگر ابرهه ڪافر جي لشڪر جا جسم چيري هاٿين مان به پار ٿي زمين ۾ هليون ويون، جيڪي پٿريون ڪافرن جي مٿي تي ڪريون،

Marfat.com

انهن جي مٿي جو ميڄالو نڪ ۾ وات مان ٻاهر نڪري آيو. اهڙيءَ طرح سکن به جڏهن درگاهه حضرت مجدد الف ثاني رح تي حملو ڪيو ته اندران روضي شريف مان ڪروڙن جي تعداد مان چيلاٽا (ڏيـنـڀو) ٻاهر نڪتا، جيڪي سکن جي سڄي لشڪر تي وري ويا. منجهن زهر ايڏو ته شديد ۽ مهلڪ هو، جو جنهن کي به ڏنگ ٿي لڳو، اوهو يا ته مري ٿي ويو، يا بيهوش ٿي ويو ٿي. جيڪو ٽولو مقبري پاڪ کي ڍاهڻ لاءِ مٿي گنبذ تي چڙهيو، انهيءَ ٽولي جا سمورا ماڻهو سخت گهٻراهٽ ۾ پنهنجو منهن چيلاٽن کان بچائڻ لاءِ پوئين پير هٽندي مٿان گنبذ جي بلندي تان هيٺ ڪري مري ويا. سڄي لشڪر ۾ رڙيون پئجي ويون. صحيح سلامت رڳو اوهي رهيا، جن اتان ڀڄي جان ڇڏائي ۽ وري ڪڏهن درگاهه مجدد پاڪ ڏينهن وڪ وڌائڻ کان توبهه ڪيائون. اوهي چيلاٽا انهيءَ ڏينهن کان اڄ ۽ پوءِ درگاهه شريف ۾ ڪنهن به ماڻهو نه ڏٺا. رب پاڪ ڪين جنهن ڪم لاءِ موڪليو هو، اوهو پورو ڪري هليا ويا.

Marfat.com

# تذڪره

# سراج الاولياءِ قطب ارشاد حضرت شاھ عبدالرحمان مجددي سرهندي رحمة الله عليه جد اعليٰ حضرت قبلہ خليل قدس سره

هن باڪمال هستي جي ولادت باسعادت سن ١٢٤٤ھ ۾ قنذار افغانستان جي قصبي ارغستان ۾ قيوم زمان حضرت شاھ عبدالقيوم رحمة الله عليہ جي گهر ۾ ٿي. وقت جي نامور عالمن کان تعليم ورتي، هي علم و فضل جو آفتاب سجي ڏيهہ تي پوري آب و تاب سان چمڪيو. سلوڪ ۽ عرفان الاهي جون منزلون پنهنجي والد ماجد جي رهبري ۾ طيءِ ڪيائون ۽ پوءِ گهڻو عرصو ساڻن ديني ۽ دنيوي امور ۾ ممد و معاون رهيا. حضرت قيوم زمان جي وفات بعد پاڻ مسند ارشاد تي جلوه افروز ٿيا. هن خانقاھ جي مريدن ۽ معتقدن جو حلقو قنذار کان افغانستان جي ٻئي سري تائين ۽ عرب کان ايران وڃندي سنڌ ۽ هندوستان تائين پکڙيل هو. سندن عمر مبارڪ جي اڌ صدي ڏانهن وڃڻجهي روان سفر ۾ سندن لاءِ جهاد في سبيل الله جو مرحلو آيو. انهيءَ طويل جهادي مهم جو پس منظر هي هو تہ سن ١٨٦٨ع ڌاري افغانستان جي شاهي گهراڻي جي ٻن سئو ٽن امير عبدالرحمان خان ۽ امير ايوب خان وچ ۾ تخت نشيني تان جنگ ڇڙي پئي. امير عبدالرحمان انتهائي ظالم، شرابي ۽ مغربي طرز حڪومت جو قائل هو. جڏهن تہ امير ايوب خان ديندار، خداترس ۽

84440

Marfat.com

شرعي روايتن جو امين هو. هن لڙائي ۾ عام مسلمانن امير ايوب خان جو ساٿ ڏنو. امير عبدالرحمان جا انگريزن سان تعلقات هئا، انهن سندس حمايت ۾ افغانستان ۾ فوجون موڪليون، جن علائقن تي انگريزن جي مدد سان امير عبدالرحمان قبضو ڪيو، اتي هن شرعي نظام جي جاءِ تي انگريزي قانون نافذ ڪيا، جنهن تي اتي جي مسلمانن ۾ هيڪاري گهڻو اشتعال پيدا ٿيو. عالمن ۽ مشائخن جهاد جون فتوائون ڏنيون. ماڻهو هٿيار ڪٽي جبلن ۽ ميدانن ۾ جهاد لاءِ نڪري آيا. طويل لڙاين جو سلسلو شروع ٿي ويو. انگريزن مسلمانن تي بي انتها ظلم ڪيا. بيگناهه ماڻهن کي بہ گهر ويٺي قتل ڪيائون، جيڪي مجاهد گرفتار ٿي وڃن ايندا هئا، انهن جا هٿ پير ۽ ٻيا عضوا وڍيا ويندا هئا. امير عبدالرحمان انگريزن جو ظاهري طرح اڳواڻ، پر ڪٺ پتلي هو. هن جي دل رحم ۽ ايمان کان خالي هئي. قنڌار جي علائقي ۾ هزارين جهادي مسلمانن جي قيادت قطب ارشاد حضرت شاهه عبدالرحمان مجددي سرهندي رحمة الله عليه جن ڪئي. پاڻ جن بہ جنگين ۾ شريڪ ٿيا، انهن ۾ سندن ٻئي فرزند حضرت خواجہ شاهه محمد حسن جان رح عمر سورهن سترهن سال ۽ حضرت خواجہ شاهه محمد حسين جان رح عمر ست اٺ سال ساڻن گڏ هوندا هئا. ڪافي مقابلن ۾ رب پاڪ کين سوڀ ڏني. آخري وڏو معرڪو ميوند نالي هڪڙي پهاڙي ميدان ۾ ٿيو، جنهن ۾ هڪڙي طرف تہ انگريزن جو وڏو لشڪر ڳرن ۽ خطرناڪ هٿيارن سان ليس هو، ٻئي طرف بہ اڍائي هزار مسلمان مجاهد جن وٽ هٿيار سڀ پراڻا، تلوارون، بندوقون ۽

Marfat.com

رائفلون هيون. حضرت صاحب رح جن سان گڏ هئا. انگريز فوج سان امير عبدالرحمان جا ڇاڙتا مسلمان سپاهي به وڏي تعداد ۾ شامل هئا. هن لڙائي ۾ امير ايوب خان پاڻ به حضرت صاحب رح جن سان همراهه هو، جيڪو جنگ جي آخري مرحلي ۾ فرار ٿي ويو. مسلمان مجاهدن جو هن معرڪي ۾ تمام وڏو جاني نقصان ٿيو. انگريزن جي توپن اڳيان سندن پراڻا ۽ هلڪا هٿيار بي سود ثابت ٿيا. هڪڙي گولي حضرت صاحب رح جن جي پيشاني جي هڪڙي پاسي کان لڳي . ڇامائو نڪري وئي. اوهو نشان ڪين تاحيات نمايان رهيو. سندن جانثار ساٿين ڪين محفوظ هنڌ پهچائي جنگ جاري رکي ۽ جام شهادت نوش ڪندا رهيا.

هن لڙائي کان پوءِ انگريزن جو تقريباً سڄي افغانستان تي قبضو ٿي ويو. امير عبدالرحمان سندس مخالف سردارن، عالمن ۽ مشائخن کي چونڊي چونڊي قتل ڪرائيندو رهيو. حضرت صاحب رح جن جي گرفتاري جو به حڪم ڏنائين. پاڻ پنهنجن مريدن ۽ متعلقين جي مشوري تي اهل و عيال ۽ خادمن سميت متبادل رستن کان لنگهي، پنهنجو اباڻو وطن ڇڏي هليا ويا. ڪجهه وقت بلوچستان جي ياگناڙي پٽ ۾ رهي، پهرين شڪارپور ۽ پوءِ مٽيارين ۾ آيا. جتان ٽڪڙائي سادات جي ممتاز اڳواڻ مرحوم ميران محمد شاهه اول، جيڪو سندن مخلص مريد هو، انهيءَ جي گهڻي اصرار تي سندس ڳوٺ وسي ملوڪ شاهه (ٽڪڙ) تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ آيا، جتي سادات جي وڏين التجائن ڪين اتي مستقل سڪونت تي آماده ڪيو. ان وقت سندن وڏي فرزند غوث

Marfat.com

جن جو والد گرامي حضرت خواجہ شاھہ محمد اسماعيل جان روشن رح بہ ھن ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو ۽ سندن شادي بہ ھتي ٿي، جنھن کان پوءِ ٻن سالن بعد ھي سجو ڪٽنب پھرين ھڪ بہ سال حيدرآباد ۽ پوءِ ضلعي ٿرپارڪر ۾ تعلقي ساماري ۽ تعلقي عمرڪوٽ ۾ زمينون خريد ڪري، ساماري شھر کان پنج ميل اتر طرف ديھہ ولاسي ۾ پنھنجو ڳوٺ قائم ڪري، اتي مستقل آباد ٿيو. تڪڙ مان بہ ڪافي گھر لڏي ساڻن گڏ نئين ڳوٺ ۾ اچي رھيا، جن ۾ خاصخيلي، شيدي ۽ ڳميير ذاتين جا ماڻھو شامل ھئا.

حضرت قطب ارشاد رح جن جو جھاد افغانستان جي حوالي سان ھڪ مشھور ڪرامت جو واقعو حضرت قبلہ (خليل رح) جن ٻڌائيندا ھئا، اوھو ھي تہ انگريزن سان مقابلو ھلندي، پاڻ ھڪ اھڙي ھيئناھين جابلو گھاٽيءَ ۾ ڦھتا، جتي ٽن طرفن کان مٿان جبل جي چوٽين تي انگريزن جي فوج وينل ھئي، جن ھيئناھن رستن تي فائرنگ لاءِ توپون فٽ ڪري ڇڏيون ھيون. ٽن طرفن کان رستو بند ۽ دشمن جي گھيري ۾ ھو، نڪرڻ جو رستو صرف ھڪڙو ھو، پر انھيءَ رستي ۾ بہ ھڪڙي جابلو چوٽي تي ھڪ وڏي چوڪي ھئي. اتي بہ مٿان فوج وينل ھئي. اونداھي رات ھئي. رات ۾ ئي انھيءَ رستي تان لنگھي نڪري وڃڻ وڌيڪ بھتر ھو. حضرت صاحب رح جن سان پنج سؤ مجاھدن جو جٿو گڏ ھو. انھن کي مخاطب ٿي چيائون تہ اوھان توڪل رکي، چادر يا پٽڪي سان منھن ڍڪي، منھنجي پٺيان تڪڙا ھلندا اچو. رب پاڪ اسان سڀني جي حفاظت ڪندو. ائين چئي، پاڻ اڳيان ٿيا. پٺيان مجاھدن

Marfat.com

جو لشڪر هلندو رهيو. رستي ۾ مٿين جابلو چوڪي واري فوج حرڪت ۾ اچي وئي. جن زبردست گولين جو مينهن وسائي ڇڏيو، پر ڪو به مجاهد پنهنجي گس کان ٿڙيو ڪونه. سامهين جبل تي محفوظ غارون هيون، انهي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. خبرگيري لاءِ مشعلون ٻاري، هڪ ٻئي کي ڏنائون، نه گوليون سندن ڪپڙن ۾ ڇهتيون پيون هيون. ڪن مجاهدن نه پنهنجن کيسن مان چٽل گولين جا ڀڪ ڀري ٻاهر ڪڍيا. گولين کي ڪپڙن مان پار ٿيڻ جو حڪم رب پاڪ نه ڏنو هو. ڪنهن کي ڪا به رهڙ نه آئي. صبح ٿيڻ سان حضرت صاحب رح جن جوابي حملي جو حڪم ڏنو. مجاهد سمورا وڏا ماهر نشاني باز هئا. ٿوري ئي دير ۾ انهيءَ چوڪي تي موجود سڀ ڪافر چونڊي ختم ڪيائون.

### اقوال خلفاء راشدين رضي الله عنهم اجمعين

- انهي ڏينهن کي ياد ڪري روئندو ڪر جيڪو بنا نيڪي جي گذري ويو.

سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه

- پوڙهپڻ کان اڳ ۾ جواني کي ۽ موت کان اڳ ۾ پورهپڻ کي غنيمت ڄاڻ

سيدنا عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه

- جيڪڏهن تون ڪنهن گناهه تي آماده آهين نه پوءِ اوهو ڪنهن اهڙي جاءِ تي ڪر جتي خدا نه هجي.

سيدنا عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه

- قرآن پاڪ اهڙي دري آهي جنهن مان توهين آخرت وارو جهان ڏسي سگهو ٿا.

سيدنا علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه

Marfat.com

# تذڪره
# قدوه السالڪين شمس العارفين حضرت آقا خواجہ شاهہ محمد حسين جان سرهندي مجددي رحمة الله عليہ (جد امجد حضرت قبلہ خليل رح قد سره)

وقت جو نامور عالم دين، نامور، حاذق حڪيم، فقيد المثال شاعر، اديب ۽ وقت جو روحانيت جي بلند ترين رتبي تي فائز، ڪامل اڪمل ولي، اعليٰ حضرت آقا خواجہ شاهہ محمد حسين جان رحمة الله عليه قنذار افغانستان جي علائقي رغستان ۾ سن ١٢٨٨هہ ۾ سراج الاوليا قطب ارشاد حضرت شاهہ عبدالرحمان مجددي سرهندي رحمة الله عليه جي گهر ۾ تولد ٿيو. پاڻ سندن اولاد ۾ سڀ کان ننڍا هئا. اجا ايام طفلي ۾ ئي هئا، تہ سندن عظيم المرتبت والد انگريزن ۽ سندن حوارين خلاف علم جهاد بلند ڪيو ۽ پوءِ هن صغير مجاهد جا راتيون ۽ ڏينهن پنهنجي والد گرامي وڏي ڀاءُ ۽ هزارين مجاهدين اسلام سان گڏ ڦٽريلي زمين جابلو ٽڪرين، دشوار تنگ و تاريڪ غارن، چوٽين ۽ گهاٽين ۾ رسم شبيري ادا ڪندي گذريا. جنهن وقت حضرت قطب ارشاد رح جن افغانستان مان هجرت ڪري سنڌ ۾ آيا، ان وقت سندن هن فرزند جي عمر نو سال هئي. پاڻ مڪمل تعليم سنڌ ۾ حاصل ڪيائون. علامہ حافظ محمد يوسف ٽڪڙائي ۽ مولوي لعل محمد متعلوي کان علاوه ڪجهہ ٻين بہ

Marfat.com

مقتدر عالمن ڪان شرف تلمذ حاصل ڪيائون. ننڍپڻ ڪان ئي سندن اعليٰ ذهن ۽ بيمثال حافظو ضرب المثل هئا. قرآن حديث، فقہ، منطق، نحو، رياضي ۽ بلاغات وغيره ۾ سندن ڪمال ڪي ڏسي، خود سندن استاد بہ دنگ رهجي ويندا هئا. ملڪ جا جيد عالم فاضل، سندن آڏو طفل مڪتب پيا لڳندا هئا. سندن گفتگو ۾ قوت استدلال، موثر طرز بيان ۽ قادرالڪلامي جا عجيب جوهر هئا. فن طب ۾ ڪين وڏي مهارت حاصل هئي. طبي تحقيق ۾ سندن اعليٰ بصيرت اڳيان صدين جا تجربا هيچ هئا. سندن دوا جو اثر تير بهدف هو. شعر و شاعري جو سلو بہ ننڍپڻ ڪان ئي سندن گلشن طبع ۾ سرجي چڪو هو. جنهن اڳتي هلي ڪين پارسي ۽ عربي جو باڪمال ۽ يگانہ روزگار شاعر بنايو. شاعري ۾ پنهنجو تخلص سرهندي لکندا هئا. سندن مجموعہ ڪلام "خيابان سرهندي" جي نالي سان ١٦٦ صفحن تي مشتمل، سندن حياتي ۾ ئي ڇپجي چڪو هو. پوئين دور جا اشعار اڃان غيرمطبوعہ آهن.

سنہ ١٣٢٩هہ ۾ تڪڙ مان لڏي پهرين حيدرآباد ۽ پوءِ ضلعي ٿرپارڪر ۾ زمينون خريد ڪري، ساماري تعلقي جي ديهہ ولاسي ۾ پنهنجو ڳوٺ قائم ڪري، اتي مستقل آباد ٿيا. ساماري تعلقي ۾ سادا چار هزار ايڪڙ ۽ عمرڪوٽ تعلقي ۾ سادا ٽي سؤ ايڪڙ زمين ورتائون. پاڻ خوددار، تنهائي پسند ۽ سيرنفس انسان هئا. پنهنجي والد ماجد جي هزارين باثر ۽ تونگر مريدن سان زماني سازي واري راهہ و رسم [illegible] ڪل منقطع ڪيائون. وٽن ماٺهو مريد ٿيڻ ايندا هئا تہ ا[illegible] کي

سندن وڏي پاءُ ۽ هن گادي جي سجاده نشين وٽ وڃڻ جو مشورو ڏيندا هئا. پوءِ به ڪافي ماڻهو اهڙا هئا، جيڪي وٽانئن ڪسب فيض ۾ ڪامياب ٿيا. سندن ڪاڌو ۽ لباس نهايت سادو هوندو هو ۽ رهائش به هڪ مختصر جاءِ ۾ اختيار ڪيائون. قلندرانہ طبع جا مالڪ هئا، پر انهيءَ ۾ به پنهنجو اعليٰ وقار قائم رکيائون. ڪنهن به ڪم لاءِ ڪنهن وڏي آفيسر توڙي وڏي جاگيردار وٽ هلي نہ ويا. فياضي ۽ جود و سخا ۾ سندن ڪو به ثاني نہ هو. سندن دسترخوان تي سوين مهمان هر وقت موجود هوندا هئا. ديني مدرسن، مسڪينن، محتاجن ۽ ضرورتمندن جي وٽن باقاعده لسٽ هوندي هئي، جن کي وقت بوقت وڏيون مالي مددون ڏيندا هئا. سندن گهڻو وقت عبادتن ۽ ذڪر و فڪر ۾ گذرندو هو. رڳو ڏينهن جا ڪجهہ ڪلاڪ خلق خدا جي خدمت لاءِ وقف ڪيا هئائون. سندن گهرو زندگي رنج و الم جي لڳاتار مرحلن مان گذري. فقط هڪڙي نياڻي کان سواءِ باقي سندن سڄو اولاد سندن حياتيءَ ۾ ئي گذاري ويو. سڀ کان پهرين هڪ نوجوان ۽ حسين و جميل فرزند حضرت آقا محمد يعقوب جان رح لوس جي هلندڙ وبائي بيماري ۾ لقمہ اجل بنجي، کانئن وڇڙي ويو. ساڳي بيماري ۾ سندن هڪ نياڻي بہ وفات ڪئي. ايندڙ ڪجهہ سالن ۾ سندن بہ حرم محترم ۽ بہ ٻيون نياڻيون بہ وفات ڪري ويون. آخري عمر ۾ سندن وڏو فرزند ۽ خلف الرشيد حضرت خواجہ شاهہ محمد اسماعيل جان روشن رح بہ کين داغ مفارقت ڏئي ويو. پاڻ اوهي سڀ صدما وڏي تحمل ۽ حوصلي سان سنائون ۽ پنهنجي نالي جي شان مطابق

Marfat.com

حسيني صبر وا ستقامت جي ياد تازي كندا رهيا. پنهنجي درد غم جي ماجرا سندن هڪ پارسي غزل جي هڪ مصرعه ۾ ڪيائون، جنهن جو مطلب هي آهي تہ منهنجو مثال نرگس جي انهيءَ گل وانگي آهي، جيڪو موسم بهار ۾ بہ نہ ڪڏهن تڙبو ۽ نہ ڪڏهن مهڪيو. سن ١٣٦٧هہ ۾ پاڻ هن دار فاني مان رحلت ڪري ويا. بئي ڏينهن سندن جسد خاڪي درگاهہ مقبره شريف ۾ پنهنجي والد ماجد ۽ وڏي ڀاءُ جوابدي پاڙو وجي وسايو.

بناكردند خوش رسمے بخاک و خون غلطيدن
خدا بخشد همہ اين عاشقان پاک طينت را

## قرآن پاڪ جون برڪتون

قيوم الزمان حضرت قبلہ خواجہ محمد ابراهيم جان خليل رحمة الله عليہ ڪنهن بہ سفر تي روانگي وقت سواري تي ويهڻ شرط هي آيت سڳوري.. فالله خيراً حافظا وهوارحم الراحمين.. پڙهندا هئا ۽ گڏ هلڻ وارن کي بہ هي آيت پڙهڻ جو تاڪيد ڪندا هئا تہ جيئن سفر محفوظ ۽ پرسڪون رهي.

ڳوٺ ۾ جڏهن بہ ڪو باهہ لڳڻ جو واقعو پيش ايندو هو تہ هڪدم اتي پهچي انهي گهر جي مٽي يا پٿر ڪٽي انهي تي آيت سڳوري ... وقلنا يا نار ڪوني برداً سلامٌ عليٰ ابراهيم.. پڙهي اوهو پٿر باهہ ۾ اڇلائيندا هئا تہ باهہ جو زور ٽٽي پوندو هو اوها اڳتي وڌي نہ سگهندي هئي ۽ جلد قابو ۾ اچي ويندي هئي.

ڳجگوڙ واري برسات ۾ وچ ڪرڻ ۽ گهڻي برسات جي نقصان کان بچڻ لاءِ قرآن پاڪ جي سوره سڳوري .. لايلٰف قريش .. بار بار پڙهڻ جو تاڪيد ڪندا هئا.

Marfat.com

# تذكره

## اعليٰ حضرت آفتاب ولايت رهبر شريعت و طريقت قبله آقا خواجه شاه محمد اسماعيل جان روشن رحمة الله عليه (والد ماجد حضرت قبله خليل (رح)

شمس العارفين، حضرت خواجه شاه محمد حسين جان رح جو فرزند اکبر ۽ قطب ارشاد حضرت خواجه شاه عبدالرحمان مجددي سرهندي رح جو پوٽو حضرت خواجه شاه محمد اسماعيل جان روشن رح سن ١٣٠٧ھ ۾ موجوده ٽکڙ (وسي ملوڪ شاه) ۾ پيدا ٿيو. سندن ولادت ۽ پرورش هڪ اهڙي عظيم المرتبت گهراڻي جي آغوش علم و عرفان ۾ ٿي، جنهن جو شان ۽مان هر دور ۾ لاثاني ۽ لافاني هو. حضرت قطب ارشاد رح جن پنهنجي هن پياري پوٽي جي باري ۾ ڪيتريون ئي بشارتون ڏنيون. سن ١٣١٢ھ ۾ ڪين علامه حافظ محمد يوسف ٽکڙائي جي مڪتب ۾ ويهاريو ويو، جيڪو سندن والد ماجد جو به استاد هو. انهيءَ وقت درس و تدريس جو گهڻو بار علامه حافظ محمد يوسف جي ناسازي طبع جي ڪري سندس نامور عالم ۽ اديب فرزند علامه حافظ محمد هارون "دلگير" جي سر تي هو، جيڪو پنهنجي بزرگ والد جي وفات کان پوءِ حضرت قبله روشن سائين رح جو باقاعده استاد بنيو. حافظ صاحب وٽ پاڻ قرآن پاڪ سنڌي پارسي ۽ عربي جو درس نظامي جو مڪمل ڪورس پڙهيائون.

Marfat.com

انهيءَ کان علاوه سادات گهراڻي جي هڪ جيد عالم فاضل ۽ اديب علامہ قاضي اسدالله شاھہ "فدا" وٽ بہ پاڻ ڪجھہ مٿيان ڪتاب پڙهيا، جنهن جو مڪتب ڏار هو. شعر و شاعري جو علم عروض بہ پنهنجن هنن ئي استادن کان حاصل ڪيائون. اهڙي طرح ٺٽڙ جي علم و ادب جي افق تي حضرت قبلہ روشن سائين رح جي صورت ۾ هڪ نئون آفتاب طلوع ٿيو. قدرت کين ڪمال جو ذهن عطا ڪيو هو. ڏکين ۽ بليغ محاورن، ڪافين، تشبيهن، تمثيلن سان ڀرپور طويل پارسي ۽ عربي غزل ائين لکندا ويندا هئا، جڻ اوهي کين اڳي ئي ياد هئا. ساڳي ئي مهارت ۽ قابليت سندن شرعي تحريرن، فقهي مسئلن، حديث و تفسير جي عبارتن، حوالن ۽ تشريحن لکڻ وقت نظر ايندي هئي. ويهن سالن جي عمر ۾ سندن شادي سندن چاچي غوث الزمان حضرت خواجہ شاھہ محمد حسن جان رح جي گهران ٿي، جيڪو سندن مرشد بہ هو. انهيءَ وقت تائين اجان سندن ڪٽنب ٺٽڙ ۾ ئي هو شادي جي ٻن سالن بعد هي ڪٽنب ڳوٺ پير سرهندي تعلقي ساماري ۾ مستقل آباد ٿيو. انهيءَ زماني ۾ برصغير ۾ انگريزن جي خلاف آزادي جي تحريڪ زور شور سان هلي رهي هئي. حضرت قبلہ روشن سائين رح جن تحريڪ خلافت ۾ شامل ٿي، هن جدوجهد ۾ ڀرپور حصو ورتو. پاڻ تحريڪ جي گڏجاڻين، جلسن جلوسن ۽ ملڪ گير سرگرمين ۾ پيش پيش رهيا. ڪجھہ سالن بعد جڏهن مسلمانن جي سياسي قيادت جون واڳون مسلم ليگ ورتيون تہ پاڻ انهيءَ ۾ شامل ٿيا ۽ تحريڪ پاڪستان واري

Marfat.com

سياسي مهم ۾ ملت اسلاميہ کي مسلم ليگ جي پليٽ فارم تي آڻڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيائون. هڪ دفعي مسلم ليگي اڳواڻن سان گڏ ۾ ٻئي دفعي عالمن جي هڪ وفد ۾ قائداعظم محمد علي جناح سان مليا. انهيءَ عرصي دوران سکر ۾ مسجد منزل گاهہ وارو زبردست جذباتي تنازعو اٿيو. پاڻ مسلم ايڪشن ڪميٽي جي اپيل تي اتي بہ سوين سرفروشن مجاهدن سميت پهچي ويا. سندن سيني ۾ هر وقت ديني غيرت حميت ۽ جذبہ ايماني جو سمنڊ پلٽندو هو. ڪابہ ڳالهہ خلاف شرع ڏسندا هئا تہ هڪدم ميدان عمل ۾ نڪري ايندا هئا. مسلم ليگ جي مرڪزي قيادت کين مسلم ليگ ضلعي ٿرپارڪر جو تاحيات صدر مقرر ڪيو. انهيءَ عهدي تي ڪجهہ سال رهيا تہ کين داعي اجل جو سڏ ٿيو.

عام زندگيءَ ۾ بيحد رحمدل ، تهجدگذار، شب بيدار، ياد الاهي ۾ گريہ زاري ڪرڻ وارا. زهد ۽ تقويٰ انهيءَ حد تائين جو خانداني زمينون ۽ باغات، جيڪي اجان گڏيل هئا، کين جدا تقسيم ۾ نہ مليا هئا، اتان ڪابہ شيءِ، ڪو بہ ميوو وغيره حضرت صاحب وڏي جي اجازت کان سواءِ ڪڏهن بہ استعمال نہ ڪيائون. تحريڪ پاڪستان دوران صحيح يا غلط ايها ڳالهہ مشهور ٿي تہ تام. چيني جا ٿانو جيڪي پرڏيهہ جي غيرمسلم ملڪن مان نهي ايندا هئا، انهن جي پالش لاءِ جيڪو روغن استعمال ٿئي ٿو، انهيءَ روغن ۾ مرون جي چربي ملائي وڃي ٿي. انهيءَ افواهہ کان پوءِ تام چيني جا ٿانو پوري عمر نظر کان ئي پري رکيائون. انگريزن جي ناهيل جن بہ شين جي بائڪات جي اپيل ڪئي وئي، پاڻ انهيءَ تي سختي سان عمل ڪيائون. اڪثر ڪاڏي جا ڪپڙا پائيندا هئا. افغاني

Marfat.com

لنگي ۽ ململ جو پٽڪو ٻڌندا هئا. سخاوت ۽ فياضي ايڏي جو وٽن جيڪي بہ هوندو هو، اوهو سوالين ۽ ضرورتمندن کي ڏئي ڇڏيندا هئا. ڪڏهن تہ وٽن ڪجهہ بہ نہ بچندو هو. سندن حلقہ احباب نهايت وسيع هو، جنهن ۾ عالمن، عابدن، شاعرن، اديبن، طبيبن، هنرمندن، راڄن ۽ برادرين جي معززين سميت هر طبقي جا ماڻهو شامل هئا. ٽکڙ جي ماڻهن سان سندن خاص قرب هوندو هو. اتان ڪو بہ ماڻهو ايندو هو تہ سڀ مصروفيتون ڇڏي، ساڻس رهاڻ ۾ مشغول ٿي ويندا هئا.
ٽکڙ مان لڏڻ کان پوءِ رڳو هڪ دفعو سيد حاجي عبدالحڪيم شاهہ جي وفات وقت اتي ويا. هي اوهو ڳوٺ هو، جيڪو سندن بزرگن جو سنڌ ۾ پهريون وطن هو. هن ئي ڳوٺ ۾ پاڻ ڄاوا، پليا ۽ نپنا. هتي جي ئي مدرسن ۾ پڙهي، علم و فضل جي دستار سر تي سجايائون. سندن جواني جو ابتدائي زمانو بہ هتي ئي گذريو. اوهي ماڻهو، اوهي مڏيون، اوهي ماڳ، اوهي مڪان سڀ سارونڻيون ياد ڪري سندن نيڻن مان نير وهندا رهيا. اڄ سندن عمر مبارڪ جو سج لڪن تان لڙي رهيو هو، پرئين پار هلڻ وارا سامونڊي وڻجارا پڳہ ڇوڙي رهيا هئا ۽ سامي سناسي پورب جو پنڌ پڇي رهيا هئا. عام مسلمانن جي ذهني تربيت لاءِ "الاصلاح" نالي هڪ رسالو جاري ڪيائون، جيڪو ڪجهہ وقت لاڳيتو هليو. "ديوان روشن" سندن پارسي ۽ عربي غزلن جو اوهو يادگار مجموعہ ڪلام هو، جنهن هر ذهن تي سندن اعليٰ ادبي بصارت ۽ بصيرت جي ڌاڪ ويهاري ڇڏي. "خطبات روشن" ڪتاب ۾ سندن سنڌي خطبا هئا 'انشاءِ روشن' ڪتاب 'نشاءِ جامي جي طرز تي. جديد قسم جي خيالي مضمونن سان سينگاريو ويو هو. هيءُ

Marfat.com

مجموعو پارسي زبان ۾ هو. ”جواهر نفيسہ“ سندن ڪتاب پارسي ۾ هو، جنهن ۾ تصوف جهڙي خشڪ موضوع کي اهڙي سهڻي نموني بيان ڪيو ائن، جو ڪتاب هڪ دفعو پڙهي، بار بار پڙهڻ تي دل چاهيندي. ”نسيم چمن“ (غيرمطبوعہ)، گلستان ۽ بوستان جي طرز تي پارسي حڪايتن ۽ نصيحتن تي مشتمل قلمي حالت ۾ موجود آهي.

## اولاد

سندن پنجن فرزندن مان حضرت قبلہ حاجي محمد اسحاق جان رحمة الله عليہ تاريخ وفات ٨ ڊسمبر ١٩٧٥ع سڀ کان وڏا فرزند هئا. حضرت قبلہ خواجہ محمد ابراهيم جان خليل رحمة الله عليہ تاريخ وفات ۴ جون ٢٠٠٢ع سندن ٻيو نمبر فرزند هئا. حضرت قبلہ حاجي عبدالمجيد جان رحمة الله عليہ تاريخ وفات ٢٨ آڪٽوبر ٢٠٠٢ع سڀ کان ننڍا فرزند هئا. سندن ٻہ ٻيا فرزند فضل الله جان ۽ عبدالحئي جان تمام ننڍي عمر ۾ وفات ڪري ويا. انهيءَ کان علاوه ڪين چار نياڻيون بہ هيون، جن مان ٻن نياڻين جو اولاد موجود آهي. حضرت قبلہ روشن سائين رح دوران علالت سن ١٣٦١هہ ۾ ڪراچي ۾ وفات ڪري ويا. پسماندگان ۾ سڄي اولاد کان علاوه عمر رسيده والد کي بہ سوڳوار ڇڏي ويا.

سندن مرقد مبارڪ درگاهہ مقبره شريف ۾ والد گرامي ۽ ننڍي ڀاءُ حضرت آقا محمد يعقوب جان جي پير ۾ آهي. ساڳي قطار ۾ سندن عظيم المرتبت فرزند حضرت قبلہ خليل رح جن بہ آرامي آهن.

عمر ها در ڪعبہ و بت خانہ مے نالد حيات
تاز بزم عشق يڪ دانائے راز آيد برون

Marfat.com

## ولادت باسعادت حضرت شيخ الشيوخ و مخدوم المخاديم فخر المشائخ نقشبند قيوم الزمان قبله آقا خواجه محمد ابراهيم جان مجددي سرهندي المتخلص "خليل" فاروقي نقشبندي رحمة الله عليه قدس سره

حضرت قبله خواجه شاه محمد اسماعيل جان روشن جا فرزند ثاني حضرت قبله آقا خواجه محمد ابراهيم جان خليل جن تاريخ ١٣ رمضان المبارک سن ١٣٣۴هه سومر جي رات ٽنڊي سائينداد ۾ پنهنجي ناني سائين غوث الزمان حضرت خواجه شاه محمد حسن جان رح جي گهر تولد ٿيا. اوها مبارک گهڙي رحمت خداوندي جي نويد هئي. ڏکڻ اوڀر جي هڪ ڏورانهين ڏيهه جي انهن لکين اڙٻن اگهن ۽ آساڻن لاءِ جن جي اوجاڳيل اکين ۾ عمر ڀر جا اوسيئڙا ڏک ڏنجهه ۽ اهنج هئا. سندن والد ماجد ۽ جد امجد ٻنهي بزرگن پنهنجي هن لاکيڻي لال جي تاريخ ولادت تي مبني منظوم پارسي ۽ سنڌي پرمسرت اشعار لکيا. اظهار تشکر طور بارگاهه خداوندي ۾ جيڪو جدا جدا حمديه خراج پيش ڪيو ويو، تنهن ۾ نومولود وقت جي هن عظيم انسان لاءِ آڳي جا انعام و اڪرام ۽ نيڪ تمنائن سان گڏ سندس فضل و ڪمال بابت ڪيتريون ئي بشارتون درج هيون. نالو مبارڪ سندن والد ماجد جي نالي جي نسبت سان محمد ابراهيم سندن ڏاڏي پاڪ رکيو. ڏهن ٻارنهن سالن جي عمر ۾ جڏهن پاڻ شعر و سخن جي گلستان سروسنبل ۾ قدم رکيائون ته ڪين تخلص "خليل" سندن والد ماجد ڏنو. جيڪو اڳتي هلي سندن اصل

Marfat.com

نالي جي شناخت بنجي وبو. پاڻ ايام طفلي کان ئي پنهنجي جد امجد (ڏاڏي پاڪ) جي خصوصي نگاهه ڪريمانه ۾ رهيا. جيڪو سندن مورث اعليٰ به هو ته مربي محسن ۽ معلم به هو. ڏاڏي جي پوٽي سان ۽ پوٽي جي ڏاڏي سان محبت ضرب المثل هئي.

تندو سائينداد سندن ناناڻو ڳوٺ هو، جنتي سندن اچڻ وڃڻ گهڻو ٿيندو هو. پاڻ اتي جي مدرسي ۾ مرحوم مولوي عبدالقيوم بختياربوري وٽ ڪجهه وقت پڙهيا به هئا. باقي تعليم سڄي پنهنجي ڳوٺ جي مدرسي ۾ مختلف عالمن کان حاصل ڪيائون، جنهن جو تفصيلي ذڪر اڳتي ايندو.

## علم و فضل

رب پاڪ کين تمام وڏو علمي مقام عطا ڪيو هو، جنهن جو اعتراف پوري ملڪ جي اڪابر عالمن، فقيهن، محدثن ۽ مفسرن به ڪيو آهي. جيتوڻيڪ سندن پهريان استاد مولوي عبدالرحيم دل، مولوي غوث محمد پرڳڙي ۽ مولوي عطاءالله ديوبندي چڱا رواجي عالم ۽ سنا مدرس هئا. پر پوءِ درس نظامي جي تڪميل جي آخري مرحلن ۾ کين جن بلند پايه ۽ مايه ناز عالمن وٽان شرف تلمذ حاصل ٿيو، اوهي هئا سندن جد امجد غزالي دوران حضرت خواجه شاهه محمد حسين جان رحمة الله عليه ۽ ڪجهه وقت لاءِ هن ئي خاندان جو علوم اسلامي جو هڪ بيو در بي بها حضرت علامه صاحبزاده محمد معصوم جان (افغاني) رحمة الله عليه. درس و تدريس کان فراغت بعد ڪجهه وقت سندن ڏاڏي جي قائم

Marfat.com

ڪيل ڳوٺ واري مدرسي ۾ پڙهائيندا رهيا ۽ پوءِ علوم طب پڙهڻ لاءِ دهلي هليا ويا، جتي جامعه طبيه ڪاليج دهلي ۾ هڪ سال جي تعليم ڪان پوءِ سندن ڏاڏي جي گهڻي اصرار تي واپس آيا ۽ طب جو باقي نصاب به ڪين حضرت صاحب (جد امجد رح) پڻ مڪمل پڙهايو. انهيءَ زماني ۾ سندن گهڻو وقت مطالعي ۽ علمي تحقيق ۾ گذرندو هو. اهڙا مستند ڪتاب، جيڪي درس نظامي جي باقاعده نصاب ۾ شامل نه هئا، يا ضخامت جي ڪري نه پڙهايا ويندا هئا، پاڻ انهن ڪتابن جو ڳوڙهو ۽ سير حاصل مطالعو ڪيائون. انهن ۾ ترمذي شريف، ابن ماجه، تفسير بيضاوي، درمختار ۽ شامي وغيره شامل آهن.

عربيَ ڪان علاوه فارسي ۽ اردو ٻولين ۾ فقهي علوم جو سمنڊ جهاڳڻ لاءِ سندن مطالعي ۽ هم وقتي رهنمائي لاءِ فتاويٰ عالمگيري، فتاويٰ رضويه ۽ بهار شريعت جهڙا ضخيم ترين ڪتاب وٽن رهندا هئا. سندن باقاعده قائم ڪيل ڪا لائبريري نه هئي، پوءِ به ڪين جيڪي آباؤ اجداد جي ميراث مان هزارين ناياب ڪتاب مليا، اوهو بيش بها ذخيرو وڏي اهتمام سان سنڀالي رکيائون ۽ وقت بوقت انهيءَ مان استفادو ڪندا رهيا. علوم و فنون تي لکيل جيترو مواد سندن ڪتب خاني ۾ هو، ايترو ئي مواد رب پاڪ سندن سيني ۾ سمائي ڇڏيو هو. مشڪل ڪان مشڪل مسئلي جو جواب بغير ڪتاب ڏسڻ جي به في البديه ڏيندا يا لکندا هئا. عربي ۽ فارسي تحريرون نهايت رواني سان ۽ فصيح و بليغ

Marfat.com

انداز ۾ لکندا هئا. جن ۾ مسئلن تي سڄي سنڌ ۾ ڪٿي به فتوائون جاري ٿين، اوهي ايسٽائين نامڪمل ڄاتيون ويندئون هيون، جيسين انهن تي سنڌن تصديق ۽ دستخط نه ٿئي. منجهيل مسئلن تي رهنمائي لاءِ جيد علماءِ به ساڻن رابطو ڪندا هئا. سنڌن علمي ديني ۽ ملي مقام جو اندازو انهيءَ مان ڪري سگهجي ٿو ته ١٩٧٩ع ۾ جمعيت العلماءِ پاڪستان جي طرفان رائيونڊ ۾ ”ڪل پاڪستان سني ڪانفرنس“ منعقد ڪئي ويئي، جنهن ۾ ڏيهي ۽ پرڏيهي ملڪن مان هزارين علماءِ ۽ مشائخ شريڪ ٿيا. جڏهن ته عام ماڻهن جو اندازو ويهن لکن کان به وڌيڪ لڳايو ويو. هن تاريخ ساز اجتماع جي ٽن اجلاسن مان پهرين اجلاس جي صدارت اتفاق راءِ سان ڪائن ڪرائي وئي. پاڻ جماعت اهل سنت جا تاحيات ضلعي صدر، ڪافي وقت سنڌ جا صدر ۽ جمعيت العلماءِ پاڪستان سنڌ جا سينيئر نائب صدر به رهيا. سنڌ صوبائي زڪواة ڪائونسل جي ميمبر طور به سندن ڪارڪردگي هميشه ياد رکي ويندي، جنتي پاڻ زڪواة جي امور کان علاوه اهل سنت و جماعت جي وڏ کان وڏ مدرسن کي زڪواة فنڊ مان مستقل امداد ڏيارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيائون.

درس نظامي جي فارغ التحصيل علماءِ جي سند کي ايم اي جي برابر ڊگري قرار ڏيڻ واري مهم ۾ به پاڻ شامل رهيا، جيڪو مطالبو آخرڪار حڪومت تسليم ڪيو ۽ اڄ سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي ۾ علماءِ جو وڏو تعداد موجود آهي.

Marfat.com

# عبادت و رياضت

زندگي کي الله جي امانت سمجهڻ ۽ الله جي عبادت کي زندگي جو نصب العين بنائڻ، اهل الله جو محبوب شيوو هوندو آهي. جسد خاڪي ۾ آدم جو روح ڦوڪڻ وقت ۽ اوهي روح جيڪي عالم هستي ۾ جاندار جسم جي شڪل وٺي قيامت تائين ايندا رهندا، انهيءَ ويل ذات باري تعاليٰ ڪائنات "الست بربکم" جو سوال پڇي، ڪائنات "قالوا بليٰ" جو عهد و پيمان ورتو هو، اوهو عهد و پيمان ڪهڙي بندي پنهنجي مالڪ سان نڀايو، اوهو ڏسڻ پرکڻ ۽ عمل ڪرڻ لاءِ بندي کي مالڪ طويل عرصو زندگي ڏئي ٿو ۽ وري زندگي کي رنگ برنگي نعمتن سان پري، منجهس ايهو احساس پيدا ڪري ٿو ته هي ڪل انعام ۽ اڪرام انهيءَ خلقڻهار جا آهن، جنهن سندس جسم جو روح پيدا ڪرڻ وقت انهيءَ ڪان هڪڙو قول ورتو هو. اوهو قول، جنهن به ياد رکيو، انهيءَ ڪڏهن به پاڻ کي ياد الاهي ڪان غافل نه رکيو. اوهو بندو پنهنجي معبود اڳيان نه سجدا ڪندي ٿڪي ٿو ۽ نه رکوع قيام ڪندي، نه ڪيس ڏينهن جي روشنيءَ ۾ زندگيءَ جو ڇهڇٽو ڏسڻ جي تمنا ۽ نه رات جي فرحت بخش هوائن ۾ آرام جو الڪو. هن پنهنجو جيءُ جانب سان جوڙي هڏ چم مان حرص و هوا ڪڍي سڀ ڪجهه الله ڪارڻ لٽي ڇڏيو. اهڙن خدا جي محبوب ۽ مقرب بندن ۾ حضرت قبله رح جن جي ذات بابرڪات به شامل هئي جنهن سن شعور ڪان عالم مستور تائين پنهنجي اڳي سان اوربو شرق بندگي ۾ نه ڪين وقت ياد هو ۽ نه فرضي

Marfat.com

هڪ دفعو کير يا لسي سان رکي ماني کائيندا هئا. اوها بہ بلڪل ٿوري هميشہ سير نفس رهندا هئا. دنيا جي سک لذت ۽آرام کان بي نياز هوندا هئا. دعوتن ۾ بي مقصد گڏجاڻين کان احتراز ڪندا هئا. ذاتي زندگيءَ ۾ نمود و نمائش کان کين سخت نفرت هئي. سادي غذا، سادو لباس، سادي رهائش ۽ سادو انداز وضعداري. سندن وچاٽو پٽ تي رهيو ۽ پٽ تي ئي سمهندا هئا. ڪپڙا ڪڏهن بہ ڌوٻي کان نہ ڌوئارايائون. چاڪاڻ تہ ڌوٻي جي بنيءِ ۾ موجود سندن ڪپڙن جي امڪاني پليتي لڳڻ جو خدشو رهيو ٿي. نوان ڪپڙا ڪنهن هندو يا ڪنهن بہ غيرمسلم درزي کان نہ سبائيندا هئا. جيڪڏهن ڪو خلوص ۽ بي غرض و غايت ڪا شيءِ کين ڏيندو هو تہ اوها قبول ڪندا هئا. عام دعوتن تي سندن وڃڻ جو اتفاق تمام گهٽ ٿيندو هو. اڪثر اسان پٽن مان ئي ڪنهن کي يا ڪنهن جماعت واري کي سندن طرفان وڃڻ جو حڪم ٿيندو هو. اهڙي موقعي تي سندن نمائندگي ڪرڻ واري کي اتي ڪا بہ شيءِ قبول ڪرڻ جي سخت ممانعت هئي. مريدن ۽ جماعت وارن سندن آمد کي يقيني بنائڻ جي ايها ترڪيب ڳولي ڪڍي تہ هو ڪنهن ديني جلسي جو اهتمام ڪري، کين جلسي جي دعوت ڏيندا هئا. اهڙي جاءِ تي جتي دين جون ڳالهيون ٿين، الله ۽ رسول جي قانون جي سربلندي جو آواز گونجي، پاڻ اتي هر صورت ۾ پهچڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. سرڪاري کاتن مان روينيو، ايريگيشن، بينڪنگ ۽ پوليس جهڙا کاتا، جن ۾ رشوت عام آهي، انهن کاتن جي ڪنهن ملازم جي نہ دعوت قبول ڪندا هئا ۽ نہ ڪو تحفو. رياضت (پرهيزگاري) جا اهڙا مثال اڄ جي دنيا ۾ شايد نہ ملن.

Marfat.com

# شريعت

سندن ترجيحات ۾ پهرين ترجيح شريعت هئي. جهڙي طرح پاڻ شريعت ۽ طريقت ۾ يڪتا، روزگار ۽ ڪامل اڪمل نمونو هئا، ائين هر مسلمان ڪي شريعت جي پابندي سختيءَ سان ڪرڻ ۽ هميشه شرعي حدن ۾ رهڻ جي تلقين ڪندا هئا. هر اجتماع ۾ شرعي احڪام پاڻ به ٻڌائيندا هئا ۽ مقررين کي به ايهو تاڪيد ڪندا هئا ته اهو شرعي حوالي سان ڳالهيون ماڻهن کي ٻڌائن ته ڇا جائز آهي ڇا ناجائز، ڇا حلال آهي ۽ ڇا حرام. سندن اڪثر تحريرون شرعي مسئلن تي مشتمل هونديون هيون. هزارن جي تعداد ۾ لکيل سندن فتوائون ۽ سندن تصديق ٿيل فتوائون سڄي سنڌ ۾ هر خاص و عام وٽ ايستائين جو حڪومتي ادارن ۽ عدالتن ۾ به وڏي قدر ۽ وڏي احترام سان پڙهيون ۽ قبول ڪيون وينديون هيون. ڪن موقعن تي ته سرڪاري عدالتن مان ڪي نازڪ ۽ باريڪ شرعي معاملا حتمي فيصلي لاءِ منتقل ٿي وٽن آيا، جيڪي قرآن، حديث ۽ فقه جي روشنيءَ ۾ ڪڏهن ته پاڻ انفرادي طور ۽ ڪڏهن لهم منصب عالمن کي گهرائي، باهمي مشوري سان طيءِ ڪيائون. ڪيترائي دفعا ڪين شرعي قانون سازي لاءِ حڪومتي سطح تي شرعي ڪورٽ جا جج ۽ معاون جج بنجڻ جون آڇون ٿيون ۽ اسلامي نظرياتي ڪائونسل جي رڪنيت لاءِ مٿن زور پريو ويو، پر پاڻ پنهنجي ضعيف العمري، صحت جي ناسازي ۽ وڏي تعداد ۾ خلق خدا جي وٽن ڳوٺ ۾ آمد جي ڪري ڪابه سرڪاري ذميواري قبول نه ڪيائون. ميراث بابت سندن ڪافي فتوائون اڄ به عدليه جي رڪارڊ تي موجود آهن.

Marfat.com

صدر ضياءُالحق جڏهن ملڪ ۾ شرعي نظام جي نفاذ لاءِ اسلامي نظرياتي ڪونسل ۽ وفاقي شرعي عدالت جهڙا ادارا قائم ڪري ابتدائي ڪم شروع ڪرايو، ان وقت سڄي پاڪستان جي ناميارن عالمن ۽ مشائخن کي دعوت ڏني، اسلام آباد گهرايائين ته جيئن هو مذڪوره ادارن جي رهنمائي لاءِ تجويزون ۽ مشورا ڏين. شرعي قانونسازي لاءِ قاعدا ۽ ضابطا مرتب ڪري، انهن مؤقر ادارن جو دائره ڪار متعين ڪن. سنڌ مان جيڪي علماءِ ۽ مشائخ مدعو ڪيا ويا، انهن ۾ حضرت قبله موصوف رح جن به شامل هئا. انهيءَ موقعي تي منعقده علماءِ ۽ مشائخ ڪانفرنس کان پوءِ صدر ضياءُالحق آيل مهمانن کي ننڍين ننڍين گروپن جي صورت ۾ ملاقات لاءِ گهرائيندو رهيو ۽ سندن تجويزون نوٽ ڪندو رهيو. جڏهن حضرت قبله رح جن صدر سان مليا ته پاڻ ان جي آڏو سڀ کان پهرين وياج جو معاملو اٿاريائون ۽ فرمايائون ته پهرين ملڪي معيشت مان وياج جي لعنت ختم ڪريو، تنهن کان پوءِ ٻيا اسلامي قانون آساني سان وجود ۾ اچي ويندا. وياج الله جي غضب جو اهڃاڻ آهي. ايستائين قرآن و سنت جو پاڪ پاڻي مملڪت جي هر شعبي مان ڪثافتون ڌوئي پاڪ نه ڪري سگهندو، جيستائين هي ڪتو کوهه مان نه ڪڍيو ويندو. صدر ضياء جواب ڏنو ته هن وقت ملڪ جي سڄي معاشي ۽ اقتصادي پاليسي جو انحصار وياج جي سودي نظام تي آهي. انهيءَ جي خاتمي کان اڳ پهرين ان جو متبادل نظام وضع ڪرڻو پوندو. توهان جي خيال ۾ ان جو متبادل ڇا ٿو ٿي سگهي؟ پاڻ بيع السلم جي تجويز صدر آڏو رکيائون. فقهي زبان ۾ انهيءَ اکر جي معنيٰ آهي ڪچي

Marfat.com

ٻول، جنهن ۾ اڳوات رقم ڏئي وقت اچڻ تي رقم بجاءِ جنس ورتي وڃي ٿي. انهيءَ جنس جو اڳهه ان وقت ڪيترو ئي ٿو ٻيهي، اوهو وڻندڙ جو ڀاڱ. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٽي چئجي ته ڏيندڙ ۽ وٺندڙ ٻنهي ڌرين جي نفعي نقصان ۾ شراڪت، جيڪا جائز ۽ حلال آهي. پاڻ صدر کي ٻڌايائون ته هن وقت تائين ايهو رواج فقط زرعي شعبي ۾ خانگي طرح هلندڙ آهي، جنهن ۾ سرمايو لڳائيندڙ ڌر جي نفعي جو امڪان سؤ فيصد هوندو آهي. پوءِ به زميني حالتن جي مدنظر اوها شرح ٿوري يا گهٽي گهٽجي به سگهي ٿي. پر بهرحال اوهو طريقو وياج کان پاڪ ۽ تجارت جي شرعي نظام جو حصو آهي. بينڪن ۽ ٻين ڪاروباري ادارن ۾ به بيع السلم کي مرڪزي ۽ رهنما اصول تحت آڏو رکي قاعدا ۽ قانون ناهي سگهجن ٿا. صدر ضياءالحق سندن مذڪوره تجويز ٻڌي حيران ٿي ويو ۽ چيائين ته سڄي پاڪستان جي اڪابر علماءِ سان مليو آهيان، ڪنهن به اهڙي تجويز نه ڏني. هن ڪين استدعا ڪئي ته انهيءَ قسم جي قانونسازي جي توهان رهنمائي ڪريو. پاڻ بذات خود اسلام آباد ۾ رهڻ کان معذرت ڪيائون ۽ چند عالمن جا نالا لکي صدر صاحب کي پيش ڪيائون ته ڪين انهيءَ ڪم تي مقرر ڪيو وڃي، جن جيد عالمن ۽ فقيهن جا نالا پيش ڪيائون، انهن ۾ هڪ به سنڌ جا ۽ باقي پنجاب جا علماءِ شامل هئا. انهيءَ کان پوءِ وياج جي خاتمي جا باقاعده قانون ٺهيا ، اوهي پاس ٿيا. انهن جو اعلان به ڪيو ويو، پر افسوس جو پوءِ اچڻ وارين حڪومتن پنهنجن مخصوص مفادن کي آڏو رکي سپريم ڪورٽ ۾ اپيلون ڪري، انهن تي عملدرآمد روڪرائي ڇڏيو.

Marfat.com

## معرفت و طريقت

جيڪي ماڻهو سلوڪ طريقت ۽ روحانيت کي غيراهم ۽ غيرضروري ٿا سمجهن، انهن ڪائنات جي وسعتن ۾ روپوش اُهي عظيم الشان ماڳ ۽ مڪان ڪونه ڏٺا آهن جن جي عظمتن ۽ رفعتن تائين مقرب بندن جي پهچ کي ڏسي انسانن جي ڏاڏي کي فرشتن سجدا ڪيا هئا. اُها روحاني تعليم جنهن جي درسگاهه دل جي عميق گهراين ۾ آباد ٿيئي ٿي انهي جا اڳيان پويان سڀ سبق حضور آقاءِ نامدار صلي الله عليه وسلم جن پاڻ پڙهايا ۽ پوءِ اصحاب رسول وٽان معرفت الاهي جون اُهي روحاني امانتون پشت به پشت منتقل ٿينديون هر صدي ۽ هر دور ۾ بندگان توحيد و رسالت جون زندگيون منور ۽ مطهر ڪنديون رهيون ۽ هي سلسلو تادم يوم حساب سمنڊ جي اڻ کٽ موجن وانگي اڳتي وڌندو صحرا ۽ بيابان آباد ڪندو رهندو بفضله تعالىٰ. اسان جي ممدوح حضرت قبله جن به جڏهن اوهو پلارو سفر شروع ڪيو جيڪو سندن پهرين پير طريقت حضرت خواجه نور بخش صاحب توڪلي رحمة الله عليه (دربار عاليه ڦلن شريف ضلع مظفر ڳڙهه) جي وفات ڪان پوءِ اڌورو ۽ نامڪمل رهجي ويو ته ڪين انهي ئي پائي جي روحاني رهبر جي تلاش ۾ زندگي جو سڀ کان طويل ڏورانهون ۽ صبر آزما سفر جو مرحلو طئي ڪرڻو پيو پاڻ فرمائيندا هئا ته انهي اڻ کٽ سفر ۾ مون کي ڪل چار سئو استيشنون جهاڳڻيون پيون ريل جو اڙانگو سفر پنجاب جي گرمي لڪ ۽ ٿڪاوٽ اوجاڳا جنتي به ڪنهن نقشبندي بزرگ جي فضل وفيض جو ذڪر ڪنن تي پوي اتي لهي پوڻ مذڪوره خانقاهه تائين پهچڻ لاءِ ڪٿي سواري ته ڪٿي ربن

Marfat.com

هن ڪيسي مان ڪاغذ ڪڍي انهي تي بہ تي اکر لکي ڪاغذ مون کي ڏنو انهي تي لکيل هو حضرت شاهہ فيض محمد قنڌاري درگاهہ فيض آباد شريف نزد تاندليانوالہ تحصيل سمندري ضلع لائلپور (فيصل آباد) پوءِ حضرت شاهہ فيض محمد رحمة الله عليہ جو نالو وٺي خوب تعريف ڪيائين ۽ چيائين تہ اوهان اتي وڃواُهان جو پنڌ سجايو ٿيندو. هتان کان صرف ڏيڍ ڪلاڪ جو پنڌ آهي اوهو درويش اڳين اسٽيشن تي لهي ويو.

لکيل پتي تي انهي ئي ڏينهن درگاهہ فيض آباد شريف پهچي حضرت موصوف جي ڏيدار فرحت آثار کان مشرف ٿياسين پهرين ئي ملاقات ۾ ايهو محسوس ٿيو تہ جيتري تعريف سندن ٻڌي وئي پاڻ انهي کان بہ گهڻو وڌيڪ آهن ٻي ملاقات ۾ مراد مطلوب سندن آڏو رکي نقشبندي طريقي پاڪ جي فيوض و برڪات مان بهره ور ڪرڻ جي ڪين التجا ڪيم مجددي خاندان جي فرد هجڻ جي ڪري منهنجي لاءِ بطور احترام ايهو عار محسوس ڪندي تہ پاڻ آل مجدد الف ثاني رحمة الله عليہ جا مرشد بنجن مذڪوره عرض قبول نہ ڪيائون. باوجود گهڻي منت سماجت جي پنهنجي ۽ منهنجي درميان جيڪا آداب و مراتب جي ديوار کڙي ڪيائون اها آئون هٽائي نہ سگهيس ۽ مايوس ٿي واپس ڳوٺ آيس. سندن چوڻ تہ ڳوٺ پهچڻ شرط پاڻ حضرت شاهہ فيض محمد23مطابق رحمة الله ڏانهن ڏک ڏوراپن وارو هڪ خط لکي موڪليائون جنهن ۾ هڪ خاص ڳالهہ هي هئي تہ توهان کي سلوڪ ۽ معرفت جي روحاني دولت اسان جي ئي بزرگن وٽان ملي آهي ۽ انهي ميراث ۾ اسان سندن اولاد جو بہ حق آهي جيڪي وٽڻ

Marfat.com

لاءِ آئون توهان وٽ آيو هئس ۽ اڄان بہ اميدوار آهيان. انهي خط جي واپسي موٽ هاڪاري ملي پاڻ انهيءَ هفتي دربار عاليہ نقشبنديہ فيض آباد شريف پهچي سندن آمد جي منتظر رهبر ڪامل قطب الاقطاب حضرت شاهہ فيض محمد قنڌاري رحمة الله عليہ جي دست حق پرست تي بيعت ڪئي جن ڪين صرف چئن ڏينهن ۾ پهرين لطيفي کان آخري لطيفي تائين سلوڪ جا سمورا سبق پورا ڪرائي خلافت عطا ڪئي پاڻ فرمائيندا هئا تہ فيض آباد شريف ۾ مختصر مدت جي قيام دوران مون حضرت شاهہ صاحب رحمة الله عليہ جي فضل و ڪمال جا عجيب و غريب مشاهدا ڪيا پنجين ڏينهن ڪانئن اجازت ۽ خصوصي دعائون حاصل ڪري روانا ٿياسين ڳوٺ پهچي رب پاڪ جا لکين شڪرانا بجا آنداسين. ڪنهن ماڻهو ڪانئن پڇيو تہ حضرت شاهہ فيض محمد قنڌاري رحمة الله عليہ ۽ حضرت خواجہ نور بخش توڪلي رحمة الله عليہ ٻنهي بزرگن مان وڌيڪ باڪمال توهان ڪنهن کي ڏٺو پاڻ حضرت شاهہ فيض محمد صاحب رحمة الله عليہ جو نالو ورتائون هڪ دفعي سندن هڪ دوست پير صاحب وٽن تشريف فرماٿيو جيڪو پاڻ بہ روحاني پيشوا هو انهي ڪانئن پڇيو تہ هي مراقبا وغيره ڇا آهن. پاڻ ڪيس نهايت تفصيل سان راهہ سلوڪ جا اسرار و رموز مرتبا ۽ مقام هر هڪ لطيفي جي جدا جدا حقيقت ۽ سالڪ جي مشاهدي ۾ ايندڙ انوار و اسرار ظاهري ۽ باطني ٻڌايائون مذڪوره پير صاحب حيران ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ مون تہ ايهو ٿي سمجهيو تہ پيري مريدي جي ڪمن ۾ رڳو تعويذ لکڻ شيون پڙهڻ ڏاڳا وٽڻ ۽ مريدن جو دعوتون ڪائڻ شامل آهن پر هتي تہ ڪي وڏيون ڳالهيون لڪل آهن. پاڻ

Marfat.com

# عمليات

حضرت قبلہ جن رحمة الله عليہ خلق خدا جي جن ذريعن ۽ وسيلن سان شب و روز خدمت كندا هئا. انهن ۾ هڪ نهايت اهم ذريعو قرآني علوم مان ورتل وضائف تعويذات نقوش ۽ ٻين طريقن تي مشتمل عمليات هو جنهن مان لکين بلائن ۽ آفتن ۾ گرفتار انسانن ۽ هر طرح جي ظاهري ۽ باطني دردن ۽ مرضن ۾ پيڙهيل خلق خدا نجات شفا ۽ زندگي جو سکون ماڻيو مذکوره عمليات تي مکمل دسترس لاءِ پاڻ طويل عرصو سخت محنت ۽ مشقت جي مرحلن مان گذريا بي شمار رايتون جاڳي حاضرات ۽ مؤکلات کي تابع کرڻ وارو ڏکيو ۽ پر خطر عمل مکمل کيائون ۽ پوءِ گهڻون زمانو پاڻ مريضن تي پڙهايون کري کين غيبي بلائن کان نجات ڏياربندا رهيا آخري ٻن ڏهاکن ۾ جڏهن سندن مصروفيتون گهڻون وڌي ويون تہ متبادل طور کافي شاگردن کي اذن ڏئي کين ضروري تربيت سان مذکوره کم لاءِ تيار کيائون اهڙي طرح هي سلسلو هلندو رهيو ۽ تاحال جاري آهي عمليات جي دائري ۾ ايندڙ کجهہ شين مان قرآني حروف وآيات ۽ انهن جي ابجدي حساب ۾ نکتل انگن اکرن تي مشتمل نقشن ۽ نقشن جي هينان ۽ مٿان اصل لکت ۾ آيتون ۽ رب پاک جا ذاتي ۽ صفاتي اسم پاک اصل اکرن ۾ يا ابجدي انگن ۾ مرض ۽ بلا جي مدافعت لاءِ جڏهن تہ جنات سحر آسيب نظربد ۽ ٻين کربناک آفتن جي سد باب لاءِ ساڳيا نقش کجهہ تبديلين سان ۽ کي نقش بدي جي علامت طور جاتل فرعون هامان

Marfat.com

قارون وغيره جي خيالي شڪلين سان لکيا ۽ استعمال ڪيا وڃن ٿا جن ڪي مختلف طريقن سان تيل ۾ ڏيئن ۾ وٽون ٺاهي يا ٻرندڙ ٽانڊن ۾ ڏسيل وضائف پڙهندي عامل ساڙيندو آهي انهن نقشن تي مريض جو نالو ۽ سندس ماءُ جو نالو لکيو ويندو آهي ۽ ساڙڻ وقت لوبان اگر بتي خوشبودار شين ۽ هرمڙي جو واس مريض کي ڪپڙي جي جهنڊ ۾ ڏياربو وڃي ٿو انهي سڄي عمل ۾ عامل جي پڙهائي جاري رهندي آهي بلا جي ظاهر ٿيڻ تي اها مريض جي زبان سان ڳالهائي ٿي عامل جي ڏسيل طريقن سان ڪيس دفع ڪرڻ ۽ مريض کي نجات ڏيارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو انهي وقت جيڪا ظاهري سزا ڏني وڃي ٿي اها حملہ آور غيبي آفت کي ئي رسي ٿي ان سلسلي ۾ ڪي ٻيا طريقا بہ آهن.

سحر جادو ۽ آسيب کي دفع ڪرڻ جا اڄان بہ ٻيا طريقا آهن اهڙي طرح انساني وجود تي اثر انداز باطني مرض ۽ درد هٽائڻ جا سمورا طور طريقا عامل ڪامل ۽ عمليات جي انهن ڪتابن ۾ موجود آهن جيڪي قرآني علوم و حروف تي مبني آهن. تعويذات ڌاڳا. ڦيٿا ۽ ڪاڌي جي شين تي دم ڪرڻ بہ عمليات جو حصو آهي. قرآني علوم سان لاڳاپيل عمليات جي دائري ۾ دنيا جي هر ڪا شئي اچي وڃي ٿي ۽ انهي مان بي حد و حساب فائدا وٺي سگهجن ٿا. حضرت قبلہ رحمة الله عليہ جن وٽ جيڪي بيمار ۽ اذيت ناڪ زندگي گهارڻ واري خلق خدا ايندي هئي انهي جي تشخيص ڪري اهو ڏسندا هئا تہ ڪين طبي علاج جي ضرورت آهي يا عمليات جي روحاني عمل جي ٻنهي صورتن مان ڪنهن ۾ بہ مريض جان اڳيان وقت جو مسيحا موجود هو جنهن جي دعا ۽ دوا ٻئي

Marfat.com

نئيــن زندگي جي نويد هيون جيڪو ڪاغذ لکي مريض کي ڏيندا هئا انهي ۾ يا تہ يوناني طب جو نسخو تحرير هوندو هو يا روحاني شفا جو حامل تعويز يا عمليات جو ڪو بيو نمونو سندن تعويذ ۽ آيات قرآني ۾ لڪيل شفائون هر مرض لاءِ اڪسير هيون طبيبن ۽ ڊاڪٽرن وٽان لا علاج ڪيل هزارين ماڻهو سندن روحاني علاج مان شفاياب ٿيا ۽ ان کان بہ وڌيڪ قريب المرگ انسان سندن مجرب ۽ بينظير طبي نسخن جي بدولت تندرست و توانا ٿيا هي خلق خدا جي خدمت پنهنجي علالت جي سخت ۽ دشوار ترين عرصي ۾ بہ جاري رکيائون سندن ايثار ۽ استقلال ۾ نہ ڪڏهن گهٽتائي آئي نہ سست روي بي انسان جي تڪليف کي هميشہ پنهنجي تڪليف تي مقدم رکندا هئا عمر مبارڪ جي آخري حصي ۾ عمليات جي نسخن جا اُهي سڀ وظائف تعويذات نقوش ۽ سمورا اوهي مجرب عمل جيڪي سندن زندگي جي تجربن جا نچوڙ هئا يا مختلف ڪتابن ۾ جدا جدا صورتن ۾ درج هئا اُهي سڀ يڪجا ڪري عام خلق جي فائدي ۽ جاڻ لاءِ هڪ جامع ڪتاب "شفاءُ الصدور" جي نالي سان ڇپائي منظر عام تي آندائون جنهن ۾ سيني بيمارين جو روحاني علاج موجود آهي. انهي کان علاوه اُهي سمورا قرآني علم جا روحاني نسخا درج ڪيا ويا آهن جيڪي ناگهاني آفتن، خوف، خطرن، ظاهر ۽ لڪل دشمنن، مضر شين مهلڪ جانورن، اڻ ڄاتل مرضن ۽ دردن، قلبي ۽ ذهني پريشانين، مالي، مادي، معاشرتي ۽ طبعي نقصانن سميت اُهي سڀ ڳالهيون جن کان انسان شعوري طور تي محفوظ و مامون رهڻ چاهي ٿو. هن ڪتاب کي بلاشبہ عمليات جو بيش بها خزانو چئي سگهجي ٿو.

Marfat.com

# طب و حڪمت

رب پاڪ جي طرفان سندن گهراڻي کي جيڪي موروثي خوبيون لياقتون، عظمتون ۽ بلند تر صفاتون عطا ٿيون انهن ۾ طب و حڪمت کي نهايت اهم مقام حاصل آهي. جيڪا انساني زندگي کي دوام بخشڻ ۽ انهي کي طبعي جسماني ۽ علاماتي مضر لاڙن پستين ۽ خطرن کان محفوظ رکڻ لاءِ حڪيم لقمان جي طويل تحقيق، تجزين ۽ تجربن تي مبني لامحدود سفر کان شروع ٿي ۽ اڄ هزارين سالن کان پوءِ به اوهو تحقيق ۽ جستجو وارو سفر اڃا نا مڪمل آهي. جيئن ته هن ميدان ۾ جن محققن بنيادي ڪردار ادا ڪري طبي علوم کي ارتقائي مرحلن تائين پهچايو انهن جي اڪثريت يونان جي سرزمين سان لاڳاپيل هئي انهي ڪري زمين جي اوپڙ مان پيدا ٿيل جڙي ٻوٽين کي علاج جو ذريعو بنائيندڙ هن لا محدود طبعياتي علم کي يوناني طب سڏيو ويو جنهن جو دائرو پوري دنيا تي محيط آهي. جدا جدا ملڪن ۽ علائقن ۾ جن فردن هستين ۽ گهراڻن هن شعبي ۾ ڪمال رتبو ماڻيو انهن ۾ مجددي خاندان به هڪ آهي سندن آبائي ۽ روحاني وطن سرهند شريف جو علاقائي جغرافيائي ۽ انتظامي تعلق دهلي سان هو ۽ دهلي هندستان ۾ يوناني طب جو هميشه ڳڙهه رهيو ايهوئي سبب هو جو علم و فضل سان گڏ هن خاندان جو فطري لاڙو طبي تحقيق ڏانهن گهٽي کان گهٽون رهيو انهي مقصد لاءِ قائم جيڪي درسگاهون ۽ ادارا هئا (مصروف عمل) انهن ۾ خاندان جي ٻين فردن وانگي حضرت

Marfat.com

قبلــ رحمة الله عليہ جن بہ داخلا وني طبي تعليم جو آغاز
كيو علوم اسلامي كان فارغ ٿيڻ بعد پاڻ جامعہ طبيہ كاليج
دهلي ۾ سال كان بہ كجھہ وڌيڪ عرصو رهي پنهنجي اعلىٰ
ذهانت ۽ بصيرت جي آذار گهٽو كجھہ حاصل كيائون پر پوءِ
سندن ڏاڏي صاحب رحمة الله عليہ وڌيڪ وقت كين اتي تعليم
وٺڻ جي اجازت نہ ڏني كين گهرائي ورتو ۽ باقي رهيل كافي
طبي نصاب سندن شوق كي ڏسي پاڻ پڙهايائون.

دهلي ۾ رهائش دوران پاڻ اتي مشرقي علوم جي مايہ
ناز عالمن، اديبن، حكيمن، فقيهن، محققن ۽ نقشبندي ۽
چشتي سلسلي جي بزرگن سان ملاقاتون كري سندن علمي
عملي ۽ روحاني كاوشن مان بهره ور ٿيڻ جي كوشش كندا
رهيا طبي تعليم مكمل كرڻ بعد ڳوٺ ۾ هك بہ ملازم
ركي دوائن جي تياري تحقيق ۽ تجربن سان باقاعده مطب جو
آغاز كيائون ابتدائي كم جا نهايت كامياب ۽ حوصلہ افزا
نتيجا اچڻ لڳا. اڳتي هلي كجھہ مشكل ۽ محنت طلب
مركبات، سفوف، عرقيات ۽ خميره جات بہ سندن دست شفا
جو ذريعو بنيا مرحليوار يوناني طريقي علاج ۾ كليدي
كردار جا حامل سون چاندي جواهر زعفران عنبر ياقوت فولاد
جست شنگرف تامون ۽ ٻين ڌاتن مان تيار ٿيندڙ نازك ۽
باريك خاكا ۽ ناعمر موثر ۽ مقوي كشتا تيار كري انهن
جا كامياب تجربا كيائون. ٿوري ئي وقت ۾ سندن اوطاق
مكمل دار الشفا بنجي اڙين اگهن ۽ ڏكندن جا ڏنجهہ ۽ اهنج
ميٽڻ لڳي هي هن علائقي ۾ پنهنجي نوعيت جو واحد
شفاخانو هو جنهن ۾ مستحق نادار توڙي زردار سڀني كي دوا

Marfat.com

درمل مفت فراهم ڪئي ويندي هئي ڪنهن ڪان بہ ڪڏهن دواجي هڪ پائي بہ نہ ورتائون سندن ذاتي آمدني جون چڳون خاصو حصو هن ڪار خير تي خرچ ٿيندو هو. هي سلسلو گهڻو وقت هليو. حضرت صاحب سندن ڏاڏي جي وفات ڪان پوءِ سندن ذميواريون وڌي ويون. سڄو وقت ڪنهن هڪڙي ئي ڪم لاءِ ڪڍڻ ممڪن نہ رهيو. پيو تہ حضرت صاحب رحمة الله عليہ جي قائم ڪيل مدرسي هلائڻ جو بار بہ سندن ڪلهن تي آيو جيڪو پاڻ تادم حيات پرپور ۽ منظم طريقي سان هلايائون انهي عرصي دوران يوناني طب ۾ سندن ڪافي شاگرد پنهنجي پنهنجي ڳوٺ ۽ شهر ۾ پڇت آهر سندن خدمت خلق جو مشن هلائڻ لڳا. بذات خود وٽن وڏي تعداد ۾ جيڪي بہ مريض ايندا هئا انهن کي مرض جي تشخيص بعد نسخو لکي ڏيندا هئا جنهن ۾ لکيل دوائن جو استعمال انهن لاءِ شفاءِ ڪلي جو باعث ٿيندو هو. معمولات زندگي جو هي فريضو پوري عمر وڏي پابندي سان نڀايائون. سڀني بيمارين لاءِ سندن يوناني نسخا اڪسير ۽ تير بہ هدف هوندا هئا. خاص طور تي جگر معدي ۽ تلي جون بيماريون، فالج لقوه دم بواسير بئي قسم يرڪان (سائي) نمونيا مدي جو بخار جلندر گيس برهل ۽ پيون پيٽ جون بيماريون ڪالرا (الٽي دست) ڪرتيو (وڏي ڪنگهہ) دماغ جو دورو مرگهي ماليخوليا اڌ ۽ سڄو مٿي جو سور جذام (ڪوڙهہ) عرق النسا چيلهہ هڏن گوڏن ۽ سنڌن جو سور، ڏندن اکين نڙي ۽ ڪنن جون بيماريون، ملو خارش ناسور ۽ پيون کل جون بيماريون ۽ مردانہ زنانہ ۽ ٻارن جون بيماريون وغيره مردانہ ضعف جي

Marfat.com

بيمارين جا مختلف قسم انهي جي علاج جي طريقن ۽
بيشمار نسخن تي مشتمل هڪ ننڍڙو ڪتاب "طاقت نامون"
لکي ڇپائي مشتهر ڪيائون طب يوناني جا املهه ۽ ناياب
نسخا خواهشمند ۽ سيڪڙات طبيبن کي وڏي فياضي سان
ڏيندا هئا ڪين انهن پيشه ور حڪيمن تي افسوس هو جيڪي
اهڙا بي بها نسخا خلق خدا جي مستقل ڀلي جي بجاءِ پاڻ سان
گڏ قبر ۾ کڻي ٿا وڃن. ١٩٧٢ ۾ حڪومت عطائي حڪيمن
جي ناقص ۽ مضر ڪارڪردگي کي روڪڻ لاءِ هڪ طبي بورڊ
جوڙي انهي کي هدايت ڪئي تہ سڄي ملڪ ۾ يوناني طب
سان لاڳاپيل طبيبن جو باقاعده امتحان وٺي سندن قابليت ۽
صلاحيت جي معيار جو تعين اي بي ۽ سي جي ٽن درجن ۾
ڪري ڪين رجسٽر ڪيو وڃي ۽ سندون ڏنيون وڃن. مذڪوره
ٽن درجن کان گهٽ معيار وارن طبيبن جي ڪارڪردگي تي
حڪومت بندش لڳائي حضرت قبلہ رحمة الله عليہ جن لاءِ
انهي امتحان ۾ شريڪ ٿيڻ ضروري نہ هو ڇو تہ سندن طبي
خدمتون صرف رضاءِ الـهي لاءِ وقف هيون ذريعہ معاش هرگز نہ
هيون پوءِ بہ پنهنجي ذات کي ڪنهن بہ حرف و گمان کان صاف
۽ شفاف رکڻ لاءِ انهي امتحان ۾ شريڪ ٿيا ۽ اي ڪلاس جي
سند ۽ تعريفي سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيائون. وٽن موجود
هزارين ڪتابن مان طب يوناني تي لکيل ڪتابن جو بہ چڱون
خاصو ذخيرو هو.

## ادب

### خليلي شعر و سخن ۽ نثر نگاري

اسان جي حضرت قبلہ ممدوح رحمة الله عليہ کي

۽ ٻيو هر قسم جو مواد منظوم لا محدود بينظير ۽ في البديہ،
فرط مسرت توڙي رنج واندوھہ جي جذباتي گهڙين ۾ سندن
منظوم تاثرات مذڪوره واقعن جو ماده تاريخ مخصوص جملن
جو انتخاب ڪري انهي مان ابجدي انگن اکرن مطابق ماخوذ
ڪرڻ ۽ وري انهن جملن کي شعر جو حصو بنائڻ سندن ڪمال
مهارت جا اُهي ثبوت آهن جيڪي سندن مطبوعہ ۽ غير
مطبوعہ تحريرن، ماڳ مڪانن جي در و ديوارن ۽ اڪثر بزرگن
جي لوح مزار تي نقش آهن. شاعري جي سڪيا جو علم
عروض جنهن تي موزون شاعري جي عمارت اڏي وڃي ٿي
انهي ۾ جيڪڏهن عروض جي سپني قاعدن قانونن جون
گهرجون پوريون ڪيون وڃن تہ پوءِ فن سخنوري کي حقيقي ۽
مشڪل ترين فن مڃڻ جو احساس ضرور جاڳندو رڳو بحر
وزن، ڪافيا ۽ رديف سکڻ ۽ ياد ڪرڻ سان هي طويل صحرا
عبور نٿو ڪري سگهجي. حضرت قبلہ رحمة الله عليهجن جي
علم عروض ۾ حيثيت ايتري تہ مستند ۽ مجيل هئي جو وڏا
وڏا ڪهنہ مشق شاعر بہ پنهنجي شعري مواد کي عروض جي
ڪسوٽي تي پرکڻ لاءِ سندن حضور ۾ پيش ڪندا هئا سندن
اوائلي دور جي شاعري جو ڳچ حصو روايتي حسن و عشق جي
رومانوي انداز تي مشتمل هو جنهن کي شاعري جو بنياد چيو
ويندو آهي. اوهو درو موزون شاعري ۾ سنڌي غزل جي نئين
جوين جو دور هو پاڻ سنڌي غزل کي نيون تمثيلون نوازن رخ،
۽ نوان لاڙا ڏنائون. نموني طور سندن هڪ غزل جون بہ
مصرعون ڏجن ٿيون.

ماڻڪيون محبوب جون ڪن ٿيون مڪمل مجلسون
ڪنهن ڏنا هوندا ڪڏهن اهڙا عجب اسرار ڪي

Marfat.com

نانگ ڪرپاٽي پئين پيا نور جي چشمي منجهان
منهن تي محبوبن چڙيا اڄ چيڪ چوڙي وارڪي

سندن شعر جو هر جملو دلڪش معنيٰ خيز ۽ تخيل سان ڀرپور هو ڪٿي عام مروج فارسي تلفظ ته ڪٿي ٺيٺ سنڌي محاورا ته ڪٿي ٻنهي جو گڏيل خوبصورت امتزاج، سليس ٻولي جاندار بيان انداز تڪلم پڌرو، غير مبهم ۽ عام فهم. اشارا ڪنايا به موجود پر اُهي به گهري سوچ ۾ محو ڪرڻ وارا نه. تجنيس حرفي جي ڪثرت، عبارت جي رواني ۽ ابتدا کان آخر تائين حرف و سخن جو باهمي ربط سندن ڪلام جون خاص خوبيون هيون. سندن شاعري جو وچيون دور اصلاح احوال عوام الناس ۾ فلاحي تعميري سوچ سان گڏ مذهبي شعور ۽ خوف خدا پيدا ڪرڻ لاءِ مخصوص هو انهي دور جي آخري حصي ۾ ١٩٧١ واري اليڪشن آئي جيڪا سياست ۾ پهرين باقاعده نظرياتي جنگ هئي. جنهن ۾ هڪ طرف اسلامي سوچ جون حامل جماعتون هيون ته ٻي طرف سڪيولر سوشلسٽ ۽ لاديني قوتون، انهي مرحلي تي پاڻ هڪ عالم اديب ۽ روحاني پيشوا جي حيثيت ۾ موثر ڪردار ادا ڪيائون. روزانو سنڌي اخبارن عبرت، مهراڻ ۽ الوحيد ۾ سندن اشعار ۽ مضمون تواتر سان شايع ٿيندا هئا جنهن ۾ پاڻ بيراهه روي ڏانهن ويندڙ قوم کي سجاڳي جا سڏ ڏيندا رهيا. اهڙي طرح اڳتي هلي پوءِ ”سنڌ سونهاري“ جهڙو معرڪة الآرا ڪتاب لکيائون جنهن ڪشمور کان ڪارونجهر تائين ڪفر و الهاد ۽ لاديني ايوانن جا بنياد لوڏي ڇڏيا. هي ڪتاب سنڌي نثر نگاري جو منفرد ۽ يادگار نمونو هو.

Marfat.com

سنڌن شعر و سخن جو ٽيون ۽ آخري دور پورو حمد و نعت، مناجات، منقبت مسالمہ مولود پند و نصيحت ۽ دعائيہ اشعار و استغفار تي مشتمل هو نعت گوئي جي فن ۾ بہ نوان انداز ۽ اسلوب متعارف ڪرايائون جنهن ۾ ثناءِ سرور ڪائنات سان گڏ معجزات محمدي جون جهلڪيون بہ نمايان هيون. شان رسالت ۾ جيڪي بہ لفظ منتخب ڪندا هئا. اُهي معنويت ۽ فصاحت و بلاغت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. حوالي طور سنڌن هڪ مسدس نعت جاهي لفظ ئي ڪافي آهن تہ:

ان ڪان ونن تا گل منجهہ گلشن - رنگ ۽ خوشبو جلوا جوين
حسن مان پنهنجي ڪجهہ کوهوتن - هٿ سان ڏنو ڪي حورن پرين
نور مان انجي سج چنڊ روشن - ان جو اهاء منجهہ ساري عالم
صلي الله عليہ وسلم

جيتوڻيڪ ملڪي سطح تي صف اول جي بيشمار ادبي رسالن ۾ سنڌن شاعري ۽ نثري مواد شايع ٿي چڪو آهي پوءِ بہ سنڌن شاعري جي ڪئين بياضن مان ڪو هڪ بہ اجان شايع ٿي منظر عام تي نہ آيو آهي. رڳو سنڌن نعتن جو هڪ ننڍڙو ڪتاب "گلهاء عقيدت" جي نالي سان جماعت وارن ڇپايو. سنڌن ڪلام جي عدم طباعت جو هڪ سبب هي بہ هو تہ پاڻ شاعري کي ثانوي درجي جي حيثيت ڏيندا هئا. شرعي امور تي مبني تحريرن کي مقدم ۽ بيحد اهم ڄاڻي انهي جي ڇپائي جي ڪوشش ڪندا هئا. سنڌن شاعري جو تمام وڏو ذخيرو اجان قلمي حالت ۾ اشاعت جو منتظر آهي. ادب جي ٻي بازو نثر نويسي ۾ سنڌن ڪارگذاي جي تاريخ تمام ڏکهي ۽ ولولہ انگيز آهي. جنهن ۾ تيهن جي لڳ ڀڳ

Marfat.com

سندن مطبوع ۽ غير مطبوع ڪتاب سوين مضمون هزارن جي تعداد ۾ مختلف مسئلن ۽ موضوعن تي تحريرون سوالن جا جواب مڪتوبات وغيره شامل آهن. سندن هر ڪا نثر صاف سڌي مصلحت کان آزاد حق گوئي ۽ راست گوئي جو نمونو هئي وري دلڪش ۽ پر اثر ايتري جو پڙهندڙ بار بار پڙهي نه ٿڪي. ڪڏهن نه خوش مزاجي ۾ سوالن جا جواب شعرن ۾ لکندا هئا. خاندان وارا ۽ ٻيا واسطيدار ماڻهو شادي يا غمي جي گڏجاڻين جا خط ۽ دعوت ناما به اڪثر کانئن لکائيندا هئا اُهي مختصر مضمون وارا خط به پڙهڻ وارا ساندي رکندا هئا. سندن حلقه احباب ۾ هڪ وڏو تعداد عالمن ۽ اديبن جو هو جن اديبن سان سندن خاص مراسم هئا جن ساڻن ملي ادبي رهاڻيون ڪيون يا جن اديبن جو بالمشافه يا تحريري رابطو ساڻن رهيو انهن مان اڪثر ڪري هي هئا: مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، مرحوم حافظ عبد الله بسمل، مرحوم محمد خان غني، مرحوم عبد الله اثر، مرحوم فيض بخشاپوري، مرحوم سردار علي شاهه ذاڪر، مرحوم اسد الله شاه بيخود حسيني، مرحوم دادن فقير جويو، مرحوم مولوي عبد الرحمان ضيائي، مرحوم محمد سليم جان سرهندي، پروفيسر ڪريم بخش نظاماڻي، احمد خان آصف، منصور ويراڳي، خيرمحمد کوکر، قاضي محمد علي اختر مورائي، پروفيسر سيد قلندر لڪياري، ڊاڪٽر عابد لغاري، پروفيسر حاجي عنايت الله زنگيجو، محمد موسىٰ ڀٽو، مرحوم جڙيل شاهه لڪياري، مرحوم ثابت علي شاهه لڪياري، مرحوم عبدالڪريم پلي، مرحوم معمور يوس ٽي، مرحوم حاجي محمود هالائي، پروانو ڀٽي رلي

Marfat.com

سروري، نظير ٺڪڙائي، عاصي عبدالواحد هڪڙو، وفا پلي، مجرم لغاري، يار محمد چڱاڻي، پروفيسر يعقوب ثاقب آريسر، ديدار حسين شاهه لڪياري، درس عبد الڪريم العبد زاهي، علي محمد شاهه عاجز ۽ ارباب نيڪ محمد نهڙي وغيره.

جن مستند ۽ موقر رسالن ۾ لکين قارئين سندن مفصل شخصي ۽ ادبي تعارف ملاحظ ڪري چڪا آهن انهن ۾ سماهي ادبي مهراڻ، وڻجهارن وايون، ۽ تذڪره شعراءِ ٺٽڙ، قابل ذڪر آهن. مذڪوره رسالن ۾ سندن متعلق تعارفي مقالن سان گڏ وڏي تعداد ۾ سندن چوندڊ غزل ڪافيون ۽ نظمون بہ شامل هيون.

## تصنيفات

حضرت قبلہ رحمة الله عليہ جن مختلف موضوعن تي ڪافي ڪتاب لکيا انهن مان جيڪي هيستائين شايع ٿي چڪا آهن انهن جو تفصيل هن طرح آهي. حقوق القرآن (قرآن پاڪ جا حق پڙهندڙن تي تلفظ اچار ۽ هدايتون) دعوت اسلام (نماز جي تلقين) اعتراض ۽ جواب (ڪجهه اعتراضن جا مدلل جواب) شفاء الصدور (عمليات جو بيمثال ڪتاب سنڌي) شفاء الصدور اردو (عمليات جو بيمثال ڪتاب) خليلي خطوط (احباب ڏانهن لکيل خط) البرهان (عربي سنڌي ترجمي سان جمع جي بي اذان بابت) سچاڳي جو سڏ (هڪ اهم مسئلي تي اپيل مسلمانن کي) اونهي ڳالهه اسرار جي (انبياء ڪرام جي علم غيب بابت) سنڌ سونهاري (ڪفر و الحاد دهريت ۽ بين باطل نظرين جو رد) مناجات روشن (والد ماجد جي مناجات) حقوق الوالدين (ماءُ ۽ پيءُ

Marfat.com

جي حقن بابت) وهابيت جا وكا پڌرا (وهابي فرقي جا عقائد) عصمت انبياء (انبياءِ ڪرام جي سيرت تي گستاخن جا اعتراض ۽ جواب) اگ جائي (فتويٰ) فوٽن جي لعنت گناھ بي لذت سنڌي (فوٽن جي ممانعت بابت) تصويرون ڪي لعنت گناھ بي لذت اردو، جواھر نفيسہ (سرڪار دو عالم صلي الله عليہ وسلم جا احڪام سيدنا علي رضي الله عنه ڪي) طاقت نامو (مردانہ بيمارين جا علاج ۽ نسخا) گلھاء عقيدت (نعتون سرڪار دوعالم صلي الله عليہ وسلم جي شان ۾) اعتراض خطن جا جواب (ڪجھ مسئلن جا جواب) ھڪ گمنام گوھر (سندن والد ماجد جي حالات زندگي تي لکيل) مڪتوبات خليلي (مريدن ۽ احبابن ڏانھن خط) سونھاري سنڌ جو سونھارو ستارو (حضرت شاھ ضياء احمد جان رحمة الله عليہ جي زندگي تي لکيل) اي قوم جي نياڻي (عورتن جي پردي بابت احڪام شرعي)

انھيءَ کان علاوه ڪجھ ٻين ڪتابن جا مسودا اشاعت جي تياري ھيٺ آھن.

## تبليغ دين متين

.قرآن پاڪ رب ذوالجلال جي جنھن پاڪ دين کي ملت حنيفا سڏيو آھي انھي سڳوري دين مبين جي تبليغ ۽ ترويج لاءِ پوري زندگي وقف ڪندڙن ۾ اسان جي حضرت قبلہ جن رحمة الله عليہ جن جو نالو ھميشہ سر فھرست رھندو. الله جي دين سان چڻ تہ سندن نيھن جو ناتو ھو. جنھن سان ميثاق واري پھريئن ئي ڏينھن جيڪي وفا جا وچن ڪيائون اُھي ئي ٻول پوليندي سندن روح جي پکي آخري پرواز ڪئي.

Marfat.com

جسم و جان جو سات سلامت رکڻ لاءِ جيکو بہ پساهہ اندر مان ٻاهر آيو ويو ٿي اوهو ديـن لاءِ زبان مان جيـکو بہ لفظ نڪتو اوهو ديـن لاءِ هٿ جنهن بہ ڪم لاءِ چريا اوهو ديـن لاءِ ۽ پيرن جيـڪا بہ وک واري اُها ديـن لاءِ. هڪ محتاط اندازي موجب تقريباً سٺ هزار غير مسلم ماڻهو سندن هٿ تي اسلام قبول ڪري مشرف بہ اسلام ٿيا. سندن دعوت تبليغ ديـن متيـن جو سلسلو بہ سٺ سالن کان ڪجهہ وڌيڪ عرصي تي محيط آهي. ويهن سالن جي عرصي ۾ هڪڙو نسل جوان ٿي پيءُ بنجندو آهي سٺ سالن جي اڳ گذريل عرصي ۾ مسلمان ٿيڻ وارن جا اڄ ٽي نسل هوندا. چاليهہ سال اڳ مسلمان ٿيڻ وارن جا ٻہ ۽ ويهہ سال اڳ ڪلمون پاڪ پڙهڻ وارن جو هڪ نسل جمي اڄ جوان هوندو. ايڏي وڏي عرصي ۾ سٺ هزار ماڻهن جو تعداد ڪيترن لکن ۾ هوندو اوهو حساب پڙهڻ وارا پاڻ ويهي ڪن.

حضرت قبلہ رحمة الله عليہ جن اسلام قبول ڪرڻ وارن ماڻهن جي هر طرح مالي اخلاقي ۽ قانوني مدد ڪرڻ سان گڏ سندن تحفظ عزت نفس ۽ ڪيـن معاشري ۾ جائز مقام ڏيارڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪندا هئا. پاڻ ڪيس ۽ ڪورٽ ڪچهري کان سخت نفرت ڪندا هئا پر جيڪڏهن اتي ڪنهن نو مسلم شيخ جو معاملو ويندو هو تہ ڪيس تنها نہ ڇڏيندا هئا. سندن ماڻهو هن سان گڏ هوندا هئا ۽ مالي اخراجات جو سڄو بار پاڻ پنهنجي ڪلهن تي کڻندا هئا. اڪثر وڏيرا ۽ زميندار انهن نومسلمن کي زبردستي مرتد بنائي ڪيـن پيهر اصل وارثن جي حوالي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا تہ جيئن

Marfat.com

هنن جو ڪوڙو شان ۽ مان گهٽ نہ ٿيئي جڏهن تہ ڪي وري نو مسلم عورتن تي قبضو ڪرڻ جا گهاڙ گهڙيندا هئا. پاڻ انهن نام نهاد مسلمان وڏيرن جي هميشہ سخت ڪان سخت مزاحمت ڪيائون ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن ڪي انهي جي ناجائز ارادن ۾ ڪامياب ٿيڻ نہ ڏنائون. اڪثر نو مسلم ويچارا انهن بگهڙن ۽ واڳن ڪان بچڻ لاءِ سندن پناهہ وٺي طويل عرصو وٽن ڳوٺ ۾ رهي پوندا هئا. جيستائين سندن واپسي جو رستو صاف ۽ محفوظ بنجي مسلمان ڪي مرتد بنائڻ ۽ انهي معاملي ۾ غير مسلمن جي مدد ڪرڻ وارن جي پنهنجي اسلام ۾ ڪهڙي حيثيت وڃي بيهندي. انهي بابت شرعي فتويٰ تي مبني هڪ ڪتاب "سچاڳي جو سڏ" ڇپائي منظر عام تي آندائون. هن فتويٰ تي سڄي سنڌ جي مقتدر عالمن جا دستخط هئا.

وٽن حلقہ اسلام ۾ شامل ٿيڻ وارن ۾ هندن ڪان علاوه عيسائي ۽ قادياني بہ هوندا هئا. انهن ڪي بہ گهربل حقوق ۽ تحفظ ڏيارڻ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏيائون. مسلمانن ۾ وري امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو فريضو نڀائڻ لاءِ سڄي عمر تبليغي مشن جاري رکيائون جلسن جلوسن، عام گڏجاڻين، مدرسن، ديني تنظيمن، تحريڪن، ڪتابن، فتوائن، اپيلن، پمفليٽن، اشتهارن ۽ جنهن بہ ذريعي سان تبليغي مقصد ممڪن هجي اوهو ڪتب آڻيندا هئا. سندن پيغام جا مک نقطا هئا. الله ۽ رسول جي ڏسيل رستي تي هلڻ، نيڪي ۽ ڀلائي جا ڪم ڪرڻ، ڏوهن، گناهن ۽ برايـن ڪان بچڻ، بدمذهبن ۽ بدعقيدن ڪان بچڻ ۽ حلال ۽ حرام ۽ جائز ۽ ناجائز جي فرق ڪي جاڻڻ ۽ سمجهڻ سندن هر هنڌ ۽ هر موقعي تي اها تلقين هوندي هئي تہ توهان جو ايمان توهان

Marfat.com

وٽ الله ۽ ان جي رسول جي رکيل امانت آهي انهي تي رات ڏينهن پهرو ڏئي انهي جي حفاظت ڪريو. ته جيئن انهي تائين نه شيطان پهچي سگهي ۽ نه انهي جا چاڙتا. سندن گهڻي کان گهڻي تلقين نماز جي هوندي هئي. سندن اهڙي ڪا به مجلس، اهڙي ڪا به گفتگو نه هوندي هئي جنهن ۾ نماز جو تاڪيد نه هجي. جيڪي ماڻهو وٽن مسلمان ٿيندا هئا انهن کان نماز جو پڪو عهد وٺندا هئا ۽ جيڪي ماڻهو وٽن طريقي پاڪ ۾ داخل ٿيڻ ايندا هئا انهن کان نماز جو پڇندا هئا ۽ جيڪر ڪين اها خبر پئي ته هو پابندي سان نماز نه ٿا پڙهن ته ڪين مريد نه ڪندا هئا. پاڻ شروع ۾ هڪ تنظيم "انجمن عباد الله" جي نالي سان قائم ڪيائون جنهن جو مقصد هو نماز جي تبليغ ڪرڻ. انهي تنظيم جا اراڪين مسلمانن جي هر ڳوٺ، هر محلي ۽ هر گلي ۾ وڃي ماڻهن کي نماز جي فرض جو احساس ڏياريندا هئا ۽ الله ۽ رسول جا احڪام ٻڌائيندا هئا. سندن نماز بابت لکيل هڪ ڪتاب "دعوت اسلام" به انهي موقعي تي مفت تقسيم ڪيو ويندو هو.

حضرت قبله رحمة الله عليه جن جي تقرير به اڪثر نماز، خوف خدا ۽ خوف آخرت جي موضوع تي هوندي هئي. رب پاڪ سندن عرض اگهايا سڏ ۽ سوال ساپ پيا پورهيتن جي پورهئي جو اجورو پرور پاڪ خوب ڏنو. هزارين ڀٽيڪل سنئين راهه تي اچي ويا، بي نمازي، متقي ۽ پرهيزگار بنجي ويا. چور ۽ رهزن، زاهد ۽ پارسا بنجي پاڻ ناصح بلڪ مبلغ بنيا. بدمذهب ۽ بدعقيده ماڻهو مسلڪ حق اهلسنت والجماعت جا سرويچ سپاهي بنجي ويا. جڏهن ته وڏن انڳڻين حسابن ۾ موجود غير مسلم ماڻهو مشرف به اسلام ٿي

Marfat.com

نار جهيم مان نڪري فردوس بريـن جي حدن ۾ داخل ٿيا.
بحمد الله بفضله تعاليٰ

اول آخر آهـ هلـڻ منـهـنـجو هـوت ڏي
پورهيو سندو پورهيتـن والي ڪيـم وجاء
ٿڪي ٿورو لاهـ جيئـن جيئري ملان جت ڪي
(شاهـ)

## طالبان طريقت

حضرت شاهـ سائين رحمة الله عليہ جو هڪ بيت آهي:

ڪاهوڙيـن خفي ڪان سوجهي لڌو سبحان
عاشق اهڙيـن اڪريـن لنگهيا لا مڪان
هوء ۾ گڏجي هوء ٿيا بابوسي بريان
سپوئي سبحان آيو نظر ان جي

حضرت قبلہ رحمة الله عليہ جن جي جماعت ۾ بہ ڪافي اهڙي مرتبي جا پاڪ طينت عاشق هئا. جيڪي سلوڪ ۽ طريقت جا سڀ مرحلا طئي ڪري لا مڪان لنگهيا جن ميثاق جا وچن ساري پربـڻ جي پار وڪون واريون ۽ پوء اٿي وينئي ستي جاڳي محبوب حقيقي جو مشاهدو ماڻيو. اهڙن سعادتمند سالڪن ۾ مرحوم محمد صديق لوهار، مرحوم صوفي عبد الحڪيم خاصخيلي، مرحوم شفيع محمد پلي، مرحوم حاجي اسماعيل قريشي، مرحوم صوفي محمد صديق چانڊيو، مرحوم فقير محمد عمر پنهور، حاجي عبدالسلام شاهاڻي، صوفي بشير احمد جت، صوفي محمد شفيق آرائين، حاجي عبد الحميد چنو، مولوي حاجي عبد الرحيم شاهاڻي

Marfat.com

۽ فقير محمد عارف سومرو شامل هئا. هنن سمورن سالڪن کي خلعت خلافت عطا ڪري طريقي پاڪ هلائڻ جي اجازت ڏنائون. باقي خليفن ۽ انهن مريدن جو تذڪرو نالي به نالي ڄاڻائڻ ناممڪن آهي جن سلوڪ جو گهڻو سفر طئي ڪيو جيتوڻيڪ منزل مراد تي نه پهچي سگهيا. پوءِ به سندن درجو ولايت صغريٰ کان گهٽ ڄاڻڻ ڪنهن به طرح مناسب نه ٿيندو اهڙا عارف مرد حق آشنا سندن جماعت ۾ سون جي تعداد ۾ موجود آهن هتي ڪجهه تذڪرو انهن جماعتن جو ڪجي ٿو، جيڪي ڪسب فيض جي ارادي سان وقت بوقت سندن حضور ۾ ايندي‌ون رهيون ۽ پنهنجا جهول دنيا ۽ عقبيٰ جي ڀلاين سان ڀرينديون رهيون. اول الذڪر مراد ميمڻ ڳوٺ ڪراچي جي ميمڻ جماعت آهي، جنهن سندن حضور ۾ وڏ ۾ وڏ حاضريون ڀريون ڪراچي کان عمر ڪوٽ ضلعي تائين خاص بسن ذريعي طويل سفر ۽ اوهو به تقريبا هر مهيني باقاعدگي سان هن جماعت جو معمول هو. سڀ کان وڏو اعزاز جيڪو هن جماعت کي حاصل آهي اوهو هي ته مذڪوره جماعت سندن ڳوٺ گلزار خليل ۾ جتي ٻيا تعميراتي ڪم ڪرايا اتي مدرسي جي پراڻي خسته حال عمارت جي پرسان هڪ نئين طرز جي نئين عمارت تعمير ڪرائي، جتي هن وقت مدرسي جا ٿئي ڪلاس هلي رهيا آهن. حاجي محمد جميل، حاجي عبدالغفار، هاجي حبيب الله ۽ حاجي محمد موسيٰ صاحب هن تعميراتي ڪم جي شب و روز نگراني ڪئي. محترم سيد هاشم شاهه صاحب به ساڻن گڏ رهيو. جڏهن ته تعميراتي اخراجات سڄي ميمڻ جماعت گڏجي ادا ڪيا. خانقاهه خليلي تي حاضري

Marfat.com

پريندڙ ٻين جماعتن ۾ لانڍي ڪورنگي، ابراهيم حيدري ۽ ڪراچي جي ٻين شهري توڙي مضافاتي بستين جون مهاجر پنجابي پٺاڻ گبول خاصخيلي، جوکيا ، ڪرمتي، ڄاموٽ، جدگال ۽ واديلا جماعتون ضلعي ٺٽي جون ميمڻ عباسي، خاصخيلي، سومرا ، جت، ڪٽي، ملاح، جاکرا ۽ ٻابڙا جماعتون. بدين شهر جون ميمڻ، سومرا ، ڪٽي، چانديا ۽ جمالي جماعتون. بدين ضلعي جون مختلف ڳوٺن ۽ شهرن جون ڪوسا ، احمداڻي، پرڳڙي، بگراٽي، ملاح، ڪوري، جت، رانوڙ ۽ زنديپور جماعت. حيدراباد شهر جي مختلف مهاجر برادرين جون جماعتون، ٽنڊي الهيار، چمبڙ ۽ ٻاسي جون جروار، لغاري، بوزدار، رستماڻي، نونڌاڻي، حاجياڻا ، ڪنڀار ۽ ميمڻ جماعتون ضلعي دادو جون: عباسي، قريشي، لنڊ، ملاح، ٻگهيا ۽ نومڙيا جماعتون ضلعي سانگهڙ جون سمان ۽ درس نقرچ ۽ آڙهوتا جماعتون. ضلعي ٿرپارڪر جون راهمان، سميجا ، هاليپوٽا ، چنا ، سنگراسي، گجو، ساند ۽ جنجهي جماعتون ۽ عمرڪوٽ ۽ ميرپورخاص ضلعن جون سوين جماعتون ۽ برادريون شامل آهن.

طالبان طريقت ۾ خليفن کان علاوه حضرت قبله رحمة الله علي جن وٽان سڀ کان پهرين جيڪي خوشنصيب فيضياب ٿيا انهن ۾ مرحوم شفيع محمد پلي، حاجي ابراهيم سودو، حاجي گل محمد جلباڻي، سيد سبحان شاهه، حافظ محراب ڪالرو، فقير محمد رحيم خاصخيلي، حافظ بلال مهاجر مؤذن غلام محمد پرڳڙي، فقير اسماعيل ڪالرو، هاجي گلاب زنديپور، زاهد فقير راڄڙ ميان موسيٰ شاهاڻي،

Marfat.com

حاجي ابراهيم احمداڻي، علي محمد بروهي، حاجي لکانو سولنگي، حاجي يعقوب خاصخيلي، قائم الدين ڪوسو، مولوي محمد رحيم دل، حاجي عبدالصمد نفرچ، سيڪريٽري محمد عثمان ميمڻ، ماستر عبدالله پٽي، حاجي خان محمد راهمون، محمد طاهر آڙهوٽو ۽ ننڍي عمر ۾ حاجي محمد صالح راهو، عبدالرزاق راهو ۽ ابراهيم راهو. ڪجهه تعارفي احوال انهن چئن خليفن جو جيڪي حضرت قبلہ رح جن کان سلسلہ عاليہ نقشبنديہ ۾ سڀ کان پهرين خلافت و اجازت ماڻي ولايت ڪبريٰ جي درجي تي پهتا.

**صوفي محمد صديق لوهار رح:** پاڻ ذات جو سمون هو اصل ۾ نئين ڪوٽ جو پر عمر جو وڏو حصو ڪُنري شهر ۾ گذاريائين. گذر سفر لاءِ لوهارڪو ڌنڌو ڪري رزق حلال ڪمائيندو هو. طريقي پاڪ ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ هڪ نہ ٻي ڏينهن مقرر رات هجي يا ڏينهن آڌي هجي مانجهي، ريل تي سوار ٿي اسٽيشن محمد رحيم ڪالرو تي اچي لهندو هو ۽ پوءِ وچ وارو ٻن ميلن جو پنڌ جهاڳي رات جوئي پهچي فجر نماز کان پوءِ مراقبي ۾ شريڪ ٿيندو هو. مراقبي جي اختتام ۽ مرشد جي ملاقات کان پوءِ وري ساڳيو پنڌ ساڳي ريل ڪلاڪ اڌ ۾ ڪُنري پهچي پنهنجي ڌنڌي کي لڳندو هو. ٽن سالن ۾ سلوڪ جي تڪميل ڪيائين. پنهنجي گهرجي سيني ياتين کي حضرت قبلہ جن وٽ طريقي پاڪ ۾ داخل ڪرايائين. سندس هڪ نياڻي تہ سلوڪ ۽ معرفت الاهي جي ايڏي مقام تي پهتي جو سندس پيرن جي آڱرين ۾ بہ اسم ذاتي جي صوتي حرارت روان دوان هئي. اُها عارفہ ڪاملہ بہ

Marfat.com

هاڻي وفات ڪري چڪي آهي. صوفي محمد صديق رحمة الله عليه نفلي نمازون ڪثرت سان پڙهندو هو. ڪيس ڏسڻ وارا يا ته باهه جي بني تي ڪم ڪندي ڏسندا هئا يا وري سجدن ۾ اهڙي طرح نفلي روزا به پابندي سان رکندو هو تقويٰ ۾ سندس رڳو هڪڙو مثال ئي ڪافي هو ته ڪنهن دڪان هوٽل ۽ اوطاق جو پاڻي به مالڪ جي اجازت ڪان سواءِ نه پيئندو هو. پاڻ جتي به چئن مسلمانن جو ميڙ ڏسندو هو اتي هلي اچي نماز ۽ ديني احڪام جي تلقين ڪندو هو. ماڻهو ڪيس پري ڪان ڏسندا هئا ته چوندا هئا ته هاڻي ماٺ ڪريو فقير صاحب جي تقرير ٻڌڻ لاءِ تيار ٿيو. حضرت جن رح هڪ دفعي فرمايو ته محمد صديق لوهار ۽ صوفي عبدالحڪيم جو درجو تمام مٿي آهي، ڪيس حج جي تمنا شدت سان رهي پر غربت جي ڪري اُها سعادت عظميٰ ماڻي نه سگهيو ۽ داعي اجل کي لبيڪ چيائين:

**صوفي عبدالحڪيم خاصخيلي رح:** ٿـــر جي ڳوٺ گربانچو تعلقي ننگر پارڪر جو هي مرد مؤمن ابتدا ڪان ئي صوفي باصفاهو ٻاراڻ ڪان ئي ڪنهن اونده طوفان ۾ واچوڙن ۾ سندس پير ڪڏهن به صراط مستقيم تان نه ٿڙيو وري سندس پاڳ اڳيان زندگي جا سڀ سوجهرا تڏهن سر نمائي بيٺا جڏهن ڪيس اهڙو مرشد ڪامل مليو، جنهن جي عهد ۾ ولايت جي هر مقام جي حروف تهجي شروع ٿي سندس ئي نالي تي ختم ٿي ٿي وئي. صوفي صاحب هر وقت باوضو رهندو هو. سندس اندرين باهرين دنيا مسجد ئي هئي جتي رات جو گهڻو حصو عبادت ۽ ذڪر اذڪار ۾ جاڳي

Marfat.com

گذاريندو هو. رڳو پوئين پهر هڪ ٻه ڪلاڪ آرام ڪندو هو.

پاڻ تنهائي پسند ۽ دنيا سان رسمي تعلق تمام گهٽ رکندو هو. ڪنهن اجتماع گڏجاڻي ۽ دعوت ۾ شريڪ نه ٿيندو هو. ايتريقدر جو ٻن ماڻهن کي ڳالهائيندي ڏسندو ته اُتان به پاسو ڪري لنگهندو هو. پنهنجي ڳوٺ ۾ ٻارن کي قرآن پاڪ پڙهائيندو هو. صوفي محمد صديق لوهار ۽ صوفي عبدالحڪيم کي هڪڙيئي مهيني ۾ نقشبندي سلسلي جي خلافت ملي، پر صوفي عبدالحڪيم جي مقدر ۾ زندگي جا ڏينهن ٿورا رهيا هئا. پاڻ هڪ مسڪين ماڻهو هو. ٻني ٻاري تي گذارو هئس ۽ اُها به ٿر جي ٻني جنهن ۾ سڄو سال ابر جي آسري واري پئي اڏامندي هئي. پوءِ به توڪل جي تُرهي تي سوار صبر ۽ شڪر جو ثمر ساڻ ڪري وقت گذاريائين. اجان جوانيءَ جو سج اُلهيو نه هئس ته وفات ڪري ويو.

جھاڑ کر گردِ غمِ ہستی کو اڑ جاؤں گا میں
بے خبر ایسی بھی اک پرواز آتی ہے مجھے (عدمؔ)

**صوفي فقير محمد صديق چانديو رح:** سندس تعلق ٿر جي ڳوٺ ڪيپلي تعلقي ننگر پارڪر سان هو. علائقي جو مشهور عالم مرحوم مولوي رسول بخش چانديو سندس وڏو ڀاءُ هو. پر صوفي صاحب پاڻ گهٽو پڙهيل ڪونه هو، ٿر جي ريگزارن ۾ سندس پهريون روحاني ملاقات صوفي عبدالحڪيم خاصخيلي سان ٿي، جيڪو اجان تازو سلوڪ جي تڪميل ڪري واپس موٽيو هو. پهرين ئي ملاقات ۾ صوفي عبدالحيڪم جو مريد ٿي روحاني سفر جو آغاز

Marfat.com

ڪيائين، پر سگهوئي صوفي صاحب جي وفات سبب اڳتي وڌي نہ سگهيو ۽ پوءِ حضرت قبلہ رح جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي سندن حلقہ ارادت ۾ شامل ٿيو، جيڪا وابستگي طويل مسافت جي صورت ۾ آخري دم تائين رهي. حضرت قبلہ جن رح ڪمال شفقت ۽ توجہ سان ڪيس طريقت جا سڀ مرحلا طئي ڪرايا ۽ پوءِ هڪ ڏينهن هي مرد درويش بہ خواجگان نقشبند جي صف ۾ شامل ٿي ويو. فقير محمد صديق جي هڪڙي شناخت طب و حڪمت بہ هئي. حضرت قبلہ جن ڪيس ۽ فقير محمد عمر پنهور کي طب يوناني جا ڪافي ناياب نسخا ڏنا هئا، جن مان هنن وٽان خلق خدا جي وڏي تعداد فائدو ورتو. پاڻ نهايت منڪسرالمزاج بردبار ۽ صابر شاڪر انسان هو. هڪ دفعي ڪن ماڻهن ڦڏو ڪري سندس ٻنيءَ تي قبضو ڪيو معاملو راڄن چڳن مڙسن ۽ عالمن ۾ وڌائين ڪنهن ماڻهو چيس تہ ٻروچ آهين، پنهنجي شئي وڙهي ڇو نٿو وٺين. چيائين تہ آئون پچڻ وارو ڏجڻ وارو ۽ لڪڻ وارو ٻروچ آهيان. شيءِ الله جي آهي، انهي ۾ رب پاڪ هنن جو روز لکيو آهي تہ پلي ڪائي وٺن. فقير صاحب مختصر علالت کان پوءِ اندازاً پنجهتر سالن جي عمر ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ وفات ڪئي سندس بہ پٽ تعليم کاتي ۾ استاد آهن.

## صوفي فقير محمد عمر پنهور رحمة الله عليه :

اسان جي حضرت قبلہ ممدوح رح جن جي چوٿين خليفي جو احوال بيان ڪان ڪجهہ طويل انهي ڪري آهي جو دست بيعت ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي سڄي زندگي جو هڪ هڪ پل آستانہ خليلي تي ڳٽي گذاريائين. منهنجو (رقم جو) ذاتي

Marfat.com

تعلق ٻہ ساڻس گھڻو رهيو سندس نالو قلم جو نوڪ تي ايندي ئي ساڻس لاڳاپيل يادون هڪٻئي پنيان ذهن جي دريچن مان ليئا پيون پائن. هن درويش عصر جو تعلق عمرڪوٽ جي پنهور برادري جي مشهور ڳوٺ اوڪراڙي سان هو. ابتدائي جواني ۾ ڏوهن جي دنيا ۾ ڄاتل سڃاتل ۽ ڏاڍو مڙس هو. هڪڙي رات ڪنهن واردات تان واپس وريو تہ اوچتو سندس طبيعت گهڻي ناساز ٿي پئي. بيهوشيءَ جي دوري ۾ حضرت قبلہ جن رح کي ڏنائين تہ سندن هٿن ۾ کير جو هڪ پيالو آهي. پاڻ ڪيس اهو کير پياريائون، هوش ۾ اچڻ تي سڀ مرض ۽ درد دور ٿي ويا. سندس چوڻ مطابق تہ اُها رات عجيب ڪيفيت ۾ ڇرڪ ڀرڻ ۽ وانگي ڪڏهن کلندي ۽ ڪڏهن رئندي گذاريائين. صبح ٿيندي ئي لٽيل مال ڌڻين کي واپس موڪلي. پاڻ قبلہ جن رح جي حضور ۾ اچي حاضر ٿيو، جتي معرفت الاهي جي نور سان قلب جون تاريڪيون ميٽي منور ڪيائين ۽ پوءِ روزانو مراقبن ۾ شريڪ ٿي نئين منزل جا آثار و اسرار ڏسڻ لڳو. فقير صاحب لاءِ مرشد جي آستاني کان ڌار رهڻ دشوار ٿي پيو. ڳوٺ ويندو هو تہ سخت بيقراري ۾ ڏينهن اڌ رهي واپس ايندو هو. ڪيس اباڻا ڪک ۽ اَڇها اوپرا نظر اچڻ لڳا. نيٺ سال ڏيڍ ۾ خانقاه خليلي جي سائي ۾ مستقل گهر اڏي اچي ويٺو. حضرت قبلہ جن وقت بوقت مختلف ذميواريون سندس ذمي ڪيون، جيڪي وڏي خوشي ۽ فخر سان نباهيندو رهيو ۽ انهي سان گڏ طريقت جي تار مان ٻہ تري وچي پار پيو. ڪيس خلعت خلافت طور پهراڻ، چادر ۽ صدري عطا ٿيا. اُهو مبارڪ ڏينهن اربع جو هو. وچان هڪڙو

Marfat.com

ڏينهن گذريو جمع جي رات کيس سرڪار دو عالم ﷺ جن جي خواب ۾ زيارت نصيب ٿي سندس چوڻ مطابق ته پاڻ هڪڙي خيمي (تنبو) ۾ جلوه افروز هئا. نوراني صورتن واريون ڪئين هستيون سندن مجلس ۾ حاضر هيون. مون ڊڄندي ڏڪندي اڳتي وڌي سندن پيرن مبارڪن تي هٿ رکي سندن هٿ چميا اُهي هٿ مبارڪ اجان منهنجي اکين تي ئي هئا ته مون کي سجاڳي ٿي. ان وقت مون کي سڄي گھر ۾ خوشبو محسوس ٿي مون خيال ڪيو ته هي سُرهاڻ ۽ ڪٿوري جي هُبڪار ڪٿان پئي اچي. وري اهو مبارڪ سپنو ياد ڪري صلواة شريف پڙهيم. جڏهن اشهد جي لفظ تي آڱريون چمي اکين تي رکيم ته خبر پئي ته اُها سڄي خوشبو منهنجي هٿن مان ئي پئي اچي جيڪا لاڳيتو ٽي ڏينهن رهي ۽ ڇپن مان باهر پئي اچي جيڪا لاڳيتو ٽي ڏينهن رهي جيڪو به ماڻهو منهنجي پر ۾ ويهندو هو اُهو پڇندو هو ته ڪهڙو عطر هنيوائي جو هيڏي خوشبو ٿي اچي. اِهو پاڳن پريو خواب سڀ کان پهرين حضرت قبله جن رح کي ٻڌائڻ جي ارادي سان صبح جو سندن اوطاق تي حاضر ٿيس دل ۾ اِهو اَرادو ڪيم ته جيڪڏهن پاڻ اجازت ڏنائون ته ٻين کي به ٻڌائيندس نه ته ڪنهن کي به نه ٻڌائيندس. متان ماڻهو مون ۾ شڪ شبها ڪن. ٿوري دير گذري ته پاڻ تشريف فرما ٿيا. مون کي ڏسندي ئي فرمايائون ته، محمد عمر توکي مبارڪ هجي توکي رب پاڪ ٻنهي جهانن جي سردار جي زيارت ڪرائي آهي ۽ تون بيشڪ ماڻهن کي هي پيارو خواب ٻڌاءِ جيڪو شڪ ڪندو اهو گمراهه آهي. منهنجي حيرت جي ڪا حد نه رهي ته ڪين ڪيئن خبر پئي.

Marfat.com

طرح جهوناڳڙهه جهڙڻ کان اڳي ڏاتار اڳيان منگتو پاڻ سر کپائي وينو. طالبان طريقت ۾ آخري يادگيري انهن زميندارن، معززين ۽ برادرين جي معتبر ماڻهن جي جيڪي حضرت قبله جن وٽ طريقي پاڪ ۾ داخل ٿيا ۽ راهه طريقت تي هلندي راهه ٻاني ورتائون. انهن ۾ مرحوم حاجي محبوب علي پلي (منعم پلي) حاجي لقمان پلي (هاڙ) حاجي دوست محمد آڙهوتو، حاجي الهجڙيو خان پرڳڙي، حاجي شير محمد پرڳڙي، سيٺ حاجي احمد ميمڻ (چمبڙ) وڏيرو علي محمد پلي (دار پلي) مولوي عبدالعزيز لغاري (مورو)، مخدوم عبدالرحمان عباسي (بوبڪ)، حاجي شاهه محمد مڪراني (محراب پور)، مفتي غلام محمد نعيمي شهيد (جامعه نعيميه ڪراچي) چوڌري عبدالمجيد جٽ، مرحوم قاضي عبدالعزيز مؤمن، جمعدار مير محمد لغاري، مرحوم حاجي علي محمد هاليپوٽو، حاجي گل حسن انڙ، هاجي صديق انڙ، وڏيرو عبدالرحمان راهو، وڏيرو ارباب ڳلهڙو، حاجي محمد عيسيٰ پٽي، نيڪيدار ابراهيم خان بلوچ، سيٺ عنايت علي خان قائمخاني، مرحوم پير بخش شاهاڻي، رحيم بخش خان بروهي ۽ مرحوم حاجي نور محمد ڪوسو شامل آهن. هن وقت اِهي سڀ وير پنهنجو وارو وڄائي ويا آهن، جڻ ته موکي جي مَٽن مان منڌ پيندي متارا مري امر ٿي ويا.

## پاڙيسرين سان حسن سلوڪ ۽ مهرو شفقت

سنڌي ۾ هڪ عام سادي چوڻي آهي ته پاڙو ته آهي نبي جو اِها چوڻي پنهنجي لفظن جي حقيقت مطابق بلڪل صحيح آهَي. چو ته اسان جي آقا حضور ڪريم ﷺ جن

Marfat.com

جون پاڙيسرين جي حقن بابت گهڻيون حديثون موجود آهن. هڪڙي حديث ۾ فرمايائون تہ اُهو ماڻهو مومن ناهي جيڪو پاڻ ڍؤ ڪري کائي ۽ انهي جو پاڙيسري بکيو سمهي. اهڙي طرح پاڙيسرين سان حسن سلوڪ جي تلقين ڪندي فرمايائون تہ اُهو ماڻهو هرگز مؤمن ناهي جنهن جو پاڙيسري انهي جي شر کان محفوظ نہ هجي. پوئين حديث جي پس منظر ۾ هن وقت مسلم معاشري ۾ عدم رواداري جا بجا ڏسجي ٿي. اسان جي سنڌ جا اڪثر وڏيرا ۽ زميندار پاڙيسرين مٿان صوابيدار بنجي ڳوٺ ۽ راڄ کي ڪنهن ٺاٺي وانگي هلائيندا آهن. بڌ چوڙ دباءُ. هيس گاربون موچڙا پاڙيسرين جي مقدر ۾ هوندا آهن نہ هنن لاءِ پڇڻ جي جاءِ نہ لکڻ جي. حضرت قبلہ جن رح اهڙن زميندارن جي اهڙي روش جي اڪثر مذمت ڪندا هئا ۽ جڏهن ڪن فيصلن ۾ وڏيرا ۽ رئيس وٽن ايندا هئا تہ کين آقاء نامدار جن جون پاڙيسرين جي حقن بابت حديثون ٻڌائي انهن کي خوب ملامت ڪندا هئا. بي دنيا جي پيٽ ۾ سندن ڳوٺ جو ماڻهو پاڻ زميندار وانگي رهندو هو. گلزار خليل سندن قائم ڪيل ۽ آباد ڪيل ڳوٺ جنهن جو هر رهواسي کين پيارو هو. پاڻ ڳوٺ وارن جي سک آرام ۽ خوشي جو هر وقت خيال رکندا هئا. ضرورتمند پاڙيسري کي ڪاڌو ، راشن ۽ مالي مدد ڏيندا هئا. بيمار جي مزاج پرسي ڪندا هئا. نادار فوتي جو جوڙي پوتي جو خرچ ۽ پونيئرن جي سار سنڀال لهندا هئا. هر هڪ ڳوٺائي کي سندس گهر ۾ پاڻي جي سهوليت ڏنائون. جمع جي ڏينهن جڏهن ڳوٺ جي وڏي تلاءُ تي پاڻي ايندو هو تہ پهرين ڳوٺ وارن جا ڪڏا ڀربا

Marfat.com

هئا. ڪي ماڻهو گهر ۾ اندر اڳيان پنيان خالي پٽ تي وڻ ياڄيون ۽ گاهه پوکي ويٺا ها. انهنکي به باقاعده پاڻي ملندو هو. جذبات جي اظهار جي آزادي هر هڪ کي حاصل هئي. پاڻ جيتوڻيڪ نقشبندي سلسلي جا روحاني پيشوا هئا ۽ انهي طريقي موجب راڳ ۽ ساز کي سخت ناپسند ڪندا هئا، پر اهڙي پابندي ڳوٺ وارن تي لاڳو نه ڪيائون. مسجد جي پنيان الهندي طرف شاهاڻيـن جو وڏو راڄ ويٺل هو. انهي ۾ شاديـن جي موقعي تي سڄي رات دهل وڄندو هو. پاڻ نه ڪيـن منع نه ڪيائون، پر هڪ دفعو ڪجهه جماعتي پيش امام سميت وٽن آيا ۽ مطالبو ڪيائون ته دهل ڏمچر بند ڪرايو: عبادت ۾ خلل ٿو پوي. سندن انڪار تي هو چوڻ لڳا ته توهان اجازت ڏيو اسيـن پاڻ ٿا بند ڪرايون. پاڻ جواب ۾ چيائون، ته آئون پاڙيسريـن کان خوشي جو حق کسڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏيـندس. ڳوٺ وارن جڏهن اها ڳالهه ٻڌي ته هنـن پاڻ اهو فيصلو ڪيو ته هر نماز جي وقت ڳائڻ وڄائڻ بند ڪيو ويندو. ڳوٺ جي حدن ۾ هڪڙي مخصوص پٽ تي ملاکڙا لڳندا هئا. گهوڙن ۽ ڏڳن جي ڊوڙ جا مقابلا ٿيـندا هئا. شاديـن ۾ لاؤڊ اسپيڪر تي رڪارڊنگ ٿيـندي هئي. پاڻ ڪنهن کي به منع نه ڪيائون. ڪنهن به پاڙيسري سان ڪا زيادتي ٿيـندي هئي ته انهي تي سخت قدم کڻندا هئا، پر جيڪڏهن ڪو سندن ڏوهه ڪندو هو ته انهن کي معاف ڪري ڇڏيـندا هئا. ڪن ماڻهن سندن چوريون ڪيون اُهي جڏهن پڪڙجي سندن آڏو پيش ٿيا ته فرمايائون ته هي فلاڻو فلاڻي جو پٽ آهي. هي فلاڻي جو پوٽو فلاڻي جو ڏوهٽو آهي. هن کي سزا نه ڏيـندس. هڪ دفعي

Marfat.com

هڪ ڀاھريون ترسيل مهمان چوڻ لڳو تہ، قبلا! توھان تہ ھنن جي وڏن جا نالا ٿا وٺو، پر ھنن نالائقن تہ توھان جي تڏي جو ڪوبہ خيال نہ ڪيو. پاڻ فرمايائون تہ ھنن جي اڪيھن ۾ پري ڏسڻ واري نظر اڃا پيدا نہ ٿي آھي. سنڌن ھاريـن مان ھڪڙا رات جو چوري ڦٽيون چونڊي گڏ ڪري وڪڻندا ھئا. ھڪ دفعي اُھي بہ ڦٽيـن سوڌو پڪڙجي پيا. انھن کي بہ ڪا سزا نہ ڏنائون. وڌيڪ منشي کي چيائون تہ جيڪي ڦٽيون ھنن وٽان برآمد ٿيون آھن، انھن جي چونڊائي (اجرت) کيـن ھيٺي ڏني وڃي جو ويچارن رات جو لنديون لتاڙي نـنڌون ڦٽائي ڦٽيون چونڊيون آھن. عفودر گذر جو اھڙو مثال ڪو ٻيو پيش ڪري نہ سگھندو.

## ڌاڙيلن ڏانھن خط

سنڌن ھڪ مريد حاجي ارباب ڳھلڙي جي نوجوان پٽ جان محمد کي ڌاڙيل اغوا ڪري ڪٽي ويا. ھفتي ڪان پوءِ مائٽن کي ڌاڙيلن جي طرفان پنج لک ربيا تاوان (ڀُنگ) جي چٺي ملي نہ ڏيڻ جي صورت ۾ جان محمد جي مارجڻ جي ڌمڪي لکيائون. ٻي ڏينھن مغوي جا والديـن رئندا حضرت قبلہ جن رح جي حضور ۾ حاضر ٿيا. احوال ٻڌايائون ۽ اُھا چٺي بہ کيـن ڏيکاريائون. حاجي ارباب ڳھلڙو معمولي ڪاتيدار ھو رڳو گذاري جيتري زميـن ھئس. ايتري رقم جو صرف چئن ڏيـنھن ۾ بندوبست ڪرڻ ھن لاءِ ممڪن نہ ھو. پاڻ ٻنھي والديـن جي حالت ڏسي سخت پريشان ٿيا. ھڪ خط ڌاڙيلن جي نالي لکيائون، جنھن ۾ کيـن خوفِ خدا ۽ صلہ رحمي جو احساس

Marfat.com

ڏيارہائون ۽ انهي حوالي سان ڪجھ قرآن پاڪ جون آيتون ۽ حديثون بہ لکيائون . شايد ذاڙيلن زندگي ۾ اهو پهريون خط ڏنو هوندو، جنهن ۾ آيتون ۽ حديثون هجن ۽ انهي سان گڏ نصيحتون ۽ جٺ ملامت بہ هن خط ۾ هڪ خاص ڳالهہ هي بہ لکيائون تہ قيامت جي ڏينهن الله وٽ بندي جو ڪو هڪڙوئي اهڙو عمل قبوليت جو شرف ماڻيندو جنهن جي آذار تي ٻيا سڀ گناهہ معاف ڪري سندس بخشش ڪئي ويندي. اوهين جيڪر روڪيل ڇوڪري جي پيءُ ماءُ تي رحم ڪائي ڪيس آزاد ڪريو تہ ٿي سگهي ٿو تہ اوهان جي اُها رحمدلي اوهان جي ڇوٽڪاري جو ذريعو بنجي. اهو خط لکي هاجي ارباب کي تاڪيد ڪيائون تہ، مقرر تاريخ تي ڪو ماڻهو وڃي اهو خط کين پهچائي. رب پاڪ کين ساجاهہ ڏيندو. سندن خط تي ماڻهن عجيب تبصرا ڪيا. ڪن چيو تہ ذاڙيل ۽ نصيحت ڳالهہ سمجھہ کان ٻاهر آهي. ڪن چيو تہ هاڻي جان محمد جي مارجڻ ۾ دير ڪانہ ٿيندي. ڪن چيو تہ ذاڙيل وري بہ مسلمان آهن. شايد خط کي مڃن. بهرحال مقرر ڏينهن تي ڏسيل جاءِ تي هڪ ماڻهو هنن جي اچڻ کان اڳي ئي اُهو خط اتي محفوظ رکي پاڻ نڪري ويو. ذاڙيل پهتا تہ نہ رقم هئي ۽ نہ ڪو وارث موجود اوچتو. سندن نظر ان خط تي پئي جيڪو کولي پڙهيائون. پڙهڻ واري پڙهي پورو ڪيو تہ ٻين چيو تہ وري بہ پڙهہ اهڙي طرح بار بار پڙهندا رهيا. رات جو پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪيائون صبح جو سويل جان محمد کي پاڙا پنا ڏئي هڪ رستي تي آڻي اُنان ويندڙ بس ۾ ويهاري روانو ڪيائون، جيڪو شام تائين گهر پهچي ويو.

Marfat.com

# هڪ ظالم زميندار ڏانهن خط

گلزار خليل کان ڏهه پندرهن ميلن جي فاصلي تي واقع هڪ زميندار جي ڳوٺ مان سندس ڪي هاري حضرت قبله جن رح وٽ آيا مذڪوره زميندار جي ظلم ۽ بدسلوڪي جي دانهن ڏنائون. ڪين پوري طرح نه کاڌي لاءِ راشن ملندو هو نه انگ اوڍڻ جيترو اجورو. ناحق روڪ سختي ۽ بيگار جي پيڙهه مارڪٽ ۽ ڏورن وانگي پورجڻ رات ڏينهن جو معمول هو. انهن هارين وٽن پناهه جي درخواست ڪئي، جيڪا نامنظور ڪندي هڪ خط انهي زميندار ڏانهن لکيائون، جنهن ۾ ماتحت ۽ محڪوم ماڻهن سان عدل ۽ احسان وارو قرآن پاڪ جو حڪم ۽ حسن سلوڪ بابت احاديث رسول جا حوالا تفصيل سان لکيائون. ذاتي حيثيت ۾ به هن کي اپيل ڪندي انهن مظلوم هارين جي پارت لکيائون. ڪين اميد هئي ته سندن خط کي چڱي موٽ ملندي، جنهنوقت انهي زميندر کي سندن خط پهچايو ويو. ان وقت هو سندس زمين پرسان وهندڙ واهه جي ڪپ تي ڪن خاص ماڻهن سان گڏ گهمي رهيو هو. خط پڙهڻ سان هو تپي باهه ٿي ويو. خط ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري واهه ۾ اڇلائي ڇڏيائين. انهن هارين کي چيائين ته، اوهان ڳوٺ هلو. آئون اوهان جي چڱي طرح سار لهان ٿو ۽ پوءِ هارين سان به اهوئي ٿيو جيڪو هن ٻولائي ڇيو هو. انهي ڳالهه کي ڏهه ٻارهن ڏينهن مس گذريا ته سندس نوجوان پٽ ساڳي واهه جي پٽڙي تي جيپ هلائي ڳوٺ اچي رهيو هو ته اوچتو جيپ سندس ڪنٽرول مان نڪري واهه ۾ هلي وئي،

Marfat.com

جنهن ۾ هو پاڻ ۽ سندس هڪ ساٿي ٻڏي مري ويا. ٿوري دير
کان پوءِ جڏهن زميندار پنهنجا سڀ هاري ونِي اتي پهتو ۽ پاڻ
چريـن وانگي پيرن اگهاڙو ڊوڙندو پٽ جو لاش ڳولائڻ لڳو.
انهي وقت سندس ٻه هاري ٿورو پاسيرا ٿي رازداري سان
هڪٻئي کي چوڻ لڳا تہ، توکي ياد آهي هي اُها ساڳي جاءِ
آهي جتي پير ابراهيم جان سرهندي جو خط ڦاڙي واهہ ۾
اڇليو هئائين. ايئن چئي ٻئي توبهہ ڪرڻ لڳا. درحقيقت هي
افسوسناڪ واقعو الله جو ڏمر هو. حضرت قبلہ جن رح جي
خط جي جواب ۾ هن جيڪو عمل ورجايو اهو سندس ردعمل
هو ۽ وري سندس ردعمل کان پوءِ جيڪو هي ناگهاني حادثو
ٿيو اهو قدرت جي طرفان ردعمل هو.

چنيسر سان چاڳ، متان ڪا منڌ ڪري،
ڏمرجي ڏاڳ سگهو ڏي سهاڳڻين.

(شاهہ رح)

## بزرگان دين سان محبت ۽ عقيدت

اولياء ڪرام سان جتي سندن بي انتها عقيدت هئي
اتي سندن هميشه اها ڪوشش رهي تہ انهن بزرگان دين جي
درگاهن ۽ آستانن جو تقدس قائم رهي، جتي ٻہ ناجائز غير
شرعي ۽ غير اخلاقي سرگرميون هلن پلارن آستانن تي ٿين
ٿيون اهي ختم ٿين. انهي جي جاءِ تي قرآن ۽ حديث جو پيغام
۽ انهي منشور کان زائرين کي آگاهہ ڪيو وڃي، جنهن تي
عمل ڪندي انهن هستين جي عمر گذري وئي. اهڙي مقصد لاءِ
جتي ڪٿي ٻہ سندن وس هليو پاڻ اتي اسلامي تعليمات جي
روشني ۾ ديني جلسا منعقد ڪرايائون. تلاوتِ ڪلام پاڪ،

Marfat.com

حمد و نعت جون مجلسون ۽ زيارت جي طور طريقن بابت مسنون ۽ شرعي احڪام جا درس زائرين کي ڏياريائون. درگاهن تان هر قسم جي فحاشي ۽ گندين رسمن جي خاتمي لاءِ هميشه سر پيڪار رهيا. سندن جماعت مريدن ۽ منعلقين جو جتي به ڪو اثر رسوخ هو اتي انهن علائقن ۾ موجود درگاهن تي به اهڙي قسم جو مذهبي ۽ اصلاحي ماحول ۽ ماڻهن جي ذهني تربيت لاءِ تقرير و تحرير ۽ علماء دين جي مستقل رهنمائي جو اهتمام ڪرايائون ته جيئن ماڻهو اهڙين جاين تي نه رڳو درس عبرت وٺن پر درس اصلاح به حاصل ڪن. سڀ کان پهرين سندن ڳوٺ کان ٿوري فاصلي تي واقع درگاهه مولوي ميان محمد قاسم ڪالرو رح تي سندن هڪ مخلص دوست مرحوم حاجي نصرالله پلي سندن مشوري ۽ تعاون سان هڪ وڏي ديني جلسي جو اهتمام ڪرايو جيڪو مذڪوره بزرگ جي ساليانى عرس جي موقعي تي هر سال وڏي تزڪ و احتشام سان منعقد ٿيندو رهي ٿو. حاجي نصرالله جي وفات بعد سندس اولاد حاجي صاحب مرحوم جي ان روايت کي زنده رکيو اچي گلزار خليل کي ويجهو هڪ ٻي درگاهه سيد شاهه علي شاهه شهيد رح تي به سندن ڪوشش سان ديني جلسي جو اجراء ٿيو، جيڪو پڻ هر سال باقاعدگي سان وڏي پيماني تي هر سال ٿيندو رهي ٿو عمر ڪوٽ ۾ مرحوم پير امير علي شاهه قريشي جيڪو سندن دوست هو، انهي به پنهنجي آستاني تي ساليانا ديني جلسا ڪرايا. ميرپورخاص ڊويزن جي سڀ کان وڏي روحاني هستي حضرت مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي رح جي درگاهه تي به پاڻ پنهنجي

Marfat.com

طور هڪ ٻه جلسا منعقد ڪرايائون. اتي هڪ ديني مدرسو قائم ڪرڻ جي رٿا ٻه سندن ذهن ۾ هئي. پر پوءِ اهلِ تشيع ذانهن مائل درگاهه جي متولين جي عدم تعاون جي ڪري ڪو ٻه ڪم اڳتي وڌي نه سگهيو. ٽنڊي ڄام ويجهو سهروردي سلسلي جي مشهور درگاهه شيخ پرڪيو آچاري رح جو سجاده نشين پير ميان اعجاز علي شيخ صاحب سندن خاص دوست هو پير صاحب پاڻ عالم با شرع ۽ صاحبِ تقويٰ بزرگ آهي. حضرت قبله جن رح جي ساڻس گهٽي محبت هئي. سندن مشوري تي پير صاحب موصوف ٻه هن درگاهه جي ساليانې عرس جي موقعي تي عظيم الشان جلسن جو انعقاد ڪرايو، جيڪو هلندڙ آهي. پير سرهندي ڳوٺ ملير ڪراچي جي مجددي حضرات جي جد اعليٰ حضرت شاهه ضياء احمد جان رحمة الله عليه جي آستانه عاليه تي ٻه سندن اصرار ۽ خواهش مطابق حضرت شاهه ضياء احمد جان رح جي اولاد مان هڪ صاحبزادي ظهور احمد جان جي سرپرستي ۾ ساليانن جلسن جو انعقاد ڪرايو ويو، جيڪو سلسلو پڻ هلندڙ آهي. جڏهن ته چوڏهين ربيع الاول جي گلزر خليل واري جلسي کي سندن پوري جماعت جي نمائنده اجتماع طور مرڪزي حيثيت حاصل آهي. جلسن کان علاوه بزرگان دين جي حالات زندگي تي مبني ڪتابن ۽ مقالن جي اشاعت لاءِ ٻه پاڻ ڪوشان رهيا ته جيئن عوام الناس انهن مقتدر هستين جي باري ۾ وڌ ۾ وڌ ڄاڻ حاصل ڪري انهي جو ٿورو اندازو مون کي (راقم کي) ان وقت ٿيو جڏهن سندن هڪ مريد ۽ نوجوان اديب عبدالمالڪ پلي صاحب (حاجي منعم پلي وارو) علائقي جي

Marfat.com

مشهور بزرگ مولوي ميون قاسم ڪالرو رح تي هڪ مفصل ڪتاب "لڪا گهمن لوڪ ۾" لکيو. انهي ڪتاب ۾ ميان صاحب رح تي سندن لکيل هڪ مضمون پڻ شامل هو. هي ڪتاب ڇپجي منظر عام تي آيو ته پاڻ انهي جي معيار کي بيحد پسند ڪيائون. هڪ ڪاپي مون ڏانهن به موڪليائون ۽ انهي سان گڏ مون لاءِ سندن پيغام هو ته ڪتاب پڙهي رکي نه ڇڏجئين بين کي به پڙهڻ لاءِ ڏجئين. پاڻ مجددي خاندان جي بزرگن سميت بين به ڪافي بزرگن تي مفصل، تعارفي ۽ تحقيقي مقالا لکيائون، جن مان ڪن مقالن کي ترتيب ڏئي ڪتابي صورت ۾ آڻي شايع ڪرايو ويو. انهي سلسلي ۾ سندن هڪ مريد ۽ انجمن غلامان مصطفيٰ ٽنڊي الهيار جي ناظم اعليٰ ابو سرور غلام رسول خاصخيلي جون خدمتون قابل تعريف آهن. پاڻ مجلس ۾ اڪثر بزرگان دين جو تذڪرو ضرور ڪندا هئا. سنڌي ٻولي جي سرموڙ شاعر ۽ عارف ڪامل حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح سان به سندن خاص محبت هئي. ڀٽائي صاحب رح جا سوين بيت کين ياد هئا، جيڪي تقريرن ۽ تحريرن ۾ به چوندا ۽ لکندا هئا. امام اعظم ابو حنيفه رحمة الله عليه، حضرت غوث اعظم عبدالقادر جيلاني رح، حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رح، حضرت شاهه نقشبند رح، حضرت خواجه معين الدين چشتي رح، حضرت مخدوم غوث بهاؤالحق ذڪريا ملتاني رح، حضرت بابا فريد گنج شڪر، رح، سلطان العارفين بايزيد بسطامي رح، حضرت خواجه باقي بالله ۽ عروة الوثقيٰ حضرت امام معصوم رحم سندن عقيدت جا خاص محور ۽ مسڪن

Marfat.com

هئا. جڏهن تہ سنڌ، پنجاب ۽ برصغير جا ٻيا لاتعداد صوفياء ڪرام سندن دل ۾ محبت ۽ عقيدت جو پنهنجو پنهنجو مقام رکندا هئا. انهن بزرگان دين مان هر هڪ جو ذڪر ڪرڻ مهل سندن جذبات جي عجب ڪيفيت هوندي هئي. روح سندن عظمت جي بلندين ۾ پرواز ڪرڻ لڳندو هو. ذهن جي سوچ جا دائرا مذڪوره هستي جي وسعتن ۾ ئي محصور ٿي ويندا هئا ۽ زبان انهن سڳورن جي تعريف جا لفظ ڳوليندي جڻ تہ ڪو جابلو سلسلو سر ڪندي هئي. انهي ڪان ڪئين حصا وڌيڪ بيخودي ۽ مدهوشي جو عالم حاضرين و سامعين تي طاري هوندو هو، جن کي سندن مجلس ۾ ويٺي سندن ديدار ۽ گفتار دوران نہ تہ ڪو وقت جو احساس رهندو هو نہ پنهنجي ذات نالي ۽ ماڳ مڪان جو ڏينهن ۽ رات جون ساعتون پنهنجي شعوري شناخت وڃائي ويهنديون هيون ۽ هوش و حواس فهم و فراست جو ساٿ ڇڏي ويندا هئا.

نميدانم چہ منزل بود شب جائيڪہ من بودم
بهر سو رقص بسمل بود شب جائيڪہ من بودم

غوث العالمين حضرت مخدوم بهاؤالحق زڪريا ملتاني رح جي هڪ ڳالهہ مجلس ۾ ٻڌايائون تہ سندن هڪ مريد جي پٽ علم دين جو پڙهي دستاربندي ڪئي. سندس پيءُ کيس مرشد غوث پاڪ وٽ وٺي آيو ۽ دعا لاءِ ۽ نئين عالم پٽ کي مريد ڪرڻ جي التجا ڪرڻ لڳو. غوث پاڪ فرمايو تہ، رب پاڪ عزازيل شيطان کي بہ گهڻو علم عطا ڪيو. کيس فرشتن جو استاد بنايو پر پوءِ هن ۾ تڪبر پيدا ٿيو ۽ الله جو حڪم نہ ڪرائي آدم عليہ السلام کي سجدو

Marfat.com

ڪرڻ کان انڪار ڪيائين، جنهن کان پوءِ ڪيس نيڪالي ملي ھي شخص بہ علم جي زور تي تڪبر ڪندو اسان جي فقيري ءِ طريقي تي اعتراض اٿاربندو شڪ شبها ڪندو ائين چئي خادمن کي حڪم فرمايائون تہ ھن ماڻھو کي سندن حجري مان ٻاھر ڪڍي ڇڏيو. سندن حڪم تي عمل ڪندي ھن کي ٻاھر ڪڍيو ويو. ھو وري واپس آيو ڪيس ٻيھر ٻاھر ڪڍيو ويو ھو وري بہ آيو. اھڙي طرح ھن کي گھلي ٻاھر ڪڍندا رھيا ۽ ھو ھر ھر ڊوڙي واپس ايندو رھيو. آخر غوث پاڪ ڪيس سخت ڪاوڙ ۾ چيو تہ او نافرمان! تون منھنجو حڪم ڇو نٿو مڃين؟ ھن نوجوان رئندي چيو تہ، حضور مڪ کي ڪيترو بہ تڙيو ويندو تہ بہ ھو حلوائي جو دڪان ڪانہ ڇڏيندي. مونکي بہ توھان جا خادم تڙي گھلي ٽڪي پوندا پر آئون ھي در ڪونہ ڇڏيندس. غوث پاڪ کي سندس ھن جواب موھي وڌو. پاڻ ھڪدم اٿيا ڪيس ڀڳراھتي پائي آٽي پنھنجي پر ۾ ويھاريائون سندس حق ۾ دعا گھري پنھنجي حلقي ۾ داخل ڪيائونس.

## انجمن غلامانِ مصطفيٰ جو قيام

حضرت قبلہ جن رح جي سرپرستي ۾ جيڪي ديني مذھبي، تبليغي ۽ اشاعتي تنظيمون ۽ انجمنون مصروف عمل رھيون، انھن ۾ سڀ کان وڏي سڀ کان منظم ۽ سڀ کان فعال تنظيم جو درجو "انجمن غلامانِ مصطفيٰ" کي حاصل آھي، جيڪا 1976ع ۾ جماعت خليلي نقشبنديہ جي گڏيل ڪوشش ۽ تعاون سان قائم ڪئي وئي. جيتوڻيڪ ھن جماعت جي باني ارڪان جي اڪثريت ھن وقت داعي اجل کي لبيڪ

Marfat.com

چئي چڪي آهي. پوءِ بہ جيڪي پويان غلامان مصطفيٰ موجود آهن اُهي تنتي ٿڌي ڪاهہ ڪانهي ويل ويهڻ جي واري قول مطابق اوندهہ کان اڳ پرين جا پير لهڻ لاءِ آڏ تر ڇالڪ آهوڙي رهيا آهن. هن تنظيم جا جيڪي بنيادي مقصد هئا انهن ۾ حقوق اهل سنت جو تحفظ مسجدن مدرسن ۽ ٻين ديني ادارن جي سرپرستي ۽ بهتر انتظام جا اُپاءُ عوام الناس ۾ مذهبي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ جلسن جلوسن جو انعقاد باطل نظرين ۽ عقيدن جي روڪ لاءِ مزاحمتي اقدامات جو تعين اهل سنت جي املاڪ ۽ اثاثن تي قبضن جي مزاحمت، تبليغي، اصلاحي، تعميري ۽ اخلاقي موادن تي مبني تحريرن ۽ ڪتابن جي اشاعت ۽ شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ جماعت جي باقاعده تنظيم سازي وغيره ڄاڻايل مقصد الحمدالله وڏي حد تائين پورا ٿيا. هن تنظيم جو عملي سفر ڪاميابي سان جاري آهي، جنتي، حقوق اهل سنت کي ڪو لوڏو آيو. هن تنظيم پرپور جنگ لڙي سوپ ماڻي حضرت قبلہ جن رح جي لکيل ڪتابن مان گهڻي کان گهڻا ڪتاب ڇپائڻ جو اعزاز بہ انجمن غلامان مصطفيٰ کي ئي حاصل آهي. انهي کان علاوه چوڏهين ربيع الاول جا ميلاد النبي ﷺ جا پهرين بہ جلسا گلزار خليل ۾ هن انجمن پنهنجي طور تي منعقد ڪرائي هن عظيم الشان ساليانی اجتماع جو بنياد وڌو. هن وقت چوڏهين ربيع الاول جو گلزار خليل ۾ ساليانو ميلادالنبي ﷺ جو جلسو سنڌ جي وڏن مذهبي اجتماعن ۾ شمار ٿئي ٿو، جنهن ۾ جماعت اهل سنت جا سرفروش سڄي سنڌ مان ڪهي اچي شريڪ ٿيندا آهن. هن جلسي ۾ انجمن غلامانِ مصطفيٰ جو

Marfat.com

انتظامي امور ۾ اهم ڪردار هوندو آهي. ربيع الاول جي ٻين تاريخن ۾ بہ جماعت خليلي نقشبنديہ جون سنڌ جي جنهن بہ شهر ۽ ڳوٺ ۾ شاخون آهن اتي بہ هن تنظيم جي زير اهتمام ميلاد النبي ﷺ جا جلسا منعقد ٿين ٿا ۽ تنظيمي گڏجاڻيون بہ ٿين ٿيون. حاجي محمد صالح راهو صاحب جنهن کي انجمن غلامان مصطفيٰ جي ٻهرين افتتاحي اجلاس ۾ جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو هو. عهدي تي اڄ تائين پنهنجون ذميواريون سهڻي نمونيَ نڀائي رهيو آهي. جڏهن تہ صدر سميت ٻيا عهديدار تبديل ٿيندا رهندا آهن.

## رسالي "الاصلاح" جو اجراء

جماعت خليلي نقشبنديہ جي پليٽ فارم تان هڪ خالص علمي، ادبي رسالي جي اجراء جي ضرورت محسوس ڪندي جماعت سان وابستہ اهل علم و دانش "الاصلاح" جي نالي سان هڪ سلسليوار رسالو منظر عام تي آڻڻ جو فيصلو ڪيو.

هن رسالي جو مذڪوره نالو حضرت قبلہ جن رح پاڻ انهي حوالي سان منتخب ڪيو جو ساڳي نالي سان سٺ سال اڳ سندن والد گرامي حضرت قبلہ روش سائين رحمۃ الله عليه هڪ رسالو جاري ڪيو هو، جيڪو صرف ٻہ ٽي پرچا ڪڍڻ کان پوءِ بند ٿي ويو هو. "الاصلاح" گوياڪہ انهي جو تسلسل ۽ نئين جنم جي صورت ۾ اڀريو ۽ تاحال علم و ادب جي اُفق تي جلوه گر آهي. محترم مولوي عبدالحليم هاليپوٽو صاحب هن رسالي جو ايڊيٽر يا مُدير آهي تہ مرتب ناشر بہ پاڻ آهي.

Marfat.com

اشاعتي تيم ۾ جيڪي سهڪاري ساٿي آهن، انهن ۾ اڪثريت جماعت خليلي سان وابسته علماء جي آهي. هن رسالي هڪڙي پاسي جماعت کان ٻاهر علمي ۽ ادبي حلقن توڙي عوام الناس تائين خليلي فڪر و نظر پهچايو ته ٻي طرف خود جماعت ۾ اندر اعليٰ ظرف ۽ لڪل صلاحيتن کي اجاگر ڪري انهن کي مٿاهون مقام ڏياريو. الاصلاح ۾ حضرت قبله جن رح جا ڪيترائي ناياب ۽ يادگار مضمون شايع ٿيا. اهڙي طرح سندن ذات جي حوالي سان سندن مجلس مبارڪ جي جهلڪين تي مشتمل هڪ مستقل سلسلو جن ڏنو پرين کي" هلندو رهيو، جنهن ۾ سندن اقوال زرين هن رسالي جي زينت بنبا هئا. جيڪي مولوي محمد چام ساند صاحب سهڻي انداز ۾ لکندو هو، مڪتوبات امام رباني مان اقتباس مولوي عبدالحليم درس صاحب باقاعدگي سان لکندو هو. جيڪي پڙهندڙن کي دعوت فڪر ڏيندا هئا. پٿائي گهوٽ رحمة الله عليه جي فڪر ۽ فلسفي تي مبني سلسلو جي توبيت پانيا اڪثر ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب لکندو هو. ڪڏهن ڪو ٻيو ليکڪ به انهي موضوع تي لکندو هو. اهل قلم علماء مان مولوي عبدالرزاق ابڙو صاحب ۽ مولوي محمد سلطان نعيمي صاحب به هن رسالي جي مستقل لکندڙن مان هئا. معروف مقامي شاعرن ۽ اديبن کان علاوه جن ناميارن اديبن ۽ محققن جون تخليقون "الاصلاح" کي لافاني حسن بخشينديون هيون، انهن ۾ ڊاڪٽر غلام محمد لاکو صاحب، پروفيسر قلندر لڪياري صاحب، پروفيسر نثار احمد جان سرهندي ۽ شمس نويد عثماني صاحب جا نالا قابل ذڪر ۽ قابل فخر آهن.

Marfat.com

رسالي جو شعر وشاعري وارو حصو بہ بيحد معياري ۽ ساراھہ جوڳو رهيو. حضرت قبلہ جن هن رسالہ جي هر پرچي ۾ خاص دلچسپي وٺندا هئا. سمورا مضمون ۽ اشعار وڏي غور ۽ ويچار سان پڙهندا ۽ چيڪ ڪندا هئا ۽ هر هڪ تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندا هئا. هن رسالي کي جتي جماعت کان ٻاهر علمي ۽ ادبي حلقن ۾ وڏي مڃتا ملي. اتي خود جماعت ۾ اندر ڪو خاص ادبي شعور نہ هجڻ جي ڪري ۽ ڪن حلقن ۾ هن رسالي متعلق منفي سوچ اپڻ جي ڪري گهٽي پذيرائي نہ ملي ۽ رسالو هميشه مالي خساري ۾ رهيو پوءِ بہ حليم هاليپوٽي جي همت کي صد آفرين جنهن جهد مسلسل ۽ عزم صميم جو مظاهرو ڪندي هن سٽ جي روان ڪاروان کي ڪٽي بہ بيهڻ نہ ڏنو.

## جڏهن پوي تي ياد

هتي هن مرحلي تي ڪجهہ يادگيريون آئون (راقم) پنهنجي حوالي سان لکان ٿو: اسان جي حضرت قبلہ والد ممدوح رح جن جي هميشه اِها تمنا رهي تہ قدرت جي عطا ڪيل ظاهري و باطني فضل وَ ڪمال جي جنهن درجي تي پاڻ فائز آهن. سندن اولاد بہ اهڙو ئي هجي انهي ئي معيار مطابق هر هڪ اولاد جي محبت ۽ قربت جو پيمان وٽن جدا جدا مقرر هو. آئون علم و عمل کان وانجهيل صوم و صلواة ۾ ڪاهل ۽ تقويٰ ۽ رياضت جو گس پنڌ تہ ڪڏهن خواب ۾ بہ نظر نہ آيو پوءِ بہ مونتي سندن شفقت جو سايو هميشه رهيو ڇٽن سالن جي عمر ۾ منهنجي آگر پڪڙي مدرسي وٺي ويا پنيان بہ ماٿهو

Marfat.com

جن جي مٿي تي منائي جا ٽالهه هئا اُهي بہ گڏ هلي رهيا هئا.
وقت جي بيمثال عالـم ۽ مشهور شاعر ۽ اديب مرحوم مولوي عبدالرحمان ضيائي صاحب جيڪو انهي وقت جامعه مجدديه گلزار خليل جو صدر مدرس هو. انهي مون کي الف بي جو پهريون سبق پڙهايو. سندس والد محترم علامہ بهائي صاحب اهو جيد عالـم هو جنهن "صرف بهائي" ڪتاب لکيو، جيڪو درس نظامي جي نصاب ۾ اڄ تقريبا سڄي پاڪستان ۾ پڙهايو وڃي ٿو. ميرپور ماٿيلي ضلعي سکر جي هن عالـم گهراڻي تي شل رب پاڪ جون لکيــن رحمتون هجن. هڪڙي ڏيـنهن آئون مدرسي کان گهر وڃي رهيو هئس تہ رستي ۾ تلاء وٽ هڪ شرير شاگرد شفيع چانڊيو جنهن جي ٻنهي اکيـن ۾ ڦلا هئا. نظر ايترو گهٽ هئس جو اکيون اکرن تي بلڪل مٿان رکي پڙهي سگهندو هو انهي جي هٿ ۾ گلولي هئي نظر مٿي وڻ تي وبنل پکي ۾ هئس پر گلولي جو رُخ ٻي پاسي هو گلولي مان نڪتل ڪــڪــرو پوري قـوت سان منهنجي ساڄي اک جي ٿورو مٿان نراڙ تي اچي لڳو ڇم ڦاٽي پيو ۽ هڏي کي بہ شديد ضرب آئي ڏک جي شدت بيهوش ڪري ڇڏيو. رت ايترو هليو جو جن ماٿهن مون کي اُٿاريو اُهي بہ رت ۾ پرجي ويا مون کي گهر پهچايو ويو. حضرت قبلہ جن رح موجود هئا. منهنجي حالت ڏسي پريشان ٿيا. ٻاهر اچي ڊاڪٽر کي گهرايائون ۽ انهي سان گڏ شفيع کي بہ گهرايائون مدرسي جا ڪي شاگرد شفيع جا مخالف هئا ۽ اُهي ڏاڍا خوش هئا تہ اڄ شفيع کي خوب پادر لڳندا آئون بہ پنهنجي ٻاراڻي سوچ مطابق پر زور مطالبو ڪري رهيو هئس تہ شفيع کي عبرتناڪ سزا ڏني وڃي. پاڻ ڪانئس

Marfat.com

پڇا ڪيائون هن سخت خوف ۽ هراس ۾ بار بار قسم تي ڪنيو ته وٿانئس اتفاقي ڏڪ لڳو آهي. ماڻهن جا ميڙ فيصلو ٻڌڻ جا منتظر هئا. اينتري ۾ ڊاڪٽر به پهتو منهنجي ملم پٽي تي. پاڻ کيسي مان هڪڙو روپيو ڪڍي شفيع کي ڏنائون ۽ چيائون ته بابا تو جيڪو اڄ شڪار ڪيو انهي جو توکي هي انعام آهي آئينده لاءِ نه ڪنهن پکي جو شڪار ڪجئين ۽ نه ڪنهن ماڻهو جو. فيصلو ختم ٿيو. ماڻهو حيران ٿي ويا. مون کي ڏاڍو افسوس ٿيو ته منهنجو ڪو داد فرياد نه ڪونه ٿيو. اٽلندو قاتل کي رپيو انعام مليو. وقت گذري ويو. ڪجهه مهينن کان پوءِ منهنجي نراڙ تان زخم جو نشان به لهي ويو، پر جن ماڻهن سندن فيصلو ڏٺو انهن جي دل تان سندن تحمل مزاجي جو نشان اڃان تائين نه لٿو آهي. ڪجهه سالن کان پوءِ ڪجهه ذميواريون به منهنجي حوالي ڪيائون. اوطاق ۽ مهمان خاني جي نگراني مال موبشين جي سنڀال ۽ هارين جي ڪارڪردگي تي نظر رکڻ ۽ پوءِ اڳتي هلي ڦتين، سارين ۽ ڪٽڪ جي بٽائي ۽ حساب ڪتاب جي جانچ پڙتال به منهنجي ذمي ٿيا، جيڪي سمورا ڪم پڙهائي کان فرصت واري وقت ۾ ڪندو رهيس. ڪٽڪ جو بٽايون گهٽ ۾ گهٽ ويهه ڏينهن لاڳيتو هلنديون هيون. سندن زمين بن ديهن ۾ پکڙيل هئي. ڪٽڪ جا ست اٺ تڪ ٿيندا هئا. هر تڪ جو کرو جدا ٿيندو هو ۽ ڪوبه کرو ٽن چئن ڏينهن کان اڳ بيباڪ نه ٿيندو هو. آئون صبح جو سبق پڙهي گهوڙي تي روانو ٿيندو هئس. ڏينهن پورو لڳي ويندو هو. پاڻ جڏهن سانجهي نماز کان پوءِ گهر ايندا هئا انهي مهل کين بٽئي جو انگ اکر پيش ڪندو هئس.

Marfat.com

انهي دور ۾ پيدائش خوب ٿيندي هئي زمين اڄا گهٽي سم ۽ ڪلر جي لپيٽ ۾ ڪانه آئي هئي. هارين جو ليبر وڏي تعداد ۾ هو ۽ پاڻي به جام هو. سندن پنهنجو وقت سچو عام ماڻهن سان ملڻ ۽ سندن مسئلا ٻڌڻ لاءِ وقف هو. ٽن ڪمرن ۽ هڪ ورانڊي واري ڪچي پٽ جي سندن وڏي ڪشادي اوطاق هر وقت ماڻهن سان ڀري پئي هوندي هئي. جتي راڄن جا فيصلا به ٿيندا هئا ته تعويذ دعا شفا ۽ طبي نسخن جا گهرجائو مريض به هئا. مسلمان ٿيڻ وارا ماڻهو به هوندا هئا ته شرعي مسئلا ۽ تحريرون پڇڻ ۽ وٺڻ وارا به هئا. ٻاهريان آيل مهمان ته هر وقت موجود هئا. رڳو روحاني فيض وٺڻ وارا ارادتمند مسجد ۾ قيام ڪندا هئا تڏهوڪي وقت ۾ هتي نه بجلي هئي نه تيليفون نه پڪو روڊ، نه اسڪول، نه اسپتال نه واٽر سپلا، پوءِ به ڳوٺ جي رونق اڄ کان وڌيڪ هئي. دڪان هوٽل ڪپڙي جا دڪان واڍا لوهار، موچي درزي رازا ۽ ٻيا ڪامي ڪاسبي ۽ هنرمند سڀ هئا. آدم شماري گهٽي هئي ۽ ماڻهو سڀ خوشحال هئا. ڏينهن واري ساڳي رش رات جو ٻارهين تائين نظر ايندي هئي. الغرض ته گلزار خليل پنهنجي نالي جو صحيح ڏيک ڏيندو هو. ١٩٧٢ع جي آخر ۾ ڪجهه ذهني پريشانين جي ڪري مون حصولِ تعليم جو سلسلو ترڪ ڪيو. اهو سال تقريبا سڄو حضرت قبلہ والد جن رح مون کان ناراض رهيا به ٽن مهينن بعد مون کي ٻاهر اوطاق ۾ سڏائي خوب جٺ ملامت ڪيائون. مجلس ۾ ويٺل ماڻهن مان هڪڙو چوڻ لڳو ته، هي پنجريون ٿو ڪٽي ملهه به سني ٿو وڙهي. پاڻ هڪدم سندس ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چيائون ته، بابا ملهه ته

Marfat.com

شيدي بہ پيا وڙهن ۽ بار ٻڳري كان ٻرو تہ قلي (ريلوي مزور) پيا كٽن انهي ۾ كهڙي عزت آهي. اصل عزت تہ علم تو ڏياري، جيكا هميشہ رهڻ واري ۽ وير اوير وڌڻ واري عزت آهي. ٻي سال ١٩٧۴ع ۾ اسان تن پيائرن جون شاديون گڏ هكڙيئي ڏينهن تي كرايائون. انهي موقعي تي كن سنوٽين ۽ توهم پرستن اهو گمان اٿاريو تہ تي شاديون هكڙيئي ڏينهن تي ٿيڻ كا چڱي علامت ناهي بهتر آهي تہ هكڙي شادي كجهہ وقفي سان كئي وڃي پاڻ اهو خيال رد كندي فرمايائون تہ: هر مسلمان امتي جي نكاح وقت حضور سيد المرسلين ﷺ جن جا پاك روح تشريف فرما ٿيندا آهن.

پوءِ جتي آقاء نامدار ﷺ جن جي روحاني شركت هجي اتان تہ پاڻ هزار بلائون ازخود ٽري ويندي‌ون. رمضان شريف جي آمد وقت پهرين خاندان وارن كي ۽ پوءِ سيني ڳوٺ وارن كي گهرائي روزي نماز جي تلقين كندا هئا ۽ ايستائين كنهن كي بہ اٿڻ جي اجازت نہ هوندي هئي جيسين اُهي نماز ۽ روزي جو پكو عهد نہ كن. اهڙي طرح حج جي ايام ۾ صاحب ثروت ماڻهن كي قرباني جي تلقين كندا هئا. هك دفعي آئون قرباني جو جانور ذبح كرائڻ لاءِ ماڻهو گڏ كري رهيو هئس تہ مون كي سڏي فرمايائون تہ جانور كي سبر تون پنهنجي هٿ سان وجهہ. ڇو تہ حديث شريف ۾ اچي ٿو تہ ذبح ٿيندڙ جانور جو رت زمين تي پوءِ كري ٿو. اگ ۾ قرباني كرڻ واري جا گناهہ معاف ٿي ٿا وڃن. پاڻ موسان اكثر خوش مزاجي ۾ گفتگو كندا هئا هك دفعي ڏاڙهي ركڻ جي نصيحت كندي فرمايائون تہ، جيكڏهن وڏي ڏاڙهي نہ ركين تہ

Marfat.com

گهٽ ۾ گهٽ ڦرن جيڏي ڏاڙهي تہ رک. ڦرن عبدالرحيم اسان جي مدرسي جو فارغ التحصيل ڳوٺ ۾ دڪاندار آهي. هڪ دفعي ڪين هڪ دعوت هئي انهي تي وڃڻ لاءِ مون کي حڪم ٿيو. مون عرض ڪيو تہ هنن ماڻهن توهان لاءِ خاص اهتمام ڪيو آهي. توهان جي اچڻ جو ٻڌي آسپاسِ جا ٻيا بہ ڪيترائي جماعت وارا اتي آيل هوندا اُهي سڀ مون کي ڏسي مايوس ٿيندا. پاڻ فرمايائون تہ، پوءِ ڇا ٿيو. چوري تو ڪانہ ڪئي آهي. بس رڳو ايترو چئجئين تہ مون ڏاڙهن گهٽو نہ نهاريو. هڪ ٻي موقعي تي مون کي گهرايائون اسان جو هڪ عزيز آيل هو انهي سان گڏ ماني کائڻ جو حڪم ٿيو. ان وقت ڪين هڪ جلسي تي وڃڻو هو. سندن اها روايت هئي تہ ڪو بہ عزيز ايندو هو تہ پاڻ ماني انهي سان گڏ کائيندا هئا. سندن غير موجودگي ۾ اسان مان ئي ڪنهن کي اهڙو حڪم ٿيندو هو. آئون بورچيخاني ۾ آيس اتي خبر پئي تہ ڪو ڪڪڙ بر وقت نہ ملي سگهيو ڳوٺ ۾ هڪڙي ماڻهو وٽ اڇا پالتو سها هئا. انهي ڪان هڪڙو سهو خريد ڪري مهمان لاءِ تيار ڪيو ويو آهي. مون اڇن سهن بابت ڪي متضاد ڳالهيون ٻڌيون هيون، انهن جي وضاحت لاءِ ٻيهر سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ عرض ڪيم تہ، اڇا پالتو سها هونئن تہ عام طور تي ماڻهو کائن ٻيا پر مون ٻڌو آهي تہ انهن جي حلال هجڻ يا نہ هجڻ بابت فقهي امامن ۾ اختلاف آهي. پاڻ ٿورو ڪاوڙ مان چيائون، تون انهن ڳالهين کي ڇڏ وڃي مهمان صاحبزادي سان گڏ کائي ڏئو ڪر پوءِ ٻيا ڪتاب ڏسنداسين. هڪ دفعي مون هڪ چٺي لکي ڪين پيش ڪئي انهي ۾ مون پنهنجي نالي

Marfat.com

پنيان جان جو اکر لکيو. انهي تي پاڻ ناراض ٿيا ۽ فرمايائون ته جان جو لقب افغانستان ۾ مجددي حضرات کي مريدن ڏنو. ٻيو ڀلي کو وبه لقب ڏي پر پنهنجو پاڻ کي لقب ڏيڻ ناجائز بلڪ گناهه آهي. اُهو گناهه تکبر جي دائري ۾ اچي ٿو. وڌيڪ فرمايائون ته رب پاڪ کي ٻانهي جي جيڪا وڌ کان وڌ ادا پسند آهي اها عجز و انڪساري آهي. هڪ ڀي دفعي مون پنهنجي لکيل هڪڙي نعت سندن حضور ۾ اصلاح لاءِ پيش ڪئي پاڻ انهي ۾ اصلاح جي ته ڪا ضرورت محسوس نه ڪيائون. صرف اينترو تاڪيد ڪيائون ته سرڪار دو عالم ... جن اسان جا آقا آهن ۽ اسين سندن گهٽ کان گهٽ درجي وارا غلام آهيون. انهي ڪري جيڪي لفظ سندن ذات اقدس ڏانهن منسوب ڪيا وڃن انهن ۾ وڌ ۾ وڌ عجز و انڪساري هجي آهون ۽ ايلاز هجن، من کو هڪڙو به اکر اگهي وجي ته به وڏا ڀاڳ. پاڻ علماء جا بيحد قدردان ۽ تمام وڏي عزت ڪندا هئا. مولانا مفتي احمد صديق سميجو صاحب جامع مجدديه گلزار خليل جو صدر مدرس ۽ اسان جو استاد هو. پاڻ جسماني طور تي ضعيف ۽ نحيف البدن هو. انهي جي نالي فرمايائون ته، جيڪڏهن مولوي صاحب کي تورجي ته سندس وزن هوند هڪڙو مڻ به نه ٿيئي، پر جيڪڏهن ڪيس سندس علم سوڌو توربو وجي ته پوءِ جبل کان به ڳرو ٿيندو. هڪ موقعي تي ڪنهن مسئلي تي غور ڪرڻ لاءِ عالمن جو هڪ اجلاس سڏايائون انهن جي حاضري ۾ منهنجي ڊيوٽي به لڳايائون انهي وقت اسان سيني کي اهو حڪم ٿيو ته عالمن کي نلهو هٿ نه ڏيو سندن هٿ چمي اکين تي رکو وڌيڪ

Marfat.com

فرمايائون تہ هي الله جي دين جا اُهي عالم ئي هئا جن سڄي ڄمار تڏن تي ويهي سخت تڪليفون ڏسي علم دين جي روشني سڄي دنيا ۾ پکيڙي. پاڻ جماعت اهل سنت جي حنفي مجددي مسلڪ جا قائل هئا. اتباع شريعت سندن منشور ۽ عشق رسول ﷺ سندن ايمان جي ميراث هو.

## پلئہ پايو سچ

حضرت قبلہ جن رح وٽ هڪڙو جاهل ماڻهو آيو ۽ چوڻ لڳو تہ سائين مون توهان جي نالي ٻڌو آهي تہ توهان ولي آهيو. مون چيو تہ جيڪڏهن ولي هوندو تہ آئون سندس مريد ٿيندس. هاڻي اوهان ٻڌايو تہ اوهان ولي آهيو يا نہ. پاڻ فرمايائون تہ بابا ولي جو درجو مٿي آهي. آئون ڪونہ آهيان. هو وري بہ چوڻ لڳو تہ، اوهان ولي آهيو يا نہ. پاڻ فرمايائون تہ آئون هڪڙو عام انسان آهيان. مون ڪان تون بہ وڌيڪ آهين. هن چيو تہ اوهان ولي ناهيو؟ پاڻ فرمايائون تہ نہ. هن چيو تہ جيڪڏهن اوهان ولي ناهيو تہ پوءِ آئون مريد ڪونہ ٿو ٿيان. پاڻ فرمايائون تہ تمام سنو. هي تہ ويچارو هڪ اهڙو ماڻهو هو جنهن دل جي ڳالهہ زبان تي آندي. جڏهن تہ جاهل عوام ۾ اهڙا بيشمار هوندا، جن جي اها خواهش هوندي تہ پاڻ پنهنجي بزرگي ۽ ولايت جو سرعام اعلان ڪن. ڪرامتون ڏيکارين، دعائن ۽ پڙهن سان بروقت سڪا ساوا ۽ ساوا سڪائي ڇڏين وغيره. حيرت آهي تہ اهڙي سوچ کي معاشري ۾ تمام وڏي پذيرائي حاصل آهي. اها حقيقت آهي تہ انبياء ڪرام جا معجزا ۽ اولياء ڪرام جون ڪرامتون برحق ۽ صحيح آهن، پر

Marfat.com

أهي سڀ ڳالهيون تڏهن ظهور پذير ٿيون جڏهن ڪنهن ثبوت ۽ دليل جي ڪا گنجائش باقي نہ رهي. خود ٻنهي جهانن جي سردار شافع محشر حضور سيدالانبياء والمرسلين ... جن بہ معجزا ان وقت ڏيکاريا جڏهن سندن نبوت ۽ رسالت جا منڪر ڪوبہ دليل ٻڌڻ ۽ مڃڻ لاءِ تيار نہ هئا. سرڪار دو عالم ... جن جا سمورا معجزا ڏسڻ ڪان پوءِ بہ ڪافي اهڙا بدبخت هئا جن پوءِ بہ ايمان نہ آندو. نبين کان پوءِ ٻي نمبر تي صحابہ ڪرام جو درجو آهي ۽ انهي کان پوءِ اولياء ڪرام جو درجو وري اصحاب رسول جي درجي کان ايترو گهٽ آهي جو محققن مفسرن ۽ محدثن جي تجزئي موجب رسول خدا جو ڪوبہ اصحابي جنهن گهوڙي تي سوار ٿيئي انهي گهوڙي جي پيرن هيٺا جيڪا دز ۽ مٽي اُڏامي انهي مٽي جو شان بہ وڏي کان وڏي ولي غوث ۽ قطب جي درجي کان سوين حصا وڌيڪ آهي. اهڙي طرح ولي جو شان وري عام امتي کان لکين حصا وڌيڪ آهي. بهرحال الله جا جيڪي بہ پيارا ۽ برگزيده بندا آهن، انهن جي رب پاڪ ظاهري ۽ باطني هر انهي طريقي سان مدد ڪري ٿو جيڪا عام ماڻهن جي سمجهہ کان ٻاهر آهي. انهن مقرب بندن جي اضطرابي ڪيفيت جڏهن حد کان وڌي ويندي آهي تہ قدرت سندن تشفي لاءِ اهي عمل ورجائي ٿي، جيڪي عام ماڻهن لاءِ حيرت جو باعث هوندا آهن. انهن کي ئي ڪرامت چئبو آهي. پر هتي تہ جيڪڏهن هرڪو ولي ظاهر ظهور دنيا کي ٻولائي ڪرامتون ڏيکاريندو وتي تہ پوءِ هڪڙي وليَ ۾ ۽ ڪنهن ڪرتب ڏيکارڻ واري مداري ۾ ڪهڙو فرق رهيو؟ اڄڪلهہ جي عام معاشري ۾ ولايت ۽ بزرگي جو اهو

Marfat.com

معيار وجي رهيو آهي تہ پست عقل ۽ ذهني مريض کي لکل درويش سڏيندا آهن. چرئي ماڻهو کي ابدال چيو ويندو آهي، پر اجا بہ اٺ وکون اڳتي کو کپڙا لاهي تہ اهو تہ اجان بہ وڏو بزرگ، تصوف جي ڪتابن موجب ولايت جي هينئين مقام تي پهتل ابدال دنيا ۾ کل چاليهہ مقرر هوندا آهن، انهن مان کو هڪڙو بہ وفات ڪري ٿو تہ انهي ئي ويل سندس جاءِ تي کو ٻيو مقرر ٿيندو آهي. انهي ڳالهہ کان هتي جيڪر هتي سيني چرين کي ابدال تسليم ڪيو وجي تہ پوءِ پنج سؤ ابدال تہ رڳو گدو بندر مان ملندا هن اجائي بحث جي ذبڻ ۾ ڦاسڻ کان بهتر آهي تہ شهنشاهہ نقشبند حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رح جي هن قول کي پنهنجي ذهن ۽ سوچ جو محور بنايو وجي تہ هر ولي جي صورت سيرت ۽ ڪردار کي اوهان شريعت جي آئيني ۾ ڏسو جيڪڏهن سندس قول فعل ۽ ڪردار اوهان کي شريعت جي دائري کان باهر نظر اچي تہ هن کي ولي هرگز نہ مجيو پوءِ جيڪر هو اوهان کي پاڻي جي مٿان ترندي نظر اچي تہ ائين سمجهو تہ کک آهي، جيڪر آسمان ۾ اڏامندي کيس ڏسو تہ سمجهو کو مردار خور پکي آهي ۽ جيڪڏهن باهہ ۾ کيس ٻيٺل ڏسو تہ سمجهو تہ کو جن يا شيطان آهي. حضرت قبلہ جن رح حضرت مجدد پاک رح جو هي قول گهڻو ورجائيندا هئا ڪن مخصوص حالتن ۾ حضرت قبلہ جن رح جون بہ سوين عجيب و غريب ڪرامتون ظاهر ٿيون. انهي مان کا هک بہ مشهور ٿي. سندن ڪنن تي پوندي هئي تہ پاڻ انهن کي محض اتفاقي واقعو سڏي ڳالهہ کي بي اثر ڪري ڇڏيندا هئا. قدرت جي طرفان کين مليل ولايت جي

Marfat.com

اعليٰ مقام کي هميشه لڪائيندا رهيا. عجز و انڪساري جي رستي تي هلندي سندن عمر گذري وئي. طريقت جا طالب سلوڪ جون منزلون طئي ڪندي هڪ اهڙي مقام تي پهچندا آهن جتي ڪين هڪڙي مرحلي ۾ اهلِ مماتي يعني قبر وارن جو اندربون حال احوال معلوم ٿيندو آهي. جنهن کي ڪشف القبور چيو ويندو آهي ۽ ٻي مرحلي ۾ دلين جو حال معلوم ٿيندو اهي ته فلاڻي جي دل ۾ ڇا آهي؟ ڪهڙا خيال نيتون ۽ ارادا اٿس، انهن کي ڪشف الصدور چيو وڃي ٿو. ڪشف جا هي ٻئي باطني علم ڪن ٻين پوشيده اسرارن جي ڄاڻ لاءِ به استعمال ٿي سگهن ٿا. مثال طور حضرت قبله جن رح جو هڪ خليفو ٿر جي ويجهو هڪڙي ڳوٺ ۾ ويو. اتي جي زميندار مٺي پاڻي جي تلاش ۾ ڪيترين ئي جاين تي بورنگ ڪرائي هر هنڌ پاڻي کارو ٿي نڪتو. آخرڪار ان خليفي کي چيائين ته، توهان ئي ڪا مدد ۽ دعا ڪريو. خليفي مراقبو ڪري انهي سڄي زمين جي اندرين صورتحال معلوم ڪئي ۽ پوءِ وڏيري کي چيائين ته اوهين منهنجي پنيان اچو. آئون اوهان کي جاءِ ڏسيان ٿو. هڪڙي هنڌ پهچي چيائين ته، هاڻي هتي بورنگ ڪريو. انهيءَ جاءِ تي بورنگ ڪيائون ته پاڻي مٺو، صاف ۽ جام نڪتو، جيڪو اڄا تائين ڳوٺ وارا استعمال ڪري رهيا آهن. هڪ ٻي موقعي تي حضرت قبله جن رح جا چند خليفا ڪانئن اجازت وٺي مقبره شريف درگاهه حضرت شاهه عبدالرحمان مجددي سرهندي رح تي پهتا اتي ڪجهه ڏينهن چلا ڪاٽيائون هر هڪ قبر تي مراقبا ۽ مڪاشفا ڪيائون. واپسي تي حضرت قبله جن رح جي خدمت

Marfat.com

۾ حاضر ٿي رحلت ڪري ويل سيني بزرگن جا عالم برزخ جا احوال ٻڌايائون. جن کي هنن نه ڪڏهن حياتي ۾ ڏٺو ۽ گهٽ جو نه هنن نالو به نه ٻڌو هو. انهن سيني جي صورت جا پار پتا، مهاندا، قدبت ۽ پوشاڪ تائين ٻڌايائون، جيڪا هو حياتي ۾ پائيندا هئا. پاڻ انهن سندن خليفن جي ڳالهين جي تصديق ڪندا رهيا. هڪڙي بزرگ جي نالي خليفن ٻڌايو ته انهي اسان سان نه ڳالهايو. شايد ناراض هو. اسان جي هر ڳالهه جي جواب ۾ رڳو مات ڪري اسان کي ڏسندو رهيو. پاڻ فرمايائون ته اهو بزرگ اسان جي ڏاڏي جو پاٽيجو هو، پنهنجي حياتي ۾ گونگو هو ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ جي قوت کان محروم هو. انهي ڪري اوهان سان ڳالهائي نه سگهيو. ايڏي ڪشف و ڪمال تي پهتل ته سندن فيض يافته مريد ۽ خليفا هئا. سندن پنهنجو روحاني مقام ته ڪيترو بلند هوندو. انهي جو اندازو قارئين خود ڪري سگهن ٿا. ڪرامت ته اهل الله جي اضطرابي ڪيفيت جي پيداوار هوندي آهي. ولايت ۽ بزرگي جو اصل دارومدار عشق الاهي ۾ فنائيت سميت لامڪان ڏانهن روحاني پرواز جي سگهه ۽ انهي سفر ۾ غيب جي پردن ۾ پوشيده اسرارن جي حقيقت تائين پهچڻ تي آهي ڪشف جا سمورا علم به انهي دائري ۾ اچن ٿا.

## مانجهاندي جو ماڳ

حضرت قبله جن رح جي صدارت ۾ جيڪي جلسا ٿيندا هئا انهن جي آخر ۾ دعا کان اڳ پاڻ جيڪا صدارتي تقرير ڪندا هئا انهي ۾ اڪثر عمل صالح جي تلقين جي پس

Marfat.com

منظر ۾ خوف خدا ۽ خوف آخرت جو بيان ايترو تہ صاف ۽ سادن لفظن ۾ هوندو هو جو ٻڌندڙ جي ذهن ۾ هڪ هڪ لفظ هميشه لاءِ محفوظ ٿي ويندو هو. مثال طور قبر بابت ڪجهہ جملا هن طرح هوندا هئا. او مسلمان! تو الله جا حڪم احڪام وساري آخرت جي خوف کي دل مان ڪڍيو آهي تو چند ڏينهن واري حياتي لاءِ پنهنجو آخرت وارو گهر وساريو آهي. اهو هميشه رهڻ وارو گهر جنهن کي قبر چيو ويندو آهي. اوها توکي روز سڏي پئي انهي جي سڏن ۾ هي لفظ آهن. آئون تنهنجو مستقل گهر آهيان منهنجي پيٽ ۾ توکي اچ يا سپاٽي اچڻو آهي. منهنجي پيٽ ۾ هڪڙي پاسي جون پاسراتيون ٻي پاسي ڏانهن ڪڍڻ واري سوڙهہ آهي. انهي جو بندوبست ڪري اچ منهنجي پيٽ ۾ هيبتناڪ اوندهہ آهي. انهي لاءِ ڪو ڏيئو ڪا بتي پاڻ سان ٻاري ڪٽي اچ منهنجي پيٽ ۾ توکي هزارين سال رهڻو آهي. انهي لاءِ ڪو ساٿي ڪو سامان ڪا وندر پاڻ سان گڏ آڻ منهنجي پيٽ ۾ موت جهڙي گهٽ ۽ گرمي آهي. انهي لاءِ هوا جو بندوبست ڪر منهنجي پيٽ ۾ نانگ بلائون ۽ پتون آهن، انهي جو ڪو علاج ڪو ترياق پاڻسان ڪٽي اچ آئون سخت خوف واري اڪيلائي واري ۽ ڏکن واري جاءِ آهيان ۽ آخري ڳالهہ منهنجي اها بہ ياد رک تہ منهنجي پيٽ ۾ دوزخ جي دري کلي ٿي پر جيڪڏهن تو پنهنجو رب ريجهايو ۽ چڱا عمل ڪيا تہ پوءِ منهنجي پيٽ ۾ تولاءِ بهشت جي دري کلندي جتان تولاءِ بهشت جو سموريون نعمتون اندر ايندون. وغيره سندن تقرير تي غور و فڪر ڪان اڳ قبر بابت فرمان رسول جا هي لفظ ذهن ۾ رکڻ گهرجن تہ قبر يا تہ

Marfat.com

جنت جي باغن مان هڪڙو باغ آهي يا جهنم جي کورن مان هڪ کورو آهي. مطلب ته عمل صالح ۽ بدعمل قبر کي جنت يا جهنم بنائي سگهن ٿا. زندگي ۽ موت جو سفر گڏوگڏ هلي پيو ۽ موت جي اچڻ سان ئي آخرت جو اڙانگو ۽ طويل پنڌ شروع ٿئي ٿو، جيڪو به ڏينهن اُڀري ٿو اهو لهڻ تائين الائي ڪيترا مرڻان اکيون ڏسن ٿيون ۽ ڪن ٻڌن ٿا صبح کان سانجهي تائين مٽي جي دز مان هڪ هڪ داڻو چوندي واهيري ورندڙ جيتامڙن تي موت جي قهري باز جا لامارا جنهڪي نه ڪا وٿي نڪا ساهي چڻ ته سرءُ جي واچوڙي جو ڪو جهولو آيو ۽ کک پن، گل ٻور سوڏو هر شيءِ لامن تان روڙي ڪٽي ويو.

"مئي هٿ ۾ مکڙي جام هٿ ۾ چار،
سڄو ڏينهن شڪار ڪينجهر ۾ ڪالهه هو.
(شاهه رح)

هڪ دفعي مرحوم حاجي صديق انڙ جيڪو سندن مخلص مريد هو انهي جي پٽن جي طهر (سنت) واري تقريب ۾ حاجي صاحب جي گهڻي اسرار تي سندس ڳوٺ تشريف فرما ٿيا دوران گفتگو فرمايائون ته ڏسو هينئر هتي شاميانه لڳا پيا آهن، جن کي رنگين پنين گلن لائٽن ۽ بلبن سان سينگاريو ويو آهي. خوشي جو ماحول آهي ماڻهن جي رش ۽ خوب رونق پئي ڏسجي پر اوهين چند ڪلاڪن کان پوءِ ڏسندا ته هتي ڪجهه به نه هوندو نه هي شاميانه نه هي رش ۽ نه هي رونق. دنيا جو مثال به ايئن آهي ٿورڙي وقت لاءِ هي رونقون هي عيش هي آرام هي مائٽ هي دوست احباب سياڻي ماحول وري پيو هوندو. روح پٽڪو رڙيون مڙهه مردن جي ڪلهن تي

Marfat.com

هر هڪ کي لوڙهہ لٿي جلد پڇڻ جي تڪڙ. نرم بسترن تي ليٽڻ واري جسم تي هينئان مٿان مٽي جا تهہ نڪو سور ٻڌڻ وارو نڪو آٿت ڏيڻ وارو هن دنيا ۾ انسان ائين آهي جيئن سڄي ڏينهن جو ٿڪل پکي سانجهي ويل ڪنهن وڻ تي اچي وينو ۽ صبح جو سج ايرڻ کان اڳي اڏامي هليو ويو. خوف خدا ۽ خوف آخرت ۽ دنيا جي بي ثباتي جو احساس پاڻ خلق خدا کي هر مجلس ۽ هر گڏجاڻي ۾ ڏياريندا هئا. ٻڌڻ وارن جي حواسن تي سڪتو طاري ٿي ويندو هو. هر لفظ روح جي گهراين ۾ پيهي ويندو هو. ذهن بيان ڪيل منظر جي تصور ۾ ٻڏي ويندا هئا ۽ اکين مان لڙڪن جون لارون هلنديون هيون. اُهي پلاريون مجلسون نہ تہ ڪو ذهن پلائي سگهي ٿو ۽ نہ ساروٽيون انهن يادن جو ساٿ ڇڏي سگهن ٿيون. ٻوءِ بہ هڪ غافل انسان آهي جيڪو وڏن هُل هنگامن ۾ سرسي ۽ سوائي جي ڊوڙ ۾ اڳتي نڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهي. انهي دنيا جي راند ۾ ڊوڙڻ وارن مان ڪوبہ ڪنڌ پوئتي ورائي ڏسي ها ماڻهن جي ماڳ ڪونہ ٿو ڏسي جتي سندس جيڏا ۽ ڪانئس وڏ سيرا ساٿي اجل جي اري ۾ ارهاڻجي زمين جي اونهي کاهي ۾ ايترو اندر هليا ويا جو نہ تہ سندن آواز ڪنهن آدم ٻڌو ۽ نہ سندن گس پنڌ پڇڻ وارن کي سندن پيرا مليا. مٽي مان نهيل پنجرا نيٺ مٽي جا پنوڙا بنجي ويا.

ڇڏيو خاڪ کائي مڙن جو مٿو،
اجان خاڪ جو پيٽ پرجي نٿو.

(ملاح)

# حج جو آخري سفر

پاڻ ڪل ست دفعا حج بيت الله جي سعادت ماڻيائون. آخري حج جو سفر انهي حالت ۾ ڪيائون جو سندن بيمار ۽ ضعيف جسم وهيل چيئر تي هو ۽ پڻ جانثار رفيقن جون جسماني ۽ طبعي توانايون حج جي فرائض جي ادائگي ۾ سندن مددو معاون هيون لاڳيتي ناچاڪي هيٺائي ۽ نقاهت جي واڌاري باوجود عزم حوصلي ۽ عشق و عقيدت جي جذبن ۾ ڪابہ ڪمي نہ آئي. ڪين رڳو انهي احساس جهوري وڌو هو تہ شايد ٻي دفعي هي نماڻا نيڻ پرين جو پار پسي نہ سگهن، جتي جتي ۽ جيڏانهن بہ سندن وڃڻ ٿيندو هو ماڻهن جا انبوهہ سندن زيارت ۽ ملاقات لاءِ اٿلي پوندا هئا، پر هن دفعي نہ ڪنهن سندن مڪزي تي مرڪ ڏٺي ۽ نہ ڪنهن سندن روايتي نطق و ڪلام جو لطف ورتو. اڪثر خاموش ۽ ذڪر و فڪر ۾ مستغرق هوندا هئا. هن مقدس سفر جي پوئين مرحلي ۾ خانہ ڪعبہ جي الوداعي طواف ۽ روضي پاڪ تان موڪلاڻي وقت سندن شوق ديدار ۾ طويل عرصو جاڳندڙ اکين مان پلر جو پاڻي خوب پلٽيو هو. اندر جا اڌما آهن ۽ دعا لاءِ زبان مان نڪرندڙ سڏ ۽ سوال سڏڪن ۾ گڏجي ويا هر هر حضرت ابراهيم خليل الله جي اڏيل ڪعبي جا در ۽ ديوارون ۽ مسجد حرام جا نيلون ۽ منارا ديدن جي درياءَ ۾ ٻڏل نظرن سان ڏسندا رهيا روضہ رسول جا روح پرور منظر مير مرسل جي شهر جون گليون ۽ بطحيٰ جي وادي جون بهارون ذهن جي هر گوشي ۾ روز محشر تائين عجيبن جي امانت ڪري رکندا رهيا. ٻي ڏينهن سندن پاڪستان واپسي هئي جدي ايئرپورٽ کان

Marfat.com

ڪراچي ايئرپورٽ تائين درد فرقت جو عذاب پيڙهندو رهيو، جنهن جو ايذاءُ زندگي جي آخري گهڙين تائين پساهن ۾ پلبو رهيو.

## زندگي مبارڪ جا آخري ڏينهن

حضرت قبله رح جن جي عمر مبارڪ جو پويون ٽن سالن جو عرصو لاڳيتي علالت سخت ضعف ۽ تڪليف ۾ گذريو ۽ انهي حالت ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو رهيو. حج جي پوئين سفر ۾ به ساڳي بيماري ساڳيو ضعف ۽ تڪليف رهي. حج جا فرائض وهيل چيئر تي ادا ڪيائون. انهي عرصي ۾ علاج لاءِ ڪافي دفعا حيدرآباد ۽ ڪراچي ويندا رهيا. ڪين پراڻي شگر بلڊ پريشر ۽ گوڏن ۽ سنڌن ۾ سور جو عارضو رهيو. آخري ڇهن مهينن ۾ ڦڦڙن ۾ پاڻي پرجي آيو هو، جنهن ڪري خواب آورگوريون ڪانسواءِ آرام سان ننڊ نه ايندي هئي. ڪاڌو به نالي ماتر مشڪل سان به ٽي گرهه تناول ڪندا هئا. ڳالهائڻ ۾ به ڪين سخت دقت ٿيندي هئي. اڪثر ڳالهائيندي سندن آواز ٻڏي ويندو هو. گهٽي ضعف جي ڪري غنودگي طاري هوندي هئي. سجاڳ ٿيڻ تي معمولات وارا ڪم نبيريندا ها. اُهي به بستري تي ئي ليٽيندي، جنهن به وقت اکيون کوليندا هئا ته خدمتگارن کان پهرين نماز جو پڇندا هئا. جيڪي ڪين سهارو ڏئي نماز لاءِ ويهاريندا هئا. گهٽو ڪري ته ائين ٿيندو هو ته پڙهيل نماز ويسر جي ڪري ٻيهر موٽائي پڙهندا هئا ۽ انهي معاملي ۾ خدمتگارن جي شاهدي تي ڪين اعتبار نه ايندو هو. ٻاهرين ايندڙ خلق خدا

Marfat.com

.مان ملڻ ۽ سندن حاجت روائي كي بہ پاڻ عبادت جي ئي
درجي ۾ شمار كندا هئا. ايڏي بيماري جي شدت ۾ بہ پاڻ
ئي وهيل چيئر (سائيكل واري كرسي) تي كٽائي باهر اچي
ماڻهن جا اهنج ۽ درد دور كندا هئا. تعويذات ۽ طبي نسخن
جي كتابن جي هڙ پاڻ سان گڏ كٽائيندا هئا ۽ اهو عمل
صبح كان رات تائين جاري هوندو هو، ويهڻ جي سگهہ جسم
۾ نہ هوندي هئي ستي ئي پيڊ ڇاتي تي ركي گهربل تحرير
لكي ڏيندا هئا. پيڊ كي مضبوطي سان پكڙڻ جي طاقت بہ
هٿن ۾ نہ هئي، جيكو هر هر ترڙي ويندو هو ۽ اكرن جي
ترتيب گهٽ وڌ ٿي ويندي هئي. اهڙي ئي حال ۾ ديني جلسن
۾ بہ پنهنجو بيمار جسم كٽائي وڃي شريك ٿيندا هئا. وفات
كان پنجويهہ ڏينهن اڳ يوم مجدد الف ثاني رح جي سلسلي
۾ سندن طرفان ساماري شهر ۾ كرايل جلسي ۽ جلوس ۾
شريك ٿيا ان ڏينهن ضعف سان گڏ كين هلكو بخار بہ هو
ساڳي طرح ۽ ساڳي ئي حال ۾ پنجين ڏينهن درگاهہ مولوي
ميون قاسم كالرو رح جي ساليانی جلسي ۾ شركت
كيائون. حضرت مجدد الف ثاني رح جو ڏينهن ملهائڻ لاءِ هر
سال سڄي سنڌ جي جماعت كي مريدن متعلقين عزيزن
احبابن ۽ مذهبي حلقن جي نمائنده ذرين سان رابطو كري
كين اهو ڏينهن شايان شان طريقي سان ملهائڻ جي اپيل
كندا هئا. ڇپيل اشتهارن ۾ سندن طرفان عام مسلمانن كي
برصغير جي هن عظيم هستي جي ياد ۾ قرآن خوانيون ۽
جلسا جلوس كرڻ جي استدعا هوندي هئي. ماءُ پيءُ جي حقن
بابت هك جامع كتاب "حقوق الوالدين" بہ انهي ئي بيماري

Marfat.com

جي بستري تي لکيائون ۽ اُها سندن آخري تصنيف هئي. گلزار خليل ۾ هڪ وسيع و عريض ۽ شاندار مسجد جي تعمير سندن ديرينه تمنا هئي، جيڪا سندن نندي ڀاءُ قبلہ حاجي عبدالمجيد جان رح نهرائي پوري ڪئي. تعميراتي ڪم جي جلد تڪميل جي اڻ تڻ ڪين گهٽي هئي. روز تاڪيد ڪندا هئا ته هي ڪم تڪڙو پورو ڪيو وڃي. شايد زندگي جي باقي رهيل ڏينهن جو اندازو ڪين ٿي ويو هو. ربيع الاول جو مبارڪ مهينو به شروع ٿي چڪو هو. چوڏهين ربيع الاول جو ساليانو جلسو به قريب اچي رهيو هو. انهي جلسي ۾ سندن مدرسي جي چند فارغ التحصيل علماء جي دستاربندي به رٿيل هئي. سندن ٻاهرين اوطاق جو تعميراتي ڪم جيڪو تقريبا مڪمل ٿي چڪو هو انهي جي تزئين و آرائش ترجيحي بنياد تي تڪڙي مڪمل ڪرايائون. ٻارهين ربيع الاول تي نئين تعمير ٿيل، مسجد فاروق اعظم جو افتتاح پنهنجن مبارڪ هٿن سان ڪيائون ۽ ان ڏينهن جمع جي پهرين نماز ڳوٺ جي ان خوبصورت مسجد ۾ ادا ڪيائون جيڪا هن نئين مسجد ۾ سندن زندگي جي واحد نماز هئي. ٻارهين ربيع الاول تي هر سال پاڻ ڪُنري شهر ۾ جشن ميلادالنبي ﷺ جي جلوس جي قيادت ڪندا هئا. هن سال مذڪوره تاريخ کان صرف به ڏينهن اڳ اتي جي جماعت کي پنهنجي شديد علالت جي ڪري سندن عدم شرڪت جو اطلاع وڏي افسوس سان لکي موڪليائون. بيماري لاڳيتو وڌندي رهي چوڏهين ربيع الاول جو صبح طلوع ٿيو جلسي جو آغاز ٿيو هزارين ماڻهن جو ميڙ هو اڳين سمورن اجتماعن کان اچوڪو اجتماع گهڻو وڏو هو

Marfat.com

ان ڏينهن سندن طبيعت رات کان وٺي ڪافي ناساز هئي. ٻي طرف سندن شوق ديدار ۾ ماڻهو بيقرار هئا. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان جماعتون پهچي وڃون هيون. جيتوڻيڪ علالت شديد هئي ۽ جسم ٻاهر نڪرڻ جي قابل نه هو پوءِ به تڪليفن ۾ مشڪلاتن کي شڪست ڏيڻ وارو جذبو اڄ به زنده ۽ توانا هو پاڻ جلسي جي ابتدائي آغاز ۾ پهچي ويا. مختصر وقت ۾ جن به جماعت جي اڪابرين سان ملڻ ممڪن هو انهن سان مليا جامعه مجدديه حسينه گلزار خليل جي فارغ التحصيل طلباء جي دستاربندي به ڪرايائون جلسي جي ڪاروائي معمول مطابق هلندي رهي. خاص مقرر مفتي عبدالرحيم سڪندري صاحب جي تقرير جي آخري مرحلي وقت اوچتو سندن طبيعت گهڻي خراب ٿي پئي. سخت گرمي ۽ حبس جي ڪري دل تي بوڏار اچي وئي بيماري جا مضر اثرات جسم ۾ اڳي ئي موجود هئا. پاڻ جلسي جي باقي رهيل ڪاروائي ۽ دعا جي قيادت صاحبزاده محمد ايوب جان جي سپرد ڪري گهر روانا ٿيا. سڄي جماعت ۾ هن اوچتي صورتحال سخت تشويش ۽ بي يقيني جي لهر پيدا ڪري ڇڏي. ماڻهو چريـن وانگي سندن پنيان ڊوڙندا رهيا ٿوري ئي دير ۾ ٻاهر پيغام موڪليائون ته آئون بلڪل ٺيڪ آهيان ڪابه فڪر جي ڳالهه ناهي سڀ ماڻهو اطمينان سان جلسي گاهه ۾ وڃن دعا ۾ شريڪ ٿين ۽ عرس شريف جي ماني کائين. انهي ڏينهن کان ضعف ويتر وڌندو رهيو. ٻي ڏينهن ساڳي حال ۾ پاڻ ڪٽائي اوطاق ۾ آيا سندن هي ملاقات انهن سڻن عالمن لاءِ مخصوص هئي جن سندن مدرسي ۾ علم دين جو پڙهي پورو ڪيو هو ۽ جن جي

Marfat.com

ڪلهوڪي جلسي ۾ دستاربندي ڪرائي هئائون. ڪين ڏسي پاڻ بيحد خوش ٿيا. مبارڪون ڏنائون مٺن گهورون ڪيائون. انهي موقعي تي نعتون ۽ مولود پڙهايائون ۽ آخر ۾ سندن حياتي سلامتي ۽ دنيا عقبيٰ جي فلاح لاءِ ۽ ديني امور ۾ سندن عملي جدوجهد جي ڪاميابي لاءِ خاص دعائون گهري ڪين رخصت ڪيائون. ١٩ ربيع الاول ڇنڇر ڏينهن علاج جي سلسلي ۾ آخري دفعو سندن ڪراچي روانگي ٿي. جماعت جا سمورا ماڻهو ۽ ڳوٺ وارا ان وقت زيارت لاءِ حاضر ٿيا. انهن مان گهٽن کي اهو اندازو ٿي ويو هو تہ سندن سر تان مهرو شفقت جو سايو ۽ علم و فضل ۽ رشد و تلقين جو هي سج هاڻي الهڻ وارو آهي. اهڙو ڪرب انگيز احساس اکين مان اڻ مندائتو مينهن وسائي رهيو هو ۽ جن اکين اڳيان ضبط و تحمل جو بند ٻڌو انهن جي دل ممڪنہ وڇوڙي جي صدمي ۾ تڙپي رهي هئي. ٻاويهين ربيع الاول تائين سندن مبارڪ زندگي جا هي پويان پهر ۽ ساعتون بہ عزم و استقامت جا سوين چراغ روشن ڪري ويون. هتي ڪراچي جي ٻن خوشنصيب انسانن جو تذڪرو نہ ڪرڻ مناسب نہ ٿيندو جن سندن خاص دعائون حاصل ڪيون ۽ غالبا تادم حيات انهن دعائن مان بهره ور ٿيندا رهندا. انهن مان پهريون هو سول اسپتال ڪراچي جو انچارج ۽ ڊائو ميڊيڪل ڪاليج جو پرنسپل محترم ڊاڪٽر الاهي بخش سومرو صاحب جنهن سندن علاج ۽ خدمت ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي ۽ ٻيو هو سند ميڊيڪل ڪاليج جي تربيتي شعبي سان واڳيل ڊاڪٽر حاجي محمد انصار صاحب جنهن حج جي پوئين سفر ۾ حضرت قبلہ

Marfat.com

جن رح جي رفيق خاص جي حيثيت ۾ سندن خدمت ۾ اركان حج جي ادائگي ۾ سندن كل وقتي دست و بازو ٿي رهيو. مجموعي طور تي حضرت قبلہ جن رح كي جن ماڻهن ڏٺو ۽ سڃاتو انهن كي مباركون پرجن وٺانئن كجهہ نہ كجهہ پرايو انهن كي تہ لكين مباركون هجن انهن جڻ تہ منزل مراد ماڻي دنيا ۾ عقبيٰ جي پلايہ مان جهوليون ڀريون جن ماڻهن كين نہ ڏٺو نہ پاتو اُهي سندن زندگي جي هر پڌل ڄاڻايل ۽ لكيل حوالن جو مطالعو كن. هن سمنڊ جي اونهي پاتال ۾ جر جهاڳي لكل جواهر ۽ موتي ڳولي كڍن گذريل صدي ۽ هلندڙ صدي جي هر انهي شخصيت سان جنهن كان هو گهڻي كان گهڻا متاثر آهن حضرت قبلہ جن رح جي شخصيت جي هر گوشي جو موازنو كن ۽ پوءِ كا راءِ قائم كرڻ وقت مولانا الطاف حسين حالي جي هن شعر كي ذهن ۾ ركن.

ہے جستجو کہ خوب سے ہے خوبتر کہاں
اب دیکھیئے ٹھرتی ہے جاکر نظر کہاں

## وفات حسرت آيات

قرآن پاك جي هك آيت سڳوري :**يا ايتها النفس المطمئنة ارجعي الي ربک راضية مرضية فادخلي في عبادي و ادخلي جنتي.** معني: اي نفس اطمينان وارا تون تنهنجي رب جي طرف موٽي هل راضي كندڙ راضي ٿيل پوءِ تون منهنجي ٻانهن ۾ داخل ٿي منهنجي بهشت ۾ داخل ٿي وڃ.

تشريح: جنهن ٻانهي جو نفس قلبي نور جي فيض مان

Marfat.com

رڱجي وڃي ٿو تہ صفات ذميمہ کان بلکل پاڪ ۽ صاف ٿي وڃي ٿو ۽ اخلاق حميده سان مزين بنجي وڃي ٿو. انهي ٻانهي جي نفس کي قرآن پاڪ ۾ نفس مطمئنہ چيو ويو آهي. انهي آيت جي تشريح سيدنا ابوبکر صديق رضي الله عنه حضور ڪريم ﷺ کان پڇي جواب ۾ حضور رسالت مآب ﷺ فرمايو تہ اي ابابڪر تنهنجي وفات وقت ملائڪ سڳورو اهي اکر چوندو. تفسير روح البيان سيدنا عبدالله بن عمر رضي الله عن جي حوالي سان لکيو آهي تہ ڪامل مؤمن ٻانهي جي وفات وقت خدا تعاليٰ ٻہ ملائڪ سڳورا بهشتي تحفو ڏئي موڪلي ٿو. انهن ملائڪن مان هڪ ملائڪ سڳورو انهي مؤمن ٻانهي جي نفس کي چوي ٿو: أُخرجي ايتها النفس المطئنيه الیٰ روُح و ريحان و ربُک راض. تڏهن مؤمن ٻانهي جو روح سندس جسم مان ٻاهر نڪري ٿو. جنهن جي خوشبوء آسمان جي ڪنارن تي بيٺل ملائڪن سڳورن کي اچي ٿي. هو هڪٻئي کي چون ٿا تہ زمين تان ڪو پاڪ روح اچي رهيو آهي. پوءِ ملائڪ سڳورا انهي روح مبارڪ کي هٿو هٿ ونندا وڃن ٿا. هن لاءِ آسماني درواز ڪوليا وڃن ٿا. سڀ ملائڪ هن لاءِ دعائون گهرن ٿا. پوءِ اهو روح الله سائين جي حضور ۾ آندو وڃي ٿو. رب پاڪ جي حضور ۾ پهچي اهو روح سجدو ڪري ٿو. پوءِ ميڪائل عليه السلام کي حڪم ڪيو وڃي ٿو تہ هن کي منهنجي ٻانهي جي جسم ۾ موٽايو وڃي ۽ سندس قبر ڪشادي ۽ نور واري ڪئي وڃي. رب پاڪ جي حضور مان واپس موٽڻ وقت رب العالمين فرمائي ٿو: فادخلي في عبادي وادخلي جنتي (منهنجي ٻانهن ۾ شامل ٿي منهنجي جنت ۾

Marfat.com

داخل ٿي وڃ) پوءِ ملائڪ سڳور هن جي قبر ڪشادي ڪري ٿو، جيڪا سج وانگي نور سان روشن ٿي وڃي ٿي. (تفسير روح البيان، تحت الآية المذڪورة)

الله جي هن مؤمن ڪامل مقبول ٻانهي يعني اسان جي حضرت قبلہ ممدوح و موصوف رح کي رب ذوالجلال والاڪرام جي طرفان قرآني آيت جو هي پيغام تاريخ ٢٢ ربيع الاول اڱاري جي ڏينهن منجهند جو ٢ وڳي سول اسپتال ڪراچي ۾ مليو ۽ انهي ئي وقت سندن روح جسد خاڪي مان پرواز ڪري ويو. اناللہ وانا اليه راجعون.

هڪڙي طرف تہ سَندن روح پرفتوح ڇاٽايل تفسير جي بيان مطابق وڏي شان سان فرشتن جي جلوس ۾ بارگاه رب العزت ۾ سجده ريز ٿيڻ لاءِ روانو ٿيو تہ ٻي طرف هن عظيم هستي جي وڇوڙي لکين جيئرا روح بنا موت ماري ڇڏيا. ڪراچي کان ٺٽ جي ريگزارن تائين پوري علائقي تي سوڳ جي فضا ڇانئجي وئي هر ماڻهو مرد خواتين ٻار ٻڍڙا گر يہ زاري ڪندي ٻاهر نڪرندا رهيا. جيڪي پنهنجي محسن کي ساري وره ۾ وڍ جي رهيا هئا. سوڳوارن جو هر ننڍو وڏو قافلو ۽ سمورا گس پنڌ گلزار خليل ڏانهن وڃي رهيا هئا. جتان ڪٿان ڪلمہ طيبہ ۽ ڪلمہ توحيد جون صدائون ۽ سڏڪن جا آواز هوائن جي هلڪي شور ۾ جذب ٿيندا رهيا. مغرب جي اذان مهل اهو احساس جاڳي رهيو هو تہ لهندڙ سج پنهنجي سر تي صدي جي سڀ کان ڳري صدمي جو بار ڪڻي رخصت ٿي چڪو آهي. رات جو انين وڳي کان پوءِ سندن جسد خاڪي ڪراچي کان ڳوٺ پهتو جڻ تہ باغبان پنهنجي گلشن جو آخري سير ڪرڻ آيو هو، جتي اڄ گل ڦل بي رنگ و بو بڻجي ڇٽي

Marfat.com

رهيا هئا. ٻوٽا اداس ۽ ڪليون ڪومايل هيون. ڏهين وڳي ذاري تجهيز و تڪفين کان پوءِ زائرين ۽ مشتاقان ديد کي رخ مهتاب منور جو ديدار عام ڪرايو ويو ۽ انهي کان پوءِ سوگوارن لاءِ اُها رات شروع ٿي جنهن کي شاعري جي اصطلاح ۾ شب هجران (وڇوڙن جي رات) سڏيو وڃي ٿو. انهي رات نه ڪنهن کي ڪاڏو ياد هو نه وڃاٽون ۽ آرام نند اکين مان رسي وئي هئي ۽ بيقرار دل سيني مان ٻاهر نڪري صبر ۽ سڪون ڳولي رهي هئي ۽ پوءِ رات جي گذرندڙ هر پل گوندر جا گهاءُ ڏئي اُهي سخت گهڙيون به آخر گهاري ڇڏيون.

ڪتيون ويون ڪپار لوڏي ويا لڙي.
وٽ سوربندي ولها ويو تيل ٻري،
راٽي لاءِ رڙي ويئي وهامي راتڙي.

(شاهه رح)

حيات ابدي ماٽيندڙ وقت جي وڏي انسان جي آخري رسمن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ رات سڄي ۽ ٻي ڏينهن ڏهين وڳي تائين قافلا ايندا رهيا انهي وقت گلزار خليل جا روڊ رستا گليون ۽ ميدان پرجي چڪا هئا جتان ڪٿان ماڻهن جون چوليون هڻندڙ سمنڊ پلٽي رهيو هو. انهي ويل چشم فلڪ اهڙا دلگداز منظر ڏٺا جنهن ۾ ماڻهو اسان وارثن بجاءِ هڪٻئي کي ڀاڪر پائي روئي رهيا ها. ان وقت اسان کي ائين محسوس ٿيو ته اڄ رڳو اسين اولاد نه پر هزارين انسان يتيم ٿي ويا آهن. جنازي نماز کان اڳ ٻي دفعي عقيدتمندن کي آخري ديدار ڪرايو ويو ۽ پوري ڏهين وڳي جنازي نماز لاءِ صفون درست ڪيون ويون، جن ماڻهن صفون ترتيب ڏنيون انهن جو چوڻ هو ته هنن ڇاهتر صفون ڳڻيون هر هڪ صف ۾ ادائي سؤ

Marfat.com

کان وڏيڪ ماڻهو شامل هئا. حضرت قبلہ جن رح وفات کان چند ڏينهن اڳي سندن جماعت جي هڪ بزرگ انسان ۽ اسان جي استاد مولوي حاجي عبدالرحيم شاهاڻي بابت اها وصيت ڪئي هئي تہ ڪين اهو غسل ڏي ۽ جنازي نماز بہ اهوئي پڙهائي. انهي وصيت تي عمل ڪيو ويو. تجهيز و تڪفين جي ذميواري نڀائڻ بعد ڳوٺ ۾ سندن نماز جنازه جي تمام وڏي اجتماع جي امامت بہ مولوي حاجي عبدالرحيم شاهاڻي ڪئي. جڏهن تہ درگاهہ حضرت شاهہ عبدالرحمان مجددي سرهندي رح (مقبره شريف) تي ادا ڪيل سندن نماز جنازه جي امامت صاحبزاده آغا عبدالوحيد جان سرهندي ڪئي.

جنازه نماز کان پوءِ سندن ابدي آرامگاهہ ڏانهن سفر شروع ٿيو. متعلقين ۽ عقيدتمندن جو تمام وڏو تعداد ڏولي جي جلوس سان درگاهہ قطب ارشد (مقبره شريف) پهتو جتي سوين منتظر عزيز و اقارب جي موجودگي ۾ نماز جنازه ۽ شرف ديدار بعد ڪين بطن ارض جنت جي سپرد ڪيو ويو. اهڙي طرح علم و عرفان جو هي روشن سج خلق خدا جي ظاهري نظر کان هميشه روپوش ٿي ويو. ايندڙ وقت جو هر ڏينهن ۽ هر نئون سج دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هن عظيم هستي جو متبادل ڳوليندو رهندو ۽ شايد هاڻي اهڙي لافاني انسان جون واٽون نهاريندي صديون گذري وينديون.

ڪنيائون ڪانر ڏي ساري هاج هيا،
لاهي لڏ لطيف چئي پرئين تر تيا،
چڙي ڳڻ ويا ماروئڙا ملير ۾.

(شاهہ رح)

Marfat.com

## اولاد

پاڻ عقد مسنونه ۾ کيائون سندن اولاد ۾ ڇهه فرزند ۽ چار نياڻيون شامل آهن فرزند بالترتيب هي آهن. عطاءُالله جان، محمد يعقوب جان، محمد ايوب جان ثناءُ الله جان، محمد موسيٰ جان، ولي الله جان.

هن وقت صاحبزاده محمد ايوب جان سجاده نشين جي حيثيت ۾ سندن منشور حيات تي عمل پيرا آهي خانقاهه، مدرسو. مذهبي امور، ديني انجمنون، خدمت خلق، تبليغي مشن توڙي نشر و اشاعت سڀ شعبا ساڳي طرح ساڳي جذبي سان مصروف ڪار آهن بفضله تعاليٰ.

ثنا

## مرثيو

وڇوڙو عمر جو ڏئي وئين هلي
وئي درد فرقت ۾ جندڙي جلي
صبح ساڻ سڏڪن ۽ آهن ۾ اڄ
سڄي سونهن اوير جي اولهه هلي،
بسنتي وئي رت ويو اجڙي چمن
نه مرڪي تڙيو گل نه ڪائي ڪلي
لڳي آڳ جنهن لونءِ ۾ لاتون ڪري
انهي ماجرا غم جي سر سان سلي
ڏنا ڏاج توکي هئا ڏاتر ڳتي
قطب غوث قيوم ڪامل ولي
نه تڙيو نه پٽڪيو نه سو رج رليو

Marfat.com

ڏني ماڳ تنهنجي جي جنهن هئي گلي
اجان تشنه نيڻن نه پي ڊؤ ڪيو
اجان آس درشن جي ڪنهن هئي پلي
خدارا سگهو اچ هٽائي حجاب
گهڙي پل جي سپنن ۾ بابا هلي
سکي ڳڻ ڪوتو ڪان ء لائق لکين
ڪرم قرب ڪوجهن سان زنده دلي
اسان کي سنيارج ثنا ان مهل
ڏسين مير مرسل کي مرڪي ملي

## مرثيه

مولوي نواب الدين راهمون

ويو مجدد پاڪ جو مسند نشين دنيا ڇڏي
ايشيا جي عاشقن کي غم ۽ گوندر ۾ گڏي
رات اربع جي اچي ٿي خلق ساري ٿي ڪني
جڻ نه پنهنجن خادمن کي گڏ ڪيو مرشد سڏي
بحر بيشڪ هو سخاوت جو ڪرامت جو ڪڪر
فيض فاروقي ڪان ورتو هر نندي توڙي وڏي
گل ويا گلزار جا ڪومائجي ۽ طالبن
هجر ۾ حضرت سندي ريهون ڪيون واڪي وڏي
مقبرو مرقد سندن ٿيو واهه ان جو شان ٿيو
جو منجهس اچ ٿيو مڪين گلزار ڪان گوهر لڌي
هو شريعت ۽ طريقت ۾ بلاشڪ بي مثال
ميڙ ماڻهن جا هئا نت مير مرشد جي تڏي

Marfat.com

# تاثرات

پروفيسر نثار احمد جان سرهندي
(پائنو)

## الا .... !! مون سان جبل ٿو جاڙون ڪري

ڏونگر ڏوراپو پهربن چوندس پرين کي
پهڻ پير پٿون ڪيا تربون چنيون تو
رحم نه پيئي روح ۾ قدر منهنجو ڪو
واڪا ڪنديس وو مون سان جبل ٿو جاڙون ڪري.

هائي افسوس! چاچا سائين موڪلائي ويو........!! اڪثرين وڏڙو وسايو مٿن حق هو ادا ڪيائون پر نه ٿيو. چون ٿا ته غم جي شدت ۾ لڙڪ به پٿر ٿي وڃن ٿا پر هن غم پٿرن تي اهڙو وسڪارو ڪيو جو پٿر به پڃي پاڻي ٿي ويا. فراق جي سيلاب تي بند نٿو ٻڌي سگهجي غم جو جبل آهي جيڪو اڇي مون مٿان ڪريو جنهن منهنجي سموري وجود کي چيپاٽي ڇڏيو آهي سور جا نساتا آهن جن نهوڙي نيو آهي. اڳي ئي ڏڪويل تي هيڏو ڏک! لطيف سائين رحمة الله عليه فرمايو آهي.

ڏونگر مون نه ڏکوءِ آئون اڳ ڏکوئي آهيان،
ساريان ڪونه سکوءِ سور گهٽيئي سنيران

اکيـن ۾ آب پرجي ويو اٿم. انهي نياڳي باھ کان ماڻهن کي بچائڻ لاءِ تہ خدا شاھد آهي تہ جيترو پاڻ پتوڙيائون اوترو کو بيو مشڪل سان ايڏي جاکوڙ ڪري سگهندو. آئون ارذل ۽ اخس سندن ٿورا لاهي نٿو سگهان. سندن هڪ نوري نظر مون ڪميڻي کي اسفل سافلين (گهٽ کان گهٽ درجي) مان ڪٽي احسن تقويم جو درجو ڏيکاريو 'ريب' کان 'لاريب' جو سفر منٽن ۾ مڪمل ٿي ويو. سندن نظر جي تير اهڙو تہ گهايل ڪيو جو رنگ ۽ رعنائين جو چلڪو چمڪيو ختم ٿي ويو ۽ هڪڙوئي رنگ دل کي وڻڻ لڳو. صبغة الله من احسن من الله صبغة (الله جو رنگ الله جي رنگ کان سٺو ٻيو ڪهڙو رنگ ٿي سگهي ٿو؟)

نـظـر سـے حـسـن دوعـالـم گـراديـا تـونـے
نـہ جانـے کـون سـالـم دکـهـاديـا تـونـے

سندن نظر ڪيميا اثر جي صدقي منهنجي ڇهري تي عين خزان (سرءِ) جي منڌ ۾ بهار آئي.

چوٿيـن جون سوا تيـن وڳي ٻنپهرن جو سمهڻ جي ڪيم. محسوس ڪيم تہ ننڊ ۾ پيو پڙهان

اي دسـت روزگـار تـوهـي ڪـهـڙو ڪـم ڪـيـو،
ڪيئـن هٿ هٽي اجهائي ڇڏيئي ڏيـھ جو ڏيو،
جنهـن کـان مـليـو نـور سـجي سـنڌ هـنڌ کـي،
جنهـن جي شعـاع تـاب هـو سـج چنڊ جو نـيو.

پوءِ جڏهن مرثيہ جي آخري شعر تي پهتس تہ - از فرط غم مون ٻہ آهون ڪڍي منجهان آھ..!! آھ..!! سرتاج اتقياءِ

Marfat.com

سڄي جماعت سندن اردگرد موجود هئي. ٻاهر پندرنهين جو چنڊ آسمان تي نور افشان هو. پاڻ ڪجهه بيماري مان صحت ياب ٿيا هئا. سندن چهرو مبارڪ ڪبرسني جي باوجود ٻهڪي رهيو هو. شادابي جا آثار سندن ڳلن ۽ گلابي سنهڙن چپن مان ٻکي رهيا هئا. زمين ۽ آسمان جو مقابلو هو. مون والدين جي حقن بابت هڪ سوال پڇيو پاڻ نهايت مفصل جواب ڏنائون اجان تائين اهو روح پرور ۽ نظر نواز نظارو وسري نٿو.

برادرم يعقوب جان جي گهر اڱڻ تي پٽ تي سندن هنڌ وڇايل پاڻ هٿن ۾ تسبيح سوريندي وهاڻي ۽ پٽ جي گڏيل ٽيڪ تي نيم دراز ويٺا هئا. عرض ڪيم چاچا سائين توهان کي بدن ۾ سخت سور آهي. ٻاهر سمهڻ سان سور وڌي ويندو. فرمايائون: هائو پر بابا هتي قدرت جا نظارا ٿا ڏسڻ ۾ اچن چنڊ ۽ تارا آهن منهنجي دل ٿي وندري. فطرت جي حسن ۽ نظارن جو اهو قدر دان ۽ شائق موڪلائي ويو ۽ اسان مهجورن کي گوندرن ۾ گڏي ويو.

وسعتي پيدا کن اے صحرا کہ!امشب در غمش
لشکر آہ من از دل خیمہ برون میکشد

ترجمو: اي رڻ پٽ! پاڪي اجان ڪشادو ڪر جو اڄ رات غمن ۾ منهنجي آهن جو لشڪر دل مان نڪري ٻاهر خيمان کوڙيندو. هاڻي نہ هنيئن سان هوت ڏي هلڻو آهي پيرن سان نہ پهچي ڪونہ سگهبو.

*گلزار اڄ خار آهي پنهجي خليل جي ڪري گلزار هو اڄ

اهو دل زار آهي جو اهو دلدار ناهي سندس ديدار ناهي. ساڳيون جايون ٿاٿا ۽ ٺاڪ آهن جيڪي سندن مبارڪ وجود سان ڀھ ڀھ ڪري ڀھڪندا هئا هاڻي وڃي ڏسو ته حيرت ٿي ٿئي. افسوس!! الله سائين ڪريم ڪار ساز مٿن پنهنجي ٻاجھ فرمائي سندن درجات کي بلند فرمائي حبيب رب العالمين جي هجر ۾ پاڻ هميشھ هنجون هاربندا هئا ڪين پنهجي هنج ۾ وني ۽ پاڻ ڪين اسان لاءِ وسيلھ آخرت بنائين آمين ثم آمين بجاه سيدالمرسلين وعلي آله واصحابھ اجمعين.

..الاصلاح.. جي ٿورن سان

Marfat.com

# تعزيتي تاثرات بُڪ مان

چوندڊ اقتباس

حيف درچشم زدن صحبت يار آخر شد
روئے گل سير نديدم و بهار آخر شد

رڻ جي ڪارين راتين ۾ مون ڪين ٿڪن ماندن راهين جي رهنمائي لاءِ پني مهل باهڙي بارينديون ڏٺو. سندن دڪايل دونهين تي پتڪيل اداس ۽ نراس انسانن کي آساس ڪندي ڏٺم ۽ ڪجهه ڏينهن پاڻ به وٽس ساهي پٽيم. شايد حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليہ اهڙن ئي محبت جا مچ مچائيندڙ اعليٰ انسانن ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو آهي

پني تيون پڙڪن باهيون بيراگين جون،
هلو تہ سيڪيون هتڙا متي تن مچن.

جڳ مشهور عالم ۽ بزرگ اعليٰ حضرت خواجہ محمد ابراهيم جان سرهندي قدس سره جن خوف خدا ۽ عشق رسول جي اهڙي جوت جلائي جنهن جي لاٽ ۾ ڪيئي ابوجهہ انسان سنئين وات لهي سوڀارا ٿيا. واقعي سائين جن بي سهارن لاءِ ڇپر ڇانو ۽ دردوندن دلين جا ويج هئا. سندن حضور ۾ پهچي پياسا نيڻ ٺرندا هئا ڪيترن ئي اجهاٽل دلين جا ڏيئا ٻرندا هئا. جنهن جي روشني ۾ اونداهي رات جا مسافر پنهنجي راه جو تعين ڪندا هئا. اڄ سنڌ جي سرموڙ عالم ۽ بزرگ کي سارينديي بي ساختہ زبان تي ڀٽائي جا هي ٻول اچن ٿا

Marfat.com

اج نـہ اوطـاقـن ۾ طـالـب تـنـواربـن،
آديـسـي اوٺـي ويـا مـڙهـيـون مـون ماربـن،
جي جيءَ کي جيـاربـن سي لاهوتي لڏي ويا.

**مفتي محمد سلطان نعيمي**

صدر مدرس مدرسہ غوثيہ مجدديہ حقاني
ڏاڪلو ٿرپارڪر

## گفتگو

حضرت ابراهيم عليہ السلام خدا تعاليٰ جي حڪم سان پنهنجي فرزند حضرت اسماعيل عليہ السلام جي ڪنڌ تي جيڪا ڪاتي هلائي اوها نسل در نسل منتقل ٿيندي بني اسرائيل جي هڪڙي عابد زاهد شخص وٽ ميراث ۾ آئي. هڪڙي ڏينهن اوهو مومن پانهون ڪاتي لوهار وٽ ڪٺي ويو ۽ چيائين تہ ڪاتي تي تمام گهڻون ڪٽ چڙهي ويو آهي اوهان نپي تکي ڪري رکو. ايستائين آئون فلاڻي ڪم مان فارغ ٿي اچان ٿو. لوهار ڪاتي باهہ ۾ وڌي گهڻي دير گدري پر ڪاتي گرم نہ ٿي. دوباره باهہ ۾ وڌائين پر وري بہ گرم نہ ٿي. ٽئين دفعي گهڻا انگار وجهي خوب باهہ کي پڙڪايائين تہ بہ ساڳي طرح ڪاتي ٺڏي ٺپي رهي. ايتري ۾ مالڪ آيو لوهار کيس سڄي ڳالهہ ٻڌائي، هن اعتبار نہ ڪيو. لوهار کيس مڃائڻ لاءِ پنهنجي پير ۾ ويهاري پڪو هلائڻ لڳو.

ڪاتي جو مالڪ ولايت جي درجي تي پهتل هو. پنهنجي روحاني قوت وسيلي باهہ ۽ ڪاتي جي گفتگو ٻڌائين باهہ چيو تہ تون وري آئي آهين آئون توکي ٻڌائي چڪي آهيان تہ توکي انهي نبي سڳوري جا هٿ لڳا آهن جنهن کي جڏهن نمرود جي حڪم سان مون ۾ (باهہ جي آڙاهہ ۾) وڌو ويو ان وقت مون کي الله جو حڪم ٿيو تہ منهجي دوست ابراهيم عليہ السلام کي ويجهو بہ نہ وڃجانءِ. سندس هڪڙو وار بہ نہ سڙي آئون الله جو حڪم مڃڻ واري فرمانبردار آهيان. ڪاتي چوڻ لڳي تہ توکي خدا جو هڪڙي دفعي حڪم ٿيو پر مون کي رب پاڪ جو ستر دفعا حڪم ٿيو تہ خبردار! اسماعيل عليہ السلام جي هڪڙي رڳ بہ نہ ڪٽجانءِ

Marfat.com

# تعزيتي تاثرات بڪ مان

پيو چونڊ اقتباس

عشق الاهي سان سرشار دل رکندڙ حضرت محمد ابراهيم جان سرهندي رحمت الله عليہ جي نوراني شخصيت، جنهن جي ديدار لاءِ منهنجون اکيون قيامت تائين ترسنديون

جيڪس قيام مڙن تہ ڪر اوڏا سپرين

حضرت صاحب جي شخصيت بقول شيخ فخرالدين عراقي رحمت الله عليہ جي دوعالم دام کردند واري مرتبي جي هئي سندن فيض نظر سموري سنڌ کي منور ڪيو اڄ اک ٿي ڦيرائجي تہ سڄي سنڌ خالي ٿي نظر اچي. ذاتي طرح آئون سندن زير بار احسان رهيو آهيان مون کي سندن محبت ۽ شفقت ۽ سندن منهنجي حق ۾ ڪيل دعائون هميشہ ياد رهنديون. پاڻ عالم با عمل ۽ الله جا ڪامل ولي هئا. سندن آخري سفر ۾ مون کي ائين محسوس ٿيو تہ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليہ جا سيئي سُر چڻ تہ جنازي سان گڏ سفر ڪري رهيا هئا. ۽ اوهي مون کي سمجھہ ۾ اچڻ لڳا. آئون اڄ بہ سندن رخ انور کي پنهنجي دل ۾ هڪ روشني وانگر محسوس ٿو ڪريان. الله جون مٿن رحمتون هجن. الله تعاليٰ سندن درجات کي بلند ڪري ۽ سندن دعائن کي اسان جي حق ۾ مقبول فرمائي.

آمين

هرگز نميرد آنکہ دلش زنده شد بعشق
ثبت است برجريده عالم دوام ما

سندن پيرن جي پٽي

**پروفيسر محمد يعقوب ثاقب آريسر**
گورنمينٽ ڊگري ڪاليج عمرڪوٽ

Marfat.com

Marfat.com

